بسم الله الرحمن الرحيم

## هن شماري جا عنوان


اداريو

تفسير ۽ علوم قرآن

2. تفسير قرآن / سورت بقره، — سهيڙيندڙ: بخت علي شر

3. پاڙهي ملندم هوت ... — ادارو

4. اصحاب مدين جو داستان ۽ منجهس عبرت پريو درس — معشوق علي جلالاڻي (مهدوي)

تاريخ ۽ سيرت

5. حضرت فاطمہ س سرّ ليلة القدر — ادارو

6. حضرت امام محمد باقرع، نبي اڪرم جي علم جو پاسبان — علي گوهر ايماني

7. باب الحوائج جي عبادت جو انوکو انداز — سيد علي نقي نقوي

8. امام زمانہ (عج) جي خاص صحابين جي فضيلت ۽ خاصيتون — نويد حسين

اسلامي عقيدا

9. توحيد صفاتي / خدا شناسي — نويد حسين چنہ

10. سوال ۽ جواب — اطهر علي گوپانگ (مطهري)

اخلاق ۽ تربيت

11. پاڻ سنوارڻ مقام معظم رهبري جي نگاهہ ۾ — عاشق علي چنہ

گهر ۽ معاشرو

12.حضرت زهرا س جي سيرت جي روشني ۾ ڪامياب زندگي جا سونهري اصول — غلام قاسم تسنيمي

علماء جي سوانح حيات

13. محقق ثاني، شيعن جو سرواڻ — نظير احمد چانڊيو (بهشتي)

فقہ ۽ شرعي احڪام

14. نماز جا واجبات (3) / شرعي احڪام — بخت علي شر



f mawadatmag | 00989192526756 | mawadat

**تطهير فائونڊيشن پاڪستان**
www.mawadat.com
Email : tatheerfoundation@yahoo.com
0098_919_2526756 / 0098_910_9962876
0300 _ 3191476 / 0305_2022062

**اداره مبلغان جعفريہ سنڌ پاڪستان**
www.djafria.com
Email : rhp14@yahoo.com
0098_919_9848831


# مودت

قُلْ لَا أَسْأَلُكُمْ عَلَيْهِ أَجْرًا إِلَّا الْمَوَدَّةَ فِي الْقُرْبَىٰ


www.mawadat.com

ربيع الثاني کان رمضان المبارڪ تائين جو شمارو
سال (1438) شمارو (16)



**چيف ايڊيٽر:** نائب علي ڪميلي

**ايڊيٽر:** نويد حسين چنہ

**سب ايڊيٽر:** رياض حسين ساجدي

**مشاورتي بورڊ:**

عنايت علي روحاني — علي گوهر ايماني

اطهر علي مطهري — بخت علي شر

معشوق علي مهدوي

**نمائندن جو انچارج :**

محترم عباس علي عسڪري (سکر: 0300-3191476)

**سرڪيوليشن آفيسر:**

محترم عرفان حيدر رند (ڪراچي: 03052022062)

**نمائندا:**

**درگاهہ پٽ شاهہ:** مولانا امير بخش ميثم (03023645306)

**هالا:** مولانا غلام عباس (03115526090)

**نوابشاهہ:** سيد مستجاب حسين (03003225233)

**خيرپور ميرس:** مولانا راشد علي رباني (03443815595)

**سکر:** نثار علي اوٽو (03003139312)

**لاڙڪاڻو:** افضل علي پٽو (03458982388)

**جيڪب آباد:** عابد حسين گهنيو (03443110791)

**شڪارپور:** سيد لياقت علي شاهہ (03013970318)

**ميرپور ماٿيلو:** غلام حسين سيال (03003198927)

**گهوٽڪي:** آصف علي شيخ (03337225013)

**سانگهڙ:** عرفان علي لسڪاڻي (03332916518)

**بدين:** مولانا غلام نبي اخلاقي (03463855371)

**قدمگاهہ حيدرآباد:** مولانا الله بچايو ناصري (03063218714)

**عمرڪوٽ:** مولانا ارشاد علي عرفاني (03453747421)

**شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي:** حسنين رضا چنہ (03013833002)


**نوٽ:**

رسالي ڪي مقالي جي وڌاءُ ۽ گهٽاءُ ۾ حق حاصل هوندو ۽ رسالي جي مضمون ڪي اداري جي اجازت سان نقل ڪري سگهجي ٿو. رسالي جو ليکڪ جي راءِ سان متفق هجڻ ضروري نہ آهي.

**قيمت:** في عدد **80** روپيہ

## تفسير قرآن (تفسير سوره بقره)

مَثَلُهُمْ كَمَثَلِ الَّذِي اسْتَوْقَدَ نَاراً فَلَمَّا أَضَاءتْ مَا حَوْلَهُ ذَهَبَ اللّهُ بِنُورِهِمْ وَتَرَكَهُمْ فِي ظُلُمَاتٍ لاَّ يُبْصِرُونَ ﴿١٧﴾ صُمٌّ بُكْمٌ
عُمْيٌ فَهُمْ لاَ يَرْجِعُونَ ﴿١٨﴾ أَوْ كَصَيِّبٍ مِّنَ السَّمَاءِ فِيهِ ظُلُمَاتٌ وَرَعْدٌ وَبَرْقٌ يَجْعَلُونَ أَصْابِعَهُمْ فِي آذَانِهِم مِّنَ الصَّوَاعِقِ
حَذَرَ الْمَوْتِ واللّهُ مُحِيطٌ بِالْكافِرِينَ ﴿١٩﴾ يَكَادُ الْبَرْقُ يَخْطَفُ أَبْصَارَهُمْ كُلَّمَا أَضَاءَ لَهُم مَّشَوْاْ فِيهِ وَإِذَا أَظْلَمَ عَلَيْهِمْ قَامُواْ
وَلَوْ شَاءَ اللّهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَأَبْصَارِهِمْ إِنَّ اللَّه عَلَى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيرٌ ﴿٢٠﴾ يَا أَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُواْ رَبَّكُمُ الَّذِي خَلَقَكُمْ
وَالَّذِينَ مِن قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُونَ ﴿٢١﴾ الَّذِي جَعَلَ لَكُمُ الأَرْضَ فِرَاشاً وَالسَّمَاءَ بِنَاءً وَأَنزَلَ مِنَ السَّمَاءِ مَاءً
فَأَخْرَجَ بِهِ مِنَ الثَّمَرَاتِ رِزْقاً لَّكُمْ فَلاَ تَجْعَلُواْ لِلّهِ أَندَاداً وَأَنتُمْ تَعْلَمُونَ ﴿٢٢﴾ وَإِن كُنتُمْ فِي رَيْبٍ مِّمَّا نَزَّلْنَا عَلَى عَبْدِنَا فَأْتُواْ
بِسُورَةٍ مِّن مِّثْلِهِ وَادْعُواْ شُهَدَاءَكُم مِّن دُونِ اللّهِ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ ﴿٢٣﴾ فَإِن لَّمْ تَفْعَلُواْ وَلَن تَفْعَلُواْ فَاتَّقُواْ النَّارَ الَّتِي
وَقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ أُعِدَّتْ لِلْكَافِرِينَ ﴿٢٤﴾

١٧. سندن (منافقن جو) مثال انهيءَ جي مثال جهڙو آهي جنهن باهه ٻاري، ( تہ جيئن هو جهنگل جي اونداهين ۾ پنهنجو رستو ڳولهي سگهي) پوءِ جنهن مهل باهه پنهنجي آس پاس کي روشن ڪيو (تنهن مهل) اللّٰه ( هڪ طوفان ڪي موڪلي ٿو جيڪو) سندن سوجهري ڪي اجهائي ڇڏي ٿو ۽ کين اونداهيءَ ۾ ڇڏي ڏئي ٿو تہ جيئن نہ ڏسن .

١٨ - اُهي) ٻوڙا، گونگا، انڌا آهن( انهيءَ سبب جي ڪري) پوءِ اُهي (گهمراهي ڪان هدايت جي طرف) نہ موٽندا .

١٩ - يا (سندن مثال اُنهي) آسماني برسات (وارن) جهڙو آهي جنهن ۾ اونداهيون ۽ گوڙ ۽ وڄ هجي، اُهي پنهنجيون آڱريون پنهنجن ڪنن ۾، ڪڙڪن ڪان موت جي ڀَو ڪري وجهن، ۽ اللّٰه ڪافرن کي گهيرو ڪندڙ آهي( ان جي قدرت جي قبضہ ۾ آهن)

٢٠ - ڪنوڻ سندن اکين (جي سوجهري ڪي) اُمالڪ (اوچتو) کسڻ تي هُجي، جڏهن انهن لاءِ چمڪي تہ منجهس هلن ٿا، ۽ جڏهن مٿن اوندهہ ڪري تڏهن بيهي رهن ٿا، ۽ جيڪڏهن اللّٰه گهري تہ سندن اکيون ۽ سندن ڪن ضرور وڃائي ڇڏي، بيشڪ اللّٰه سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي .

٢١ _ اي ماڻهؤ پنهنجي انهيءَ پالڻهار جي عبادت ڪريو جنهن اوهان کي ۽ جي اوهان ڪان اڳ هُئا تن کي پيدا ڪيو تہ مانَ اوهين ڊڄو .

٢٢ _ جنهن اوهان لاءِ زمين کي وڇاڻو بڻايو ۽ آسمان کي ڇت، ۽ (مينهن جو) پاڻي آسمان ڪان وسايائين پوءِ اُن سان (هر جنس جي) ميون منجهان اوهان لاءِ روزي پيدا ڪيائين، پوءِ اوهين اللّٰه سان ڪنهن کي شريڪ نہ ڪريو جڏهن تہ اوهين ڄاڻو ٿا ( تہ انهن نہ ڪنهن کي پيدا ڪيو آهي نہ اهي رزق ڏئي سگهن ٿا)
.

٢٣ - ۽ پنهنجي ٻانهي (مُحَمَّد ﷺ) تي جيڪو (قرآن) لاٿوسون جيڪڏهن اوهين ان ۾ دو دل ۽ شڪ ڪندڙ آهيو تہ پوءِ ان جهڙي ڪائي سُورة بڻائي آڻيو، ۽ اللّٰه ڪان سواءِ پنهنجا مددگار (بہ) سڏيو جيڪڏهن ( توهان پنهنجي دعوا ۾) سچا آهيو.

٢٤_ بس جيڪڏهن نہ ڪري سگهو ۽ ڪري بہ ڪڏهن نہ سگهندؤ، تہ انهيءَ باهہ کان ڊڄو جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پهڻ (پٿر) آهن، جيڪا ڪافرن(نہ مڃيندڙن) لاءِ تيار ڪئي وئي آهي .

**ڏکين لفظن جي معني:**

**اسْتَوْقَدَ:** ( وقد: باهہ کي ٻارڻ[1]) هن باهہ کي ٻاريو

**أَضاءَت** (الضوء: اها شيءِ جيڪا نوراني شين مان ڦلجي[2] نور) روشن ڪيو

**صُمٌّ** ( الصم: جنهن کي ٻڌڻ جي حس نہ هجي، جيڪو حق جي طرف مائل نہ ٿئي يا قبول نہ ڪري تہ ان جي صفت بہ هن لفظ سان آندي ويندي آهي[3] جهڙي طرح آيت ۾ بہ ذڪر ٿيو آهي) ٻوڙا

**بُكْمٌ:** ( ابڪم جي جمع بڪم آهي، جنهن جي معني گونگو هجڻ آهي پر اخرس ۽ ابڪم ۾ فرق هي آهي تہ اخرس جيڪو حقيقي معني ۾ ماءُ پيٽان ئي گونگو هجي جنهن ۾ ڳالهائڻ جي صلاحيت نہ هجي پر ابڪم ائين نہ آهي يعني ڳالهائڻ جي طاقت رکندو هجي پر جواب نہ ئي سگهي ۽ ڪلام کي بهتر انداز ۾ بيان نہ ڪري سگهي. بس ابڪم عام آهي يعني گونگو مادي( حقيقي گونگو) ۽ معنوي( گونگو ناهي پر گونگن وانگر خاموش آهي) انهيءَ ڪري قرآن مجيد ۾ بہ ان کي استعمال ڪيو ويو آهي نہ اخرس.[4]) گونگو

**عُمْي:** ( عمي يعني بصر جو نہ هجڻ ، بصر يعني اهو علم جيڪو اک يا قلب سان حاصل ٿئي. نتيجي ۾ عمي اهو آهي جنهن کي اک ۽ قلب ذريعي علم نہ هجي[5]) انڌهو

**صَيِّب:** مينهن وارو جهڙ[6]

**أَصابِعَ:** ( اصابع اصبع جي جمع آهي) آڱريون

**حَذَرَ:** ڀوءُ خوف

**رَعْد :** جهڙ مان نڪرندڙ آواز[7] گوڙ

**الْبَرْق:** جهڙ مان نڪرندڙ چمڪ[8]ڪنوڻ.

**صواعق:** صاعقہ جي جمع صواعق آهي يعني هلاڪ ڪندڙ عذاب. هڪ تيز روشنائي جيڪا ڪرڻ سان جلدي وسامي ويندي آهي[9] وڄ . ڪنوڻ جو ڪري پوڻ

**يَكادُ:** قريب آهي

[1] قرشي، علي اکبر، قاموس قرآن - تهران، چاپو، ڇهون، ١٣٧١ ه. ش. ج٧ ؛ ص٢٣٣

[2] راغب اصفهاني، حسين بن محمد، مفردات ألفاظ القرآن - بيروت، چاپ: اول، ١٤١٢ ه.ق. ص ٥١٤

[3] مفردات الفاظ القرآن ؛ ص٤٩٢

[4] مصطفوي، حسن، التّحقيق في كلمات القرآن الكريم — بيروت -قاهره- لندن، چاپو: ٽيون ، ١٤٣٠ ه.ق. ج ١ ؛ ص٣٥٠

[5] التّحقيق في كلمات القرآن الكريم ج ٨ ص ٢٧٩۽ ٢٨٠

[6] مفردات ألفاظ القرآن ص ٤٩٥

[7] مفردات ألفاظ القرآن ص ٣٥٧

[8] مفردات ألفاظ القرآن ص ١١٨

[9] طريحي: فخر الدين بن محمد، مجمع البحرين - تهران، چاپو ٽيون، ١٣٧٥ ه.ش. ج ٥ ص ٢٠١

**يَخْطَفُ:** ( خطف: ڦڙتي، جهٽ ۽ جلد بازي سان چورائڻ[10] ) هو چورائي ٿو

**فِراشاً:** وڇائڻ هتي مصدر مفعول جي معني ۾ آهي يعني وڇايل[11] .

**بِناءً :** ڇهيل . هتي بہ مصدر مفعول جي معني ۾ آهي.

**الثَّمَراتِ :** ثمره جي جمع، يعني ميوا

**أَنْداد:** ند جي جمع يعني شريڪ

**وَقُودُ:** اهي ڪاٺيون جيڪي باه کي ڀڙڪائڻ لاءِ وڌيون ويندبون آهن[12]

**الْحِجارَةُ :** (حجر جي جمع ) پٿر

**تفسيري نڪات**

**آيت 17_** ڪنهن مشڪل علمي مطلب کي بيان ڪرڻ جو بهترين ۽ آسان ترين طريقو مثال ڏيڻ آهي جنهن ۾ معقولات کي محسوسات ۾ تبديل ڪري مخاطب لاءِ بيان ڪبو آهي[13] هتي بہ الله تبارڪ و تعالي هن آيت ۾ هڪ مثال ڏئي منافقن جي حالت کي بيان ڪري ٿو تہ: منافق ان شخص وانگر آهي جيڪو هڪ اونداهي ۾ ڦاٿل آهي اهڙي طرح جو ڀلائي، برائي، سنئي واٽ، ڀليل واٽ، فائدي ۽ نقصان ۾ فرق نٿو ڪري سگهي. پوءِ ان حالت مان نڪرڻ لاءِ مختلفن طريقن ۽ اسبابن ذريعي ڪجھ هٿ پير هڻڻي ٿو مثال ان اونده کي ختم ڪرڻ لاءِ باه ٻاري ٿو تہ جيئن پنهنجي اطراف ۽ آس پاس ۾ ڪجھ ڏسي سگهي، پر جڏهن اها باه ٻري ٿي ۽ ڪجھ روشنائي ٿئي ٿي تہ خداوند متعال ان کي مختلف اسبابن سان ختم ڪري ڇڏي ٿو مثال باه لاءِ تيز هوا يا مينهن کي موڪلي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ باه وسامجي وڃي ٿي ۽ ٻيهر ان اونداهي ۾ رهي ٿو. پر هن دفعي تہ ٻن اونداهين ۾ ڦاسي پئي ٿو هڪ ڪاري اونداهي ٻيو حيرت جي اونداهي ۽ وسيلن ۽ اسباب جو بي فائده ٿيڻ .

اهوئي منافقن جو حال آهي جو هو ظاهر ۾ تہ مومن ٿين ٿا جنهن جي نتيجي ۾ اهي مومنن سان نڪاح ۽ ميراث وغيره حاصل ڪري سگهن ٿا، پر جڏهن انهن تي موت اچي ٿو جنهن وقت هنن کي ايمان ڪم اچڻ گهرجي پر الله سائين ان ايمان جي نور کي انهن کان واپس کسي وٺي ٿو، هنن جي ڪيل تمام اعمال کي باطل ڪري انهن کي ساڳئي اونداهي ۾ ڦٽو ڪري ڇڏي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ هو ٻن اونداهين ۾ رهجي وڃن ٿا هڪ اصلي اونداهي ٻيو جيڪا اعمالن جي برباد ٿيڻ جي نتيجي ۾ حاصل ٿي اٿن.[14]

**آيت 19_** منافقن جي لاچاري: هن آيت ۾ بہ الله تبارڪ و تعالي، منافق (جيڪو ايمان جو اظهار ڪري ٿو پر اندر ۾ ڪافر آهي) جي حالت کي بيان ڪرڻ لاءِ هڪ ٻيو مثال ڏنو آهي تہ منافق ان شخص وانگر آهي جيڪو هڪ اهڙي اونداهي ۾ آهن جنهن ۾ ڪنهن بہ شيءِ کي ڏسڻ ممڪن ئي نہ آهي ان سان گڏ سخت ۽

[10] مفردات ألفاظ القرآن ص ٢٨٢
[11] قاموس قرآن ؛ ج٥ ؛ ص١٦٠
[12] قاموس قرآن ؛ ج٤ ص ٤٧٥
[13] حسيني شاه عبدالعظيمي، حسين بن احمد، تفسير اثنا عشري ج١ ص ٧٧ ( سافٽ ويئر جامع التفاسير)
[14] علامہ طباطبائي، محمد حسين، تفسير الميزان ج ١ ص ٥٥ ۽ ٥٦ ( سافٽ ويئر جامع التفاسير)

شديد برسات ۾ هجي جيڪا ڪنوڻين جي چمڪات ۽ گوڙين جي گجگات سان وسي رهي هجي گوڙيون ۽ برسات ان کي پڄڻ تي مجبور ڪري رهيون هجن پر ڪاري اونداهي ۾ اهو ۾ ممڪن نہ هجي جنهن جي نتيجي ۾ هو ڪنوڻ جي چمڪي ۾ هلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو پر اهو چمڪو تمام ٿورو آهي جنهن جي ڪري ان جي ڪا بہ مدد ممڪن ناهي

منافق بہ ايمان کي  پسند نٿو ڪري جنهن جي ڪري دل سان ان کي قبول ئي نہ ڪيو اٿس البتہ هو هڪ مسلمان جي صورت ۾ زندگي گزارڻ جي ڪوشش ڪري ٿو لڪن خداوند متعال ان جي چال کي پڌرو ڪندورهي ٿو.[16]

**آيت23_** قرآن مجيد سان مقابلو: الله تبارڪ و تعالي هن آيت ۾ جيڪي قرآن مجيد جي هدايت يا ان جي نزول ۾ شڪ ڪن ٿا قرآن مجيد جهڙي ڪتاب آڻڻ جي دعوت ڏئي ٿو ۽ دعوت بہ صاف ۽ تمام مضبوط انداز ۾ بيان ڪئي وئي آهي ايستائين جو انهن جي غيرت کي بہ للڪاريو ويو آهي تہ جيڪڏهن توهان اڪيلا ڪجهہ نٿا ڪري سگهو تہ توهان پنهنجي شاهدن کي بہ سڏيو( هتي شاهدن مان مراد اهي ماڻهو آهن جيڪي رسالت جي انڪار ڪرڻ ۾ انهن جي مدد ڪندا هئا[16]) يا جيڪڏهن پنهنجي دعوا ۾ سچا آهيو تہ قرآن جهڙو ڪتاب پيش ڪري پنهنجي دعوا کي سچو ڪري ڏيکاريو. ان ڪان علاوه من دون الله وارو جملہ بيان ڪري ٿو تہ جيڪڏهن دنيا جا انسان گڏجي ڪوشش ڪن تڏهن بہ قرآن جي مقابلي ۾ ڪتاب پيش نٿا ڪري سگهن بس اهو ڪم فقط خدا ئي ڪري سگهي ٿو.[17]

اهڙي قسم جي تحدّي( اهڙي مقابلي جو اعلان جيڪو مڪمل اعتماد ۽ يقين سان ڪيو وڃي) ٽن مرحلن ۾ ٿي آهي، پهريون سوره اسراء جي آيہ ٨٨ ۾ جنهن ۾ اعلان ٿيو تہ ﴿قُلْ لَئِنِ اجْتَمَعَتِ الْإِنْسُ وَالْجِنُّ عَلَى أَنْ يَأْتُوا بِمِثْلِ هٰذَا الْقُرْآنِ لَا يَأْتُونَ بِمِثْلِهِ وَلَوْ كَانَ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ ظَهِيراً .﴾ هن آيت ۾ انسانن ۽ جنن کي پوري قرآن آڻڻ لاءِ چيو ويو آهي، البتہ اهو بہ اعلان ڪيو ويو آهي تہ اهو توهان ڪڏهن بہ نٿا ڪري سگهو توڙي جو ان ڪم ۾ هڪٻئي جا يارو مددگار بڻجو.

ٻيو مرحلو سوره هود جي آيت ١٣ ۾ جنهن ۾ ارشاد ٿيو تہ ﴿أَمْ يَقُولُونَ افْتَرَاهُ قُلْ فَأْتُوا بِعَشْرِ سُوَرٍ مِثْلِهِ مُفْتَرَيَاتٍ وَادْعُوا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِنْ دُونِ اللَّهِ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ﴾ هن آيت ۾ فقط ڏهن سورتن جي ناهڻ لاءِ چيو ويو ۽ خدا کان علاوه ٻين مڙني کان مدد وٺڻ جي بہ ڇوٽ ڏني وئي.

ٽيئن مرحلي ۾ سوره بقره جي آيت ٢٣ ۾ ارشاد ٿيو تہ : ﴿وَإِنْ كُنْتُمْ فِي رَيْبٍ مِمَّا نَزَّلْنَا عَلَى عَبْدِنَا فَأْتُوا بِسُورَةٍ مِنْ مِثْلِهِ وَادْعُوا شُهَدَاءَكُمْ مِنْ دُونِ اللَّهِ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ﴾ ۽ ٻيو سوره يونس جي آيت ٣٨۾ ارشاد ٿيو تہ: ﴿أَمْ يَقُولُونَ افْتَرَاهُ قُلْ فَأْتُوا بِسُورَةٍ مِثْلِهِ وَادْعُوا مَنِ اسْتَطَعْتُمْ مِنْ دُونِ اللَّهِ إِنْ كُنْتُمْ صَادِقِينَ.﴾ هنن ٻنهي آيتن ۾ فقط هڪ

[15] علامہ ، الميزان ج ١ ص ٥٦
[16] ناصر مڪارم  شيرازي، تفسير نمونہ ج ١ ص ١٢٨ ( سافٽ ويئر جامع التفاسير نور)
[17] تفسير نمونہ ج ١ ص ١٢٨

سورت آڻڻ جو چيو ويو آهي، جڏهن تہ دشمن بيشمار سهولتن با وجود هن وقت تائين انهن جو جواب نہ ڏئي سگهيو آهي جنهن مان دشمن جي گهمراهي ۽ قرآن جي حقانيت صاف ظاهر آهي.

### قرآن مجيد هڪ هميشہ زنده رهندڙ معجزو:

قرآن مجيد اهڙين شين ۽ فنون تي ٻڌل آهي جنهن جو هن وقت تائين دنيا مثل پيش نہ ڪري سگهي آهي انهن مان ڪجهہ هتي بيان ڪجن ٿيون.

١_ فصاحت ۽ بلاغت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. جنهن جو هن وقت تائين ڪو بہ فصيح ۽ بليغ مثل پيش نہ ڪري سگهيو آهي.
٢_ انساني علوم ۽ معارف الاهي ۾ ڪابہ ڪسر ناهي ڇڏي.
٣_ ان جو آڻيندڙ ڪنهن بہ مڪتب، مدرسي ۽ دنياوي درسگاه ۾ ناهي پڙهيو.
٤_ ڪيترائي مرتبا مستقبل ۽ غيب جو خبرون بيان ڪيون اٿس.
٥_ جڏهن تہ قرآن هڪ دفعي نہ پر تدريجي ۽ ٢٣ سالن جي طويل عرصي ۾ نازل ٿيو پر ڪٿي بہ مطالب ۾ تضاد نٿو پاتو وڃي.[١٨]

اهڙا ٻيا ڪيترائي مقام آهن جيڪي ان جي معجزه هجڻ کي بہ بانگ دهل بيان ڪري رهيا آهن

**آيت 24_** جهنّم جي باه ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

خداوند متعال هن آيت ۾ هڪ مستقبل جي خبر ڏئي رهيو آهي تہ : جيڪڏهن هڪ بہ سورت نہ آڻي سگهو. بعد ۾ ارشاد ٿئي ٿو تہ : بلڪ ڪڏهن بہ ڪري نہ سگهندا ! ڇو جو عربي گرامر ۽ قواعد مطابق لن تفعلوا ۾ هميشہ جي نفي ٿيل آهي، لهذا هي هڪ غيب ۽ مستقبل جي خبر آهي جيڪا هن وقت تائين سچ ثابت ٿي آهي.[١٩] بس جيڪڏهن ڪڏهن بہ ان جهڙو نٿا آڻي سگهو تہ هاڻي بہ صورتون آهن يا ان کي قبول ڪريو يا ان باه لاءِ تيار ٿيو جنهن جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن.

هتي هڪ سوال پيش اچي ٿو تہ ان باه جو ٻارڻ انسان ۽ پٿر آهن ان جو مطلب ڇا آهي؟ ان جي جواب ۾ بعض مفسرين قول ۽ نظريہ پيش ڪيا آهن هڪ اهو تہ جيڪڏهن ان باه جو ٻارڻ پٿر آهن تہ پوءِ ان جي قوّت ۽شدت ڪيتري هوندي، ان جي آڏو انساني جسمن جو ڇا حشر هوندو! (نعوذ بالله منها) ٻيو جواب هي آهي تہ اهي پٿر اهي بت آهن جن کي پوڄيندا هئا جهڙي طرح قرآن مجيد بہ ان طرف اشاره ڪيو آهي تہ: ﴿إِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ.﴾[٢٠] ٻيون قول هي آهي تہ اهي پٿر ڪوئلو آهي جنهن سان باه تيز ۽ ڀڙڪا ڏيندي آهي. هي قول عبدالله بن عباس ۽ عبدالله بن مسعود ۽ ڪجهہ صحابہ جي جماعت جو آهي بهرحال ٻئي قول ان باه جي قوّت شدّت کي بيان ڪندڙ آهن.[٢١]

---

[١٨] تفسير نمونہ ( نقل از آيات حيات . تحقيق سيد مهدي هاشمي ، حسين صديقي. ڇاپو ڇپريون بي تا ج ١ ص ٢٠
[١٩] مجمع البيان ج١ ص ١٥٩
[٢٠] تفسير نمونہ ج١ ١٢٧
[٢١]ابوالفتوح رازي، حسين بن علي، روض الجنان و روح الجنان فی تفسيرالقرآن، ج١، ص: ١٦٤ ( سافٽ ويئر جامع التفاسير نور)

اها باه ڪافرن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي ان باه ڪي ڪافرن سان ان ڪري مخصوص ڪيو ويو آهي جو فقط ڪافر ئي هميشہ جهنّم ۾ هوندا، يا ان ڪري تہ جهنّم ۾ اڪثريت ڪافرن جي هوندي، ٽيون قول هي آهي تہ اهڙي قسم جي خاص باه فقط ڪافرن لاءِ ئي آهي نہ گنهڪار مسلمانن لاءِ ان ڪري هتي ان کي ڪافرن لاءِ بيان ڪيو ويو آهي.[22]

## آيتن مان پيغام

١_ جيڪو انسان خدا جي هڪ نور مان بهرمند نٿو ٿئي اهو هزارين اونداهين ۾ گم ٿي ٿي وڃي ٿو.( بنورهم..... ۾ نور مفرد ۽ ..في ظلمات... ۾ ظلمات جمع جي صورت ۾ آيل آهي.)[23]
٢_ جيڪو انسان خدا جي ڏنل نعمتن مان فائدو حاصل نہ ڪري اهو ان شخص جهڙو آهي جنهن وٽ ڪابہ نعمت نہ هجي. ﴿صُمٌّ بُكْمٌ عُمْيٌ...﴾[24]

٣_ منافق هميشہ پنهنجي واٽ ۾ حيران ۽ پريشان رهندو آهي ﴿أَضاءَ...مَشَوْا، أَظْلَمَ...قامُوا﴾[25]

٤_ منافق بين جي نور جي سوجهري ۾ هلندو آهي ﴿اَضاءَ لَهُمْ﴾

٥_ خدا جي سنّت اها آهي تہ سيني کي آزادي ڏئي پر جيڪڏهن چاهي تہ منافقن کي انڌو گونگو بڻائي ڇڏي. ﴿وَلَوْ شاءَ اللَّهُ لَذَهَبَ بِسَمْعِهِمْ وَأَبْصارِهِمْ﴾[26]

٦_ هن جهان ۾ مڪمل هڪ نظم ۽ ترتيب ۽ هماهنگي خداوند متعال جي وحدانيت جي گواه آهي بس ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ٺاهيو.﴿فَلا تَجْعَلُوا لِلَّهِ أَنْداداً﴾[27]

٧_ خدا پرستي تمام انسانن جي وجدان ۽ فطرت ۾ پاتي وڃي ٿي. ﴿وَأَنْتُمْ تَعْلَمُونَ﴾[28]

٨_ قرآن مجيد جي حقانيت ۾ ايترو يقين محڪم آهي جو جيڪڏهن ڪو هڪ بہ سورت ان جهڙي آڻي تہ ان کي پوري قرآن مجيد جي جاءِ تي قبول ڪنداسين. ﴿فَأْتُوا بِسُورَةٍ مِنْ مِثْلِه﴾[29]

## مددي ڪتاب


١_ابوالفتوح رازي، حسين بن علي، روض الجنان و روح الجنان فی تفسيرالقرآن، ( سافٽ ويئر جامع التفاسير نور)
٢_حسيني شاه عبدالعظيمي، حسين بن احمد، تفسير اثنا عشري ( سافٽ ويئر جامع التفاسير)
٣_راغب اصفهاني، حسين بن محمد، مفردات ألفاظ القرآن - بيروت، چاپ: اول، ١٤١٢ ھ.ق.


---

[22] مجمع البيان في تفسير القرآن ج١ ١٦٠
[23] محسن قرائتي تفسير نور ... ج ١ ص ٦٦ ( سافٽ ويئر جامع التفاسير نور)
[24] ساڳيو ج ١ ص ٦٨
[25] ساڳيو ج ١ ص ٧٠
[26] ساڳيو ج١ ص ٧١
[27] ساڳيو ج١ ص٧٥
[28] ساڳيو ج ١ ص ٧٥
[29] ساڳيو ج١ ص ٧٧

٤_سيد مهدي هاشمي ، حسين صديقي. آيات حيات چاپو پهريون بي تا
٥_طبرسي فضل بن حسن مجمع البيان
٦_طريحي: فخر الدين بن محمد، مجمع البحرين - تهران، چاپو ٹيون، ١٣٧٥ ه.ش.
٧_علامہ طباطبائي، محمد حسين، تفسير الميزان ( سافٹ ويئر جامع التفاسير)
٨_قرشي، علي اكبر، قاموس قرآن - تهران، چاپو، چهون، ١٣٧١ ه. ش.
٩_محسن قرائتي تفسير نور ... ( سافٹ ويئر جامع التفاسير نور)
١٠_مصطفوي، حسن، التّحقيق في كلمات القرآن الكريم، بيروت، قاهره- لندن، چاپو: ٹيون ،١٤٣٠ ه.ق.
١١_ناصر مكارم شيرازي، تفسير نمونہ ج ( سافٹ ويئر جامع التفاسير نور)
.

## پاڻهي ملندم هَوت....

**زيـر نظر قرآني گفتگو جو سلسلو ”ماجراي هاي من و خدا“ يا ”گفتگو بين من و خدا“ جي عنوان سان فارسي زبان ۾ قرآني موضوعات تي مشتمل شايع ٿيندڙ مذهبي، علمي ۽ ثقافتي رسالي ”نسيم وحي“ ۾ شايع ٿيندو رهيو آهي، جيڪو مودت جي قارئين جي خدمت ۾ سليس سنڌي زبان ۾ شايع ڪري رهيا آهيون. (ادارو)**

### توبہ بازگشت بہ سوي او

**چيم: ڪهڙن لاءِ توبہ آهي ۽ ان جو فائدو ڇا آهي؟**

وراڻيائين: إِنَّمَا التَّوْبَةُ عَلَى اللّهِ لِلَّذِينَ يَعْمَلُونَ السُّوَءَ بِجَهَالَةٍ ثُمَّ يَتُوبُونَ مِن قَرِيبٍ فَأُوْلَئِكَ يَتُوبُ اللّهُ عَلَيْهِمْ

الله کي رڳو اُنهن جي توبہ ڪرڻ جڳائيندي آهي جيڪي بي سمجهائيءَ سان گناه ڪندا آهن وري جهٽ پٽ توبہ ڪندا آهن اُنهن تي الله (ٻاجهہ سان) موٽندو آهي. (نساء، ١٧)

**چيم: ڪيستائين مهلت آهي جو پنهنجي گناهن کان توبہ ڪيون!**

وراڻيائين: وَأَنِيبُوا إِلَى رَبِّكُمْ وَأَسْلِمُوا لَهُ مِن قَبْلِ أَن يَأْتِيَكُمُ الْعَذَابُ ثُمَّ لَا تُنصَرُونَ

۽ پنهنجي پالڻهار ڏانهہ ورو ۽ اُن کان اڳي سندس فرمانبردار ٿيو جو اوهان وٽ عذاب اچي (۽) وري مدد نہ ڏنا ويندؤ. (زمر، ٥٤)

**چيم: جيڪڏهن ڪو گناه ڪري ۽ توبہ ۾ دير ڪري ايستائين جو اچانڪ مري وڃي، پوءِ اهو خدائي عذاب کان بچي سگهندو؟**

وراڻيائين: فَإِذَا جَاء أَمْرُ اللَّهِ قُضِيَ بِالْحَقِّ وَخَسِرَ هُنَالِكَ الْمُبْطِلُونَ

پوءِ جڏهن الله جو حُڪم آيو تڏهن انصاف سان نبيرو ڪيو ويندو ۽ اُتي ڪُوڙن ڇيئو پاتو. (غافر، ٧٨)

**چيم: جنهن مهل مرڻ گهڙي تي هو ۽ توبہ ڪيائين پوءِ مري ويو، ڇا ان جي توبہ قبول آهي؟**

وراڻيائين: وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِينَ يَعْمَلُونَ السَّيِّئَاتِ حَتَّى إِذَا حَضَرَ أَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ إِنِّي تُبْتُ الآنَ وَلاَ الَّذِينَ يَمُوتُونَ وَهُمْ كُفَّارٌ

۽ اُنهن جي توبہ قبول ٿيڻي نہ آهي جيڪي بڇڙايون ڪندا (رهندا) آهن ( ۽ نہ ڊڄندا آهن) تان جو جنهن مهل اُنهن مان ڪنهن کي موت پهچي تنهن مهل (ڊڄي) چوي تہ هاڻي آءٌ توبہ ڪريان ٿو ۽ نڪي اُنهن جي (توبہ قبول آهي) جيڪي ڪافر ٿي مرندا آهن. (نساء ١٨)

**چيم: جنهن جي گناهن جو بار گهڻو آهي، ڇا اهو بہ توبہ ڪري پنهنجي اصلاح ڪري سگهو ٿو؟**

وراڻيائين: قُلْ يَا عِبَادِيَ الَّذِينَ أَسْرَفُوا عَلَى أَنفُسِهِمْ لَا تَقْنَطُوا مِن رَّحْمَةِ اللَّهِ إِنَّ اللَّهَ يَغْفِرُ الذُّنُوبَ جَمِيعًا إِنَّهُ هُوَ الْغَفُورُ الرَّحِيمُ

منهنجي طرفان اُنهن کي) چؤ تہ اي منهنجا اُهي ٻانهؤ جن پاڻ تي ظلم ڪيو (اوهين) الله جي ٻاجهہ کان نا اُميد نہ ٿيو، ڇوتہ الله سڀ گناه بخشيندو آهي، بيشڪ اُهوئي بخشڻهار مهربان آهي. (زمر ٥٣)

**چيم: ڪيئن پنهنجي گذريل گناهن جي توبہ ڪيون؟**

وراڻيائين: يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا تُوبُوا إِلَى اللَّهِ تَوْبَةً نَّصُوحًا

اي ايمان وارؤ الله وٽ توبه ڪريو سچي توبه. (تحريم، ٨)

**چيم : حضرت آدم جي توبه جي ڪيفيت ڪيئن هئي؟**

وراڻيائين: فَتَلَقَّىٰ آدَمُ مِن رَّبِّهِ كَلِمَاتٍ فَتَابَ عَلَيْهِ إِنَّهُ هُوَ التَّوَّابُ الرَّحِيمُ

پوءِ آدم پنهنجي پالڻهار وٽان ڪي لفظ سکيا پوءِ (الله) سندس توبه قبول ڪئي، بيشڪ اُهو ئي توبه قبوليندڙ مهربان آهي. (بقره، ٣٧)

**چيم : حضرت آدم ۽ سندس گهرواريءَ، ڪهڙي انداز سان توبه ڪئي؟**

وراڻيائين: قَالَا رَبَّنَا ظَلَمْنَا أَنفُسَنَا وَإِن لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُونَنَّ مِنَ الْخَاسِرِينَ

چيائون ته اي اسان جا پالڻهار اسان پاڻ تي ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن (تون) اسان کي نه بخشيندين ۽ اسان تي ٻاجهه نه ڪندين ته ضرور ڇيئي وارن مان ٿينداسين. (اعراف، ٢٣)

**چيم : الله جي بارگاه ۾ ڪهڙن لفظن سان بخشش گهرون؟**

وراڻيائين: وَقُل رَّبِّ اغْفِرْ وَارْحَمْ وَأَنتَ خَيْرُ الرَّاحِمِينَ

۽ چؤ ته اي منهنجا پالڻهار بخش ۽ رحم ڪر ۽ تون (سڀني) ٻاجهارن کان چڱو آهين. (مومنون، ١١٨)

**حضرت هود (ع) پنهنجي خطاڪار قوم کي ڪيئن توبه ڏانهن دعوت ڪئي ۽ ڪين شوق ڏياريو؟**

وراڻيائين: وَيَا قَوْمِ اسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوبُوا إِلَيْهِ يُرْسِلِ السَّمَاءَ عَلَيْكُم مِّدْرَارًا وَيَزِدْكُمْ قُوَّةً إِلَىٰ قُوَّتِكُمْ وَلَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِينَ

۽ اي منهنجي قوم پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري سندس اڳيان توبه ڪريو ته اوهان تي لڳولڳ وسندڙ ڪڪر موڪليندو ۽ اوهان جي سگهه تي سگهه وڌائيندو ۽ اوهين ڏوهي ٿي منهن نه ڦيريو. (هود، ٥٢)

**چيم : جيڪڏهن ڪير توبه نه ڪري يا سستي ڪري ۽ توبه نه ڪري ته ڪيس ڪهڙو نتيجو ملندو؟**

چيائين: وَمَن لَّمْ يَتُبْ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الظَّالِمُونَ

۽ جن توبه نه ڪئي سي ئي ظالم آهن. (حجرات، ١١)

**چيم : گناهگار ڪهڙن شرطن سان توبه ڪري جو گناهن جي انڌيري کان نجات پائي؟**

چيائين: إِلَّا الَّذِينَ تَابُوا وَأَصْلَحُوا وَاعْتَصَمُوا بِاللَّهِ وَأَخْلَصُوا دِينَهُمْ لِلَّهِ فَأُولَٰئِكَ مَعَ الْمُؤْمِنِينَ

پر جن توبه ڪئي ۽ پاڻ سڌاريو ۽ الله کي چنبڙي ورتو ۽ خالص الله جا حُڪم مڃيا سي مؤمنن سان آهن. (نساء، ١٤٦)

**چيم : جيڪڏهن توبه ڪيون ته ڇا يقينن اسان جا گذريل گناه ميٽجي ويندا؟**

چيائين: وَهُوَ الَّذِي يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهِ وَيَعْفُو عَنِ السَّيِّئَاتِ وَيَعْلَمُ مَا تَفْعَلُونَ

۽ اُهو آهي جو پنهنجن ٻانهن جي توبه قبول ڪندو آهي ۽ مداين کان ٽارو ڪندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو سو ڄاڻندو آهي. (شوريٰ، ٢٥)

**چيم : جيڪڏهن توبه قبول ٿي وئي ته اسان جي تاريڪ ماضي جو ڇا ٿيندو؟**

چيائين: فَأُولَٰئِكَ يُبَدِّلُ اللَّهُ سَيِّئَاتِهِمْ حَسَنَاتٍ وَكَانَ اللَّهُ غَفُورًا رَّحِيمًا

(اهي اهي آهن) جن جون مدايون الله ڦيرائي نيڪيون ڪندو، ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. (فرقان، ٧٠)

**چيم : ڪيڏو نہ مهربان خدا آهي ۽ توبہ ڪندڙن تي ڪيڏو نہ ڪرم ڪري ٿو؟**

چيائين: إِنَّ اللهَ يُحِبُّ التَّوَّابِينَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِينَ

**الله توبہ ڪندڙن کي دوست رکندو آهي ۽ (پڻ) پاڪائي ڪندڙن کي دوست رکندو آهي. (بقره، ٢٢٢)**

## اصحاب مَديَن جو داستان

الله سائينءَ جي حقيقت بنھہ ڳجھي آھي، جنھن جي معرفت جي مهراڻ جي گهرائي ۽ سچاڻپ جي سمونڊ جي پاتال تائين ڪير بہ نہ تو پهچي سگهي، جنھن جي سچاڻپ انسان جي سوچ کان سوين ميل پري آھي، جنھن جي حقيقت کي انسان جو عقل درڪ ئي نہ تو ڪري سگهي. شاھ عبداللطيف ڀٽائي& انهيءَ حقيقت جي عڪاسي هنن لفظن ۾ بيان ڪندي نظر اچي ٿو:

پاڻِهين جلّ جلاله ، پاڻِهين جان جمالُ!

پاڻِهين صورت پرينءَ جي، پاڻِهين حُسن ڪمالُ

پاڻِهين پِيرُ مريد ٿئي ، پاڻِهين پاڻ خيالُ!

سڀ سيوئي حالُ، منجھان ئي معلوم ٿئي[30]

پوءِ الله سائينءَ سندس سڃاڻپ خاطر اهڙيون عظيم هستيون خلقيون جن جي صدقي ئي هن سموري سنسار کي وجود جي پوشاڪ پهريائين، جيڪي نجو نور ۽ سراپا سچيون ۽ پوري دنيا تي فضيلت ۽ رکن ٿيون، جن کي خدا پاڪ حد کان متي چاهي ٿو.

انهيءَ مطلب جي شاھ صاحب هنن لفظن سان ترجماني ڪندي نظر اچي ٿو:

پاڻِهين پَسي پاڻ کي، پاڻِهين محبوب!

پاڻِهين خلقي خوب، پاڻِهين طالبُ تن جو[31]

مخلوق جي هدايت جو ذمو خود خدا پاڪ تي آھي، تنھنڪري ڏٺي تعالىٰ سڀ کان پهريان ڪنھن عام انسان کي نہ بلڪ حضرت آدم× جهڙي نبيءَ کي خلقيو تہ جيئن انسان مٿان سندس حجت بہ تمام ٿي وڃي ۽ انسان بهاني تلاش ڪرڻ کان پڻ قاصر رهجي وڃي.

خدا پاڪ انسان ذات جي سعادت جو سوچيندي سندس سونهپ لاءِ هڪ لک چوويھ هزار نبي موڪليا، هر دور ۾ هر نبي سندس قوم کي خدا پاڪ جي هيڪڙائپ ۽ ان جي ئي بندگي ڪرڻ جي دعوت ڏني. انهن نبين منجهان هڪ حضرت شعيبعليہ السلام پڻ آھي جنھن کي مَديَن وارن ڏانھن پيغمبر بڻائي موڪليو ويو تہ جيئن هيءُ خدا پاڪ جو پيارو پيغمبر ان کُٽي قوم کي سنئين رستي ڏانھن سڏي ۽ مَدَن ڪمن کان روڪي.

اسان هن جاءِ تي اصحاب مَدين جي داستان تي هڪ سرسري نگاھ وجھڻ کانپوءِ سموري داستان کي قرآن ۽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ سربستو بيان ڪنداسين.

اصحاب مَديَن جي داستان تي سرسري نگاھ

حضرت لوطعليہ السلام کان پوءِ ۽ حضرت موسیٰعليہ السلام ۽ بني اسرائيل واري دور ۾ هڪ قومَ «مَدين» نالي شهر (جيڪو مديني ۽ شام جي وچ ۽ تبوڪ جي سرزمين جي بالڪل سامھون ۽ ڳاڙهي درياء (قُلزُم) جي پٽيءَ تي واقع آھي) ۾ پنھنجي زندگي بسر ڪندي هئي، جنھن کي اصحاب مَدين جي نالي سان ڪوٺيو ويندو هو: اهي مُشرڪ ۽ بت پرست هئا ۽ اهڙي نموني ماپ ۽ تور ۾ گهاٽي

---

[30] شاھ جو رسالو، سر ڪلياڻ، داستان پهريون.
[31] ساڳيو، داستان پهريون

واڌي ڪندا هئا ۽ زمين تي ڦڏو ۽ فساد ڪندا هئا. ڪجهه ڪتابن ۾ ملي ٿو ته: اهي ڪنهن وڻ جي پوڄا ڪندا هئا، قيامت تي پڻ عقيدو نه رکندا هئا. خداوند متعال انهن ڏانهن جناب شعيبؑ کي پيغمبر بڻائي موڪليو، جناب شعيبؑ انهن کي بت پرستيءَ کان روڪيو ۽ خدا پاڪ جي عبادت جي طرف دعوت ڏني ۽ اهڙي طرح ماڻ ۽ تور ۾ هيراڦيري ڪرڻ کان پڻ روڪيو، پر ان قوم سندس پيغمبر جي هڪ به نه ٻڌي ۽ رهندو مٿس ٺٺولون ۽ چٽرون ڪرڻ لڳا. ليڪن تنهن هوندي به جناب شعيبؑ تبليغ جو سلسلو جاري رکيو، آخرڪار ان قوم منجهان فقط ڪجهه ڄڻا ئي سڌي واٽ تي آيا ۽ ٻين سندن ابن ڏاڏن جي آئين کي ڪنهن به قيمت تي ڇڏڻ کي قبول نه ڪيو.

پوءِ هن قوم منجهان هنيلن ڪافرن جناب شعيبؑ کي قتل ۽ سنگسار ڪرڻ بابت ڌمڪايو. ان کان علاوه ڪافرن جي سردارن حضرت شعيبؑ ۽ مٿس ايمان آڻيندڙ مؤمنن کي شهر نيڪاليءَ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون. جڏهن ان شهر منجهان آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن ئي ايمان آندو ۽ ٻيا سڀئي جناب شعيبؑ سان سينو ساهي بيٺا ته خدا پاڪ جو پيغمبر سندس قوم جي ايمان آڻڻ کان بالڪل نااميد ٿي وينو ته سندس قوم کي خدا پاڪ جي عذاب کان ڊيڄاريندي چيائين ته: اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي پر تي عمل ڪريو، آءٌ به عمل ڪندڙ آهيان، سگهوئي ڄاڻندؤ ته ڪنهن کي عذاب پهچي ٿو جو ڪيس خوار ڪندو ۽ جيڪو ڪوڙو آهي تنهن کي به، ۽ انتظار ڪريو آءٌ به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.

ان کان علاوه حضرت شعيبؑ هي جملا پڻ چيا: اي اسان جا پالڻهار! اسان ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ تون چڱو فيصلو ڪندڙ آهين. پوءِ حضرت شعيبؑ کين جنهن عذاب جو واعدو ڏنو هو سو اچي مٿن ڪڙڪيو، جناب شعيبؑ ۽ مٿس ايمان آڻڻ وارن نجات ماڻي ۽ نافرمان ۽ ڪافر هلاڪ ٿي ويا، ۽ اهي پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر مري ويا.

قرآن پاڪ ۾ هن ڪڏي قوم تي ايندڙ عذاب ٻن قسمن جو ذڪر ٿيو آهي: ڪجهه آيتن جي لحن ۽ لهجي منجهان سمجهه ۾ اچي ٿو ته: اصحاب مَدين آسماني رڙ ۽ سخت ڪڙڪي (وڄ ۽ ڪنوڻ جي ڪرڻ) وگهي جيڪا قادر جو قهر هئي، هلاڪ ڪيا ويا. ليڪن سورت اعراف ۽ عنڪبوت ۾ آيو آهي ته اصحاب مدين کي زلزلي جي عذاب ذريعي هلاڪ ڪيو ويو. بس انهيءَ آڌار تي چئي سگهجي ٿو ته: اصحاب مدين ٻنهي عذابن جي ذريعي هلاڪ ڪيا ويا.

اصحاب مَديَن مٿان انهيءَ نالي پوڻ جو سبب

«اَصحاب»، هڪ عربي لفظ ۽ «صاحِب» جو جمع آهي، جنهن کي «صحب» ڌاتوءَ کان ورتو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ «ساٿي، سنگتي، دوست ۽ صحبتي» آهي، ۽ جاگرافيائيءَ جي ماهرن،[32] فرهنگ جي مشهور ليڪڪن[33] ۽ قرآن پاڪ جي هاڪاري مفسّرن[34] جي نظريي مطابق «مَدين» هڪ شهر جو نالو آهي، (جيڪو هن وقت جاگرافيائي لحاظ سان مديني ۽ شام جي وچ ۽ تبوڪ جي سرزمين جي بالڪل سامهون ۽ ڳاڙهي درياء (قُلزُم) جي پٽيءَ تي واقع آهي.[35]

---

[32] معجم البلدان، جلد ٥، صفحو ٧٧.

[33] الصّحاح، جلد ٦، صفحو ٢٢٠١؛ لسان العرب، جلد ١٣، صفحو ٥٦، ڏسو: لفظ «مَدين».

[34] التفسير الكبير، ج ١٨، ص ٤٠؛ الميزان، ج، ١٠، ص ٣٦١.

[35] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٦٠.

ڪجھ عالمن سڳورن لکيو آهي تہ: «مَدين» شام جي ڏاکڻي پاسي آهي).[36] (جناب شعيبؑ کي ان شهر ۾ رهندڙ ماڻهن جي هدايت خاطر ڏانهنِ موڪليو ويو هو)[37] ڇو جو اهي ماڻهو «مَدين» نالي شهر ۾ رهندا هئا تنهنڪري تاريخ ۾ کين «اصحاب مَدين» جي نالي سان ياد ڪيو ٿو وڃي.

ڪجھ ٻين مفسّرن ۽ فرهنگ جي ليکڪن شهر کان علاوه «مَدين» کي هڪ قبيلو پڻ لکيو آهي.[38] انهيءَ آڌار تي چاڪاڻ تہ انهن جو لاڳاپو «مَدين» نالي قبيلي سان هو تنهنڪري تاريخ ۾ «اصحاب مَدين» جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

۽ اهڙي نموني ڪجھ تاريخدان[39] ۽ مفسّر،[40] لکن ٿا تہ: مَدين بن حضرت ابراهيمؑ جي ڪري ان شهر جو نالو مَدين پيو ۽ مَدين جي نسل ۽ پيڙهيءَ کي اصحاب مدين جي نالي سان ياد ڪيو ٿو وڃي.[41]

اصحاب مَديَن قرآن مجيد جي نگاھ ۾

قرآن پاڪ هن عبرت ڀريي قصي کي تفصيلي طور ٽن سورتن (سورت اعراف، سورت هود ۽ سورت عنڪبوت) ۾ بيان ڪيو آهي، جن ۾ اصحاب مدين جي ڪردار، سندن شهر، پيغمبر، ۽ ان پيغمبر جي تبليغ ۽ ان پيغمبر سان سندن عڪس العمل ۽ اهڙي نموني مٿن عذاب جو نازل ٿيڻ وغيره کي بالڪل وائکو ڪيو ويو آهي. جهڙي نموني خدا پاڪ جو سورت اعراف ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ:

﴿وَإِلَى مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُواْ اللّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَهٍ غَيْرُهُ قَدْ جَاءتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ فَأَوْفُواْ الْكَيْلَ وَالْمِيزَانَ وَلاَ تَبْخَسُواْ النَّاسَ أَشْيَاءهُمْ وَلاَ تُفْسِدُواْ فِي الأَرْضِ بَعْدَ إِصْلاَحِهَا ذَلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ.... فَتَوَلَّى عَنْهُمْ وَقَالَ يَا قَوْمِ لَقَدْ أَبْلَغْتُكُمْ رِسَالاَتِ رَبِّي وَنَصَحْتُ لَكُمْ فَكَيْفَ آسَى عَلَى قَوْمٍ كَافِرِينَ﴾.[42]

۽ مَدين (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون)، چيائين تہ: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اوهان جو الله کان سواءِ ٻيو ڪو خُدا ڪونہ آهي، بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان چٽيون نشانيون آيون آهن تنهنڪري ماپ ۽ تور پوري ڏيو ونو ۽ ماڻهن کي سنديون شيون گهٽ نہ ڏيو ۽ مُلڪ ۾ اُن جي سُڌاري کان پوءِ فساد نہ وجهو، جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو تہ اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي.

۽ سڀ ڪنهن رستي تي هن لاءِ نہ ويهو تہ جيڪو الله کي مڃي تنهن کي ڌمڪايو ۽ الله جي واٽ کان جهليو ۽ اُن واٽ جي ڏنگائي گهرو، ۽ ياد ڪريو جڏهن اوهين ٿورڙا هيؤ تڏهن اوهان کي وڌايائين، ۽ ڏسو تہ فساد وجهندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي (بڇڙي) ٿي. ۽ جيڪڏهن اوهان مان هڪ ٽوليءَ انهن کي مڃيو آهي جنهن سان موڪليو ويو آهيان ۽ ٻي ٽوليءَ نہ مڃيو آهي تہ (اوهان کي

---

[36] باستان شناسي و جغرافيائي تاريخي قصص قرآن، صفحو ١٧٧.
[37] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٥٩.
[38] مجمع البيان، ج ٥، ص ٢٨٥؛ فرهنگ لغات قرآن، ص ٣٩٧؛ اعلام قرآن، ص ٥٧٣.
[39] تاريخ طبري، جلد ١، صفحو ٢١٧ ۽ ٢١٩؛ البدايہ والنهايہ، جلد١، صفحو ٢١٣؛ تاريخ ابن خلدون، جلد ٢، صفحو ٣٧.
[40] جامع البيان، جلد٨، صفحو ٣٠٧؛ غريب القرآن، صفحو ٥٥٦؛ زاد المسير، جلد ٣، صفحو ١٥٥.
[41] اعلام القرآن، صفحو ٥٧٣.
[42] سورت اعراف، آيت ٨٥ کان ٩٣.

جڳائي تہ ايستائين) صبر ڪريو جيسين اسان جي وچ ۾ الله حُڪم ڪري، ۽ اُهو چڱو حُڪم ڪندڙ آهي. سندس قوم مان هنيلن سردارن چيو تہ: اي شعيب! توکي ۽ جن توکي مڃيو آهي تن کي پنهنجي شهر مان ضرور لوڏيندا سون يا تہ اوهين اسان جي پر ۾ موٽي اچو، شعيب چيو تہ: جيتوڻيڪ اسان اوهان جي دين کي بُڇان پائيندڙ آهيون (تہ بہ) موٽنداسون ڇا؟ جيڪڏهن اسين اوهان جي پر ۾ اُنهيءَ ڪانپوءِ جو الله اسان کي ڪانئس ڇڏايو، موٽي اچون تہ بيشڪ الله تي ڪُوڙ چيوسون، ۽ اسان جي پالڻهار (الله) جي گهُر کان سواءِ اسان کي منجهس موٽڻ نہ جڳائيندو آهي، اسان جي پالڻهار جي علم سڀني شين کي سمايو آهي، اسين الله تي ڀروسو ڪريون ٿا، اي اسانجا پالڻهار! اسان جي ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ تون چڱو فيصلو ڪندڙ آهين.

۽ سندس قوم مان ڪافرن جي ٽوليءَ (پنهنجي يارن کي) چيو تہ: جيڪڏهن اوهين شعيب جي تابعداري ڪندؤ تہ اوهين اُتي جو اُتي ڇيئي وارا ٿيندؤ. پوءِ اُنهن کي زلزلي (جي عذاب اچي) ورتو پوءِ پنهنجي جاين ۾ گوڏن ڀر ڪري مري ويا. جن شعيب کي ڪوڙو ڀانيو سي ڄڻ تہ اُنهن (ڳوٺن) ۾ رهيا ئي نہ هئا، جن شعيب کي ڪوڙو ڀانيو سي ڇيئي وارا هئا. پوءِ ڪانئن مُنهن موڙيائين ۽ چيائين تہ: اي منهنجي قوم! بيشڪ اوهان کي پنهنجي پالڻهار جا پيغام پهچايا اٿم ۽ اوهان جي خيرخواهي ڪيم، تنهنڪري (هاڻي) ڪافر قوم تي ڇا لاءِ ڏک ڪريان.

اهڙي نموني الله پاڪ جو سوت هود ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ: ﴿وَإِلَى مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُواْ اللّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَـهٍ غَيْرُهُ وَلاَ تَنقُصُواْ الْمِكْيَالَ وَالْمِيزَانَ إِنِّيَ أَرَاكُم بِخَيْرٍ وَإِنِّيَ أَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيطٍ.... كَأَن لَّمْ يَغْنَوْاْ فِيهَا أَلاَ بُعْدًا لِّمَدْيَنَ كَمَا بَعِدَتْ ثَمُودُ﴾.[43]

۽ مَدين (جي قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب ؑ کي موڪليوسَون، (شعيب) چيو تہ: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اُن ڪانسواءِ اوهان جو ڪو معبُود ڪونهي، ۽ ماڻ ۽ تور گهٽائي نہ ڏيو، آءٌ اوهان کي آسودو ڏسان ٿو، آءٌ اوهان تي وڪوڙيندڙ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. ۽ اي منهنجي قوم! ماڻ ۽ تور انصاف سان پوري ڏيو ونو ۽ ماڻهن کي سنديون شيون گهٽائي نہ ڏيو ۽ نڪي مُلڪ ۾ فسادي ٿي بگيڙو وجهو.

جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو تہ الله جي بچايل بچت اوهان لاءِ ڀلي آهي، ۽ آءٌ اوهان تي نگهبان نہ آهيان. چيائون تہ: اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ڪيو آهي تہ جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تنهن کي يا پنهنجن مالن ۾ جيڪي ڪرڻ گهرندا آهيون سو ڇڏي ڏيون، (ڇٽر ڪندي چيائون) تہ: بيشڪ بردبار سنئين رستي وارو آهين. جناب شعيب چيو تہ: اي منهنجي قوم! (اوهين ڏسو تہ سهي تہ آءٌ) جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار کان چٽي حُجّت تي هجان ۽ پنهنجي پار کان چڱي روزي مون کي ڏني هجيس (تہ اوهان جو چيو ڪيئن مڃيندس) ۽ جنهن کان اوهان کي جهليان ٿو تنهن کان اوهان (کي جهلڻ) جي ابتڙ هلڻ نہ ٿو گهران، جيڪي تي سگهيم سو سڌارڻ ڪانسواءِ نہ گهرندس، ۽ الله ڪانسواءِ مون کي ڪا سگهہ نہ آهي، مٿس ڀروسو ڪيم ۽ ڏانهس موٽان ٿو.

۽ اي منهنجي قوم! اوهان کي مون سان دشمني ڪرڻ اهڙي عذاب جو سبب نہ بڻجي جهڙو عذاب نوح جي قوم يا هود جي قوم يا صالح جي قوم کي پُهتو، ۽ لُوط جي قوم اوهان کان ڪا پري نہ آهي. ۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو وري ان جي اڳيان توبہ ڪريو، بيشڪ منهنجو پالڻهار مهربان (۽ سڀ ڪنهن جو) سڄڻ آهي. چيائون تہ: اي شعيب! جيڪي تون چوين ٿو تنهن مان گهڻو

[43] سورت هود، آيت ٨٤ کان ٩٥.

نہ ٿا سمجھون ۽ توکي پاڻ مان بلڪل هيٺو ڏسون ٿا، ۽ جيڪڏهن تنهنجو ڪٽنب نہ هجي ها تہ توکي پٿرن سان ماري ڇڏيون ها، ۽ تون اسان تي ڪو سردار نہ آهين.

شعيب چيو تہ: اي منهنجي قوم! اوهان وٽ منهنجو ڪٽنب الله کان وڌيڪ پيارو آهي ڇا؟ ۽ اُن (الله جي حُڪم) کي پنهنجي پٺيءَ پويان اُڇلي ڇڏيو اٿوَ، بيشڪ جيڪي ڪندا آهيو سو منهنجي پالڻهار جي قابوءَ ۾ آهي. ۽ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي پَر تي عمل ڪريو آءٌ بہ عمل ڪندڙ آهيان، سگهوئي ڄاڻندؤ تہ ڪنهن کي عذاب پهچي ٿو جو کيس خوار ڪندو ۽ جيڪو ڪوڙو آهي تنهن کي بہ، ۽ انتظار ڪريو آءٌ بہ اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.

۽ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو تنهن مهل شعيبؑ کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجي ٻاجهہ سان بچايوسون، ۽ ظالمن کي سخت ڪڙڪي اچي پڪڙيو، پوءِ پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر مري ويا. ڄڻ تہ منجهن رهيا ئي نہ هئا، خبردار مَدين وارن تي ڦِٽڪار هجي جهڙي نموني ثمود قوم تي لعنت ٿي.

وري اهڙي نموني الله سائينءَ جو سوت عنڪبوت ۾ ارشاد ٿو ٿئي تہ: ﴿وَإِلَى مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا فَقَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْآخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ. فَكَذَّبُوهُ فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُوا فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ﴾.[44]

۽ مدين (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون پوءِ چيائين تہ: اي منهنجي قوم الله جي عبادت ڪريو ۽ قيامت جي ڏينهن جي اُميد رکو ۽ فسادي ٿي مُلڪ ۾ نہ ڦِرو. پوءِ اُن کي ڪوڙو ڀانيائون تنهن ڪري کين زلزلي اچي ورتو پوءِ اهي پنهنجن گهرن ۾ اونڌا ٿي مري پيا.

ان کان علاوه سورت توبہ ۽ سورت حج ۾ ٻين قومن سان گڏ اصحاب مدين جو پڻ ذڪر ٿيو، پر خود جناب شعيبعليه السلام جو انهن ڏانهن پيغمبر طور اچڻ ۽ کين خدا پاڪ ڏانهن دعوت ڏيڻ جي باري ۾ مٿين آيتن وانگر ڪو تفصيلي بيان نہ آهي. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي تہ: ﴿أَلَمْ يَأْتِهِمْ نَبَأُ الَّذِينَ مِن قَبْلِهِمْ قَوْمِ نُوحٍ وَعَادٍ وَثَمُودَ وَقَوْمِ إِبْرَاهِيمَ وَأَصْحَابِ مَدْيَنَ وَالْمُؤْتَفِكَاتِ أَتَتْهُمْ رُسُلُهُم بِالْبَيِّنَاتِ فَمَا كَانَ اللهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلَكِن كَانُوا أَنفُسَهُمْ يَظْلِمُونَ﴾.[45] ڪانئن اڳين جي خبر نہ پهتي اٿن ڇا جيڪي نُوح ۽ عاد ۽ ثمود جي قوم، ۽ ابراهيم جي قوم ۽ مَدين وارا ۽ اونڌن ٿيلن ڳوٺن وارا هئا، جو اُنهن ڏانهن سندن پيغمبر پڌرن مُعجزن سان آيا (تہ نہ مڃيائون)، پوءِ الله (تعالى) جو شان نہ هو جو مٿن ظلم ڪري پر پاڻ تي ظُلم ڪيائون ٿي.

۽ اهڙي نموني خدا پاڪ جو سورت حج ۾ ارشاد ٿوتہ: ﴿وَإِن يُكَذِّبُوكَ فَقَدْ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوحٍ وَعَادٌ وَثَمُودُ. وَقَوْمُ إِبْرَاهِيمَ وَقَوْمُ لُوطٍ. وَأَصْحَابُ مَدْيَنَ وَكُذِّبَ مُوسَى فَأَمْلَيْتُ لِلْكَافِرِينَ ثُمَّ أَخَذْتُهُمْ فَكَيْفَ كَانَ نَكِيرِ﴾.[46]

۽ (اي پيغمبر) جيڪڏهن توکي ڪوڙو ڀانئين ٿا تہ بيشڪ کانئن اڳ نوح جي قوم ۽ عادين ۽ ثمودين (سندن پيغمبرن کي) ڪوڙو ڄاتو هو. ۽ ابراهيم جي قوم ۽ لُوط جي قوم ۽ مَدِين وارن

---

[44] سورت عنڪبوت، آيت ٣٦ ۽ ٣٧.
[45] سورت توبہ، آيت ٧٠.
[46] سورت حجّ، آيت ٤٢ کان ٤٤.

(پڻ پنهنجي پيغمبرن کي ڪُوڙو ڄاتو)، ۽ مُوسىٰ کي بہ ڪوڙو ڄاتو ويو، پوءِ انهن ڪافرن کي ڍر ڏنم وري ڪين پڪڙيم، پوءِ منهنجي سزا ڪهڙي (نہ سخت) هُئي.

۽ ان کان علاوه سورت قصص ۽ سورت طه ۾ پڻ «مدين» شهر جو ذڪر ٿيو آهي، ليڪن ان ۾ حضرت شعيبعليه السلام ۽ سندس قوم جي باري ۾ ذڪر نہ آهي، بلڪ انهن سورتن ۾ حضرت موسىٰعليه السلام جي باري ۾ ڪجھ هن ريت گفتگو آهي: ﴿وَجَاء رَجُلٌ مِّنْ أَقْصَى الْمَدِينَةِ يَسْعَى قَالَ يَا مُوسَى إِنَّ الْمَلَأَ يَأْتَمِرُونَ بِكَ لِيَقْتُلُوكَ فَاخْرُجْ إِنِّي لَكَ مِنَ النَّاصِحِينَ. فَخَرَجَ مِنْهَا خَائِفًا... وَلَمَّا تَوَجَّهَ تِلْقَاء مَدْيَنَ قَالَ عَسَى رَبِّي أَن يَهْدِيَنِي سَوَاء السَّبِيلِ. وَلَمَّا وَرَدَ مَاء مَدْيَنَ وَجَدَ عَلَيْهِ أُمَّةً مِّنَ النَّاسِ يَسْقُونَ....﴾.[47]

۽ هڪ ماڻهو شهر جي پرئين پاسي کان ڊوڙندو آيو، چيائين تہ: اي موسىٰ! بيشڪ (هتان جا) سردار تو لاءِ رٿ ڪن ٿا تہ توکي ڪُهن تنهنڪري نڪري وڃ بيشڪ آءٌ تو لاءِ خير گهرندڙن منجهان آهيان. پوءِ مُوسىٰ ڊڄندو انتظار ڪندو اُن (مصر شهر) منجهان نڪتو، چيائين تہ: اي منهنجا پالڻهار! ظالمن جي قوم کان مونکي بچاءِ. ۽ جنهن مهل مدين (شهر) جي طرف منهن ڪيائين تنهن مهل چيائين تہ: اُميد اٿم تہ منهنجو پالڻهار مون کي سڌي واٽ ڏيکاريندو. ۽ جنهن مهل مَدين جي تڙ (کوھ) تي پهتو تنهن مهل ماڻهن جي هڪ ٽولي (جانورن کي) پاڻي پياريندي ڏٺائين، ۽ اُنهن کان سواءِ ٻہ زالون (ٻہ پنهنجو ڌڻ پاڻي پيئڻ کان) جهليندي ڏٺائين، مُوسىٰ چيو تہ: اوهان جو ڪهڙو ڪم آهي؟ چيائون تہ: اسين ايسين (پنهنجي ڌڻ کي پاڻي) نہ پيارينديون سين جيسين ڌنار (پنهنجا جانور پياري نہ) موٽائين، ۽ اسان جو پيءُ ٻُڍو ٻڍڙو آهي.

۽ اهڙي نموني هن آيت ۾ جيتوڻيڪ مدين شهر جو ذڪر آهي ليڪن خود حضرت شعيبعليه السلام ۽ سندس قوم جي باري ۾ ڪو خاص بيان نہ آهي: ﴿وَلَكِنَّا أَنشَأْنَا قُرُونًا فَتَطَاوَلَ عَلَيْهِمُ الْعُمُرُ وَمَا كُنتَ ثَاوِيًا فِي أَهْلِ مَدْيَنَ تَتْلُو عَلَيْهِمْ آيَاتِنَا وَلَكِنَّا كُنَّا مُرْسِلِينَ﴾.[48]

پر ڪيترائي جُڳ (مُوسىٰ کان پوءِ) پيدا ڪياسون پوءِ مٿن مُدت ڊگهي گذري، ۽ نڪي (تون) مَدين وارن ۾ رهندڙ هئين جو اسان جون ڪين آيتون پڙهي ٻڌائيئي ٿي پر اسين (پيغمبرن) کي موڪليندا رهياسون.

۽ اهڙي نموني هنن آيتن ۾ پڻ مدين شهر جو ذڪر آهي، پر منجهن حضرت موسىٰعليه السلام ۽ سندس ماءُ جو ذڪر آهي، حضرت شعيبعليه السلام ۽ سندس قوم جي باري ۾ ڪا خاص گفتگو نہ آهي: ﴿وَلَقَدْ مَنَنَّا عَلَيْكَ مَرَّةً أُخْرَى.... إِذْ تَمْشِي أُخْتُكَ فَتَقُولُ هَلْ أَدُلُّكُمْ عَلَى مَن يَكْفُلُهُ فَرَجَعْنَاكَ إِلَى أُمِّكَ كَيْ تَقَرَّ عَيْنُهَا وَلَا تَحْزَنَ وَقَتَلْتَ نَفْسًا فَنَجَّيْنَاكَ مِنَ الْغَمِّ وَفَتَنَّاكَ فُتُونًا فَلَبِثْتَ سِنِينَ فِي أَهْلِ مَدْيَنَ ثُمَّ جِئْتَ عَلَى قَدَرٍ يَا مُوسَى﴾.[49]

۽ بيشڪ توتي (اي موسىٰ) هڪ ٻيرو ٻيهر بہ احسان ڪيوسون، جڏهن تنهنجي ماءُ ڏانهن اُهو الهام ڪيوسون جيڪو الهام ڪرڻو هو تہ اُن نينگر (موسىٰ) کي صندوق (پيتيءَ) ۾ وجھ پوءِ اُن کي

---

[47] سورت قصص، آيت ٢٠ کان ٢٣.
[48] سورت قصص، آيت ٤٥.
[49] سورت طه، آيت ٣٧ کان ٤٠.

درياءَ ۾ اُڇل ته درياءُ ڪيس پر ڏانهن اُڇليندو ۽ منهنجو ويري ۽ سندس ويري ڪيس وٺندو، ۽ پاڻ وٽان توتي پيار وڌم، ۽ (گهريم) ته منهنجي اکين اڳيان پلجين.

جڏهن تنهنجي ڀيڻ گهمي ٿي تڏهن چيائين ٿي: جيڪو ان کي سنڀالي تنهن جو اوهان کي ڏس ڏيان، پوءِ توکي تنهنجي ماءُ ڏانهن موٽايوسون ته جيئن اُن جا نيڻ ٺرن ۽ غمگين نه رهي، ۽ هڪڙو ماڻهو ماريئي پوءِ توکي ڏک کان ڇڏايوسين ۽ توکي پرکڻ طرح پرکيوسون، پوءِ مَدين وارن ۾ ڪيترائي ورهيه رهين، پوءِ اي موسىٰ! تون خدا پاڪ جي تقدير مطابق (مقامِ رسالت جي انتخاب ٿيڻ جي لاءِ هتي) آئين.

مَدين شهر جي تاريخ ۽ خاصيتون

جيتوڻيڪ قرآن مجيد «مَدين» ۽ منجهس رهڻ وارن جو باري ۾ ڪليل لفظن ۾ ڪا شيءِ بيان ناهي ڪئي، ليڪن سورت توبه جي آيت نمبر ٦٩ ۽ ٧٠ ۽ سورت هود جي آيت ٨٤ منجهان ۽ اهڙي نموني عهد عتيق[50] جي مطالعي ۽ ڪجھ تاريخي منابع[51] منجهان اها شيءِ سمجھ ۾ ٿي اچي ته اصحاب مدين، عرب جي وڏن قبيلن منجهان هڪ قبيلو ۽ شام ملڪ جي مدين نالي هڪ شهر ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪندو هو ۽ اهو شهر تاريخ جي لحاظ سان تمام قديمي شهر ليکيو وڃي ٿو.[52]

۽ اهڙي نموني سورت طه جي آيت نمبر ١٨ ۽ عهد عتيق[53] ۾ نظر ڪرڻ سان اها پروڙ پوي ٿي ته: اصحاب مدين (قوم مدين، جناب شعيبؑ جي قوم) تاجر ۽ واپاري، هاري، سُکيا ستابا ۽ مالوند ماڻهو هئا: انهيءَ منجهان اهو نتيجو ڪيي سگهجي ٿو ته: مدين شهر انهيءَ دور ۾ تجارت جو مرڪز رهيو آهي ۽ ڏيهه توڙي پرڏيهه کان سوداگر سوداگريءَ سانگي ان شهر ۾ ايندا هئا. ۽ اهڙي نموني مٿين آيتن منجهان پڻ اهو تت ڪيي سگهجي ٿو ته مدين شهر هڪ سرسبز ۽ آباد ۽ آبهوا جي اعتبار سان هڪ بهترين علائقو هو. هارپي ۽ ٻني ٻاري جي پيچ لاءِ اصحاب مدين کي پاڻيءَ جي ڪا به ڪمي ڪانه هئي.[54]

اصحاب مدين جو دور

اصحاب مدين جي قصي تي نگاهه پوڻ سان هر ڪنهن جي ذهن ۾ هڪ اهو سوال پڻ اڀري ٿو ته هي ڪهڙي زماني ۾ ڌٽي پاڪ جي هن ڌرتيءَ تي زندگي ڪندا هئا؟ تاريخ[55] ۽ تفسير[56] جي ڪجھ ڪتابن، ۽ ڪجھ روايتن[57] ۽ اهڙي نموني قرآن پاڪ جي ڪجھ آيتن منجهان اهو سمجھ ۾ ٿو اچي ته: حضرت شعيبؑ جي قوم (يعني اصحاب مدين) تاريخ جي لحاظ کان حضرت لوطؑ واري قوم کان پوءِ ۽ حضرت موسىٰؑ ۽ بني اسرائيل واري زماني ۾ «مَدين» نالي شهر ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪندي هئي.[58]

اصحاب مَدين جو دين ۽ آئين، عقيدو ۽ ڪردار

---

[50] عهد عتيق، سفر پيدائش ٣٧: ٢٨؛ سفر اعداد ٢٥: ١٦ کان ١٨.
[51] تاريخ ابن خلدون، جلد ٢، صفحو ٤٣ ۽ ٨٢.
[52] البدايه والنهايه، جلد ١، صفحو ٢١٣.
[53] عهد عتيق، سفر خروج ٢: ١٦ کان ٢٠.
[54] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٦٢.
[55] البدايه والنّهايه، جلد ١، صفحو ٢١٣.
[56] الميزان، جلد ١٠، صفحو ٣٧٣.
[57] تفسير عياشي، جلد ٢، صفحو ٣٤.
[58] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٦٢.

جيئن تہ اها شيءِ پڌري آهي تہ مَدين وارن ڏانهن سندن هدايت خاطر حضرت شعيبؑ کي پيغمبر بڻائي موڪليو ويو هو، ۽ جناب شعيبؑ جو انهن کي اڪيلي خدا ڏانهن سڏڻ ۽ ان جي ئي بندگي ڪرڻ منجهان ثابت ٿو ٿئي تہ اهي مُشرڪ ۽ بت پرست هئا. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي تہ: ﴿وَإِلَىٰ مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُواْ اللّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَـٰهٍ غَيْرُهُ﴾.

۽ مَدين وارن ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي پيغمبر ڪري موڪليوسونَ، چيائين تہ: اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪريو، اوهان جو الله ڪان سواءِ ٻيو ڪو بہ خُدا نہ آهي.

۽ اهڙي نموني سورت هود جي آيت نمبر چوراسي ۽ سورت عنڪبوت جي آيت نمبر ڇٽيهہ منجهان پڻ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ اصحاب مَدين پنهنجي حقيقي خالق کي ڇڏي بتن جو پوڄا ڪندا هئا.[59]

۽ اهڙيءَ طرح قرآن پاڪ جي ڪجهہ ٻين آيتن منجهان پڻ سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ: اصحاب مدين قديمي زماني کان بت پرستيءَ جهڙي بيڪار بيماريءَ ۾ وڪوڙيل هئا ۽ بتن جي پوڄا جڻ تہ انهن جي فرهنگ ۽ ثقافت ٿي چڪي هئي. جهڙي طرح خدا پاڪ پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ فرمائي ٿو تہ: ﴿قَالُواْ يَا شُعَيْبُ أَصَلاَتُكَ تَأْمُرُكَ أَن نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ آبَاؤُنَا أَوْ أَن نَّفْعَلَ فِي أَمْوَالِنَا مَا نَشَاءُ إِنَّكَ لَأَنتَ الْحَلِيمُ الرَّشِيدُ﴾.[60]

مَدين وارن چيو تہ: اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ڪيو آهي تہ جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تنهن کي يا پنهنجن مالن ۾ جيڪي ڪرڻ گهرندا آهيون سو ڇڏي ڏيون؟ (ڇٽر ڪندي چيائون) تہ: بيشڪ تون بردبار سنئين رستي وارو آهين.[61]

ليڪن ڪجهہ ڪتابن ۾ ملي ٿو تہ: اهي ڪنهن وڻ جي پوڄا ڪندا هئا.[62] ۽ اهڙي نموني ڪجهہ آيتن جي ظهور منجهان اهو سمجهہ ۾ ٿو اچي تہ: اهي قيامت تي پڻ عقيدو نہ رکندا هئا.[63] جهڙي نموني خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي تہ: ﴿وَإِلَىٰ مَدْيَنَ أَخَاهُمْ شُعَيْبًا فَقَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُوا اللَّهَ وَارْجُوا الْيَوْمَ الْآخِرَ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ﴾.[64]

۽ مدين وارن ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي موڪليوسون، پوءِ چيائين تہ: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ۽ قيامت جي ڏينهن جي اُميد رکو ۽ فسادي ٿي مُلڪ ۾ نہ ڦِرو.

۽ اهڙي نموني اصحاب مدين ماپ ۽ تور ۾ گهاٽي واڌي پڻ ڪندا هئا، ۽ زمين تي ڦڏو ۽ فساد ڪندا هئا. قرآن مجيد انهيءَ بابت فرمائي ٿو تہ: ﴿فَأَوْفُواْ الْكَيْلَ وَالْمِيزَانَ وَلاَ تَبْخَسُواْ النَّاسَ أَشْيَاءهُمْ وَلاَ تُفْسِدُواْ فِي الأَرْضِ بَعْدَ إِصْلاَحِهَا ذَلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ﴾.[65]

---

[59] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٦٣.
[60] سورت هود، آيت ٨٧.
[61] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٦٣.
[62] البدايہ والنهايہ، جلد ١، صفحو ١٧٢.
[63] الميزان، جلد ١٦، صفحو ١٢٧.
[64] سورت عنڪبوت، آيت ٣٦ ۽ ٣٧.
[65] سورت اعراف، آيت ٨٥.

تنهنڪري ماپ ۽ تور پوري ڏيو ونو ۽ ماڻهن کي (خريد مهل) سنديون شيون گهٽ ڪري نه ڏيو ۽ مُلڪ ۾ اُن جي سُڌاري کان پوءِ فساد نه وجهو، جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو ته اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي.

۽ اهڙي نموني سورت هود جي آيت نمبر چوراسي ۽ پنجاسي پڻ ٻڌائي ٿي ته اهي زمين تي فساد ڪندا هئا ۽ ماپ ۽ تور ۾ گيراهڪ کي گهٽ توري ۽ ماپي ڏيندا هئا، ۽ اهو ڪڌو ڪم انهن منجهه عام جام هيو.[66]

ڪجهه تفسيرن لکيو آهي ته آيت جي هن حصي ﴿وَلاَ تَبْخَسُواْ النَّاسَ أَشْيَاءهُمْ﴾ منجهان اها شيءِ سمجهه ۾ ٿي اچي ته اصحاب مدين وڏن وڏن واپارن ۾ پڻ اهڙي قسم جون گهوٻيون هڻندا هئا.[67]

حضرت امام سجادعليه السلام کان پڻ روايت آهي ته: جناب شعيبعليه السلام اهو پهريون انسان آهي جنهن ماپ ۽ تور جي اوزارن کي ٺاهيو ته جيئن ماڻهو ٻين کي صحيح نموني سان ڪائي شيءِ ماپي ۽ توري ڏين، پوءِ مدين وارن شروع ۾ جناب شعيب جي ڳالهه کي ٻڌندي ماڻهن کي پورو ماپي ۽ توري ڏيندا هئا، ليڪن ڪجهه عرصي کان پوءِ آهستي آهستي اهي ماپ ۽ تور ۾ هيراڦيري ڪرڻ لڳا ۽ ماڻهن کي گهٽ ماپي ۽ توري ڏيندا هئا.[68]

جناب شعيبعليه السلام جو اصحاب مَدين کي دين جي دعوت ڏيڻ

خدا پاڪ هر قوم جي هدايت خاطر ان ڏانهن ڪنهن نه ڪنهن پيغمبر کي موڪليو ته جيئن اهو ان قوم منجهان غفلت جي گهري ننڊ ۾ ڌت پيلن کي جاڳائي ۽ ڪين سنئين واٽ ڏانهن سڏي: اها خدا پاڪ جي هڪ پراڻي سنت رهي آهي. انهيءَ ڪري اصحاب مدين جي هدايت خاطر پڻ ڏانهنِ پنهنجي پياري پيغمبر حضرت شعيبعليه السلام کي موڪليائين ته جيئن هيءُ نبي سڀورو ان ڪُڌي قوم کي خدا جي بندگي ۽ هيڪڙائپ جي دعوت ڏئي ۽ ٻتن جي پوڄا کان روڪي. حضرت شعيبعليه السلام تمام وڏي ادب ۽ احترام، نرم لهجي ۽ مٺي زبان سان ان ڀٽڪيل قوم کي پنهنجي حقيقي پالڻهار جي بندگي ڪرڻ جو چيو ۽ پنهنجي هٿ سان ٺاهيل خدائن جي پوڄا ڪرڻ کان روڪيو.[69]

جناب شعيبعليه السلام سندس قوم کي سنئين واٽ سمجهائڻ جي سلسلي ۾ معجزا پڻ ڏيکاريا، جيتوڻيڪ قرآن پاڪ سندس معجزي بابت ڪائي اهڙي گفتگو ناهي ڪئي، ليڪن مفسّرن جو چوڻ آهي ته: هن آيت ﴿قَدْ جَاءتْكُم بَيِّنَةٌ مِّن رَّبِّكُمْ﴾ ۾ جيڪو «بيّنة» جو لفظ آيو آهي ان جو جناب شعيبعليه السلام جي معجزي ڏانهن اشارو آهيَ جنهن کي سندس رسالت جي سچي هجڻ خاطر گواهه طور پيش ڪيائين.[70] ۽ اهڙي نموني ڪجهه ڪتابن منجهه سندس ڪجهه معجزا پڻ بيان ٿيا آهن.[71]

---

[66] تفسير ڪبير، جلد ١٤، صفحو ١٧٣؛ الميزان، جلد ١٠، صفحو ٣٦١ ۽ ٣٦٢.
[67] تفسير ڪشاف، جلد ٢، صفحو ١٢٧، ٤١٧ ۽ ٤١٨؛ تفسير ڪبير، جلد ١٤، صفحو ١٧٤، ۽ جلد ١٨، صفحو ٤١؛ تفسير ميزان، جلد ١٠، صفحو ٣٦٣.
[68] قصص الانبياء، صفحو ١٤٥.
[69] الميزان، جلد ٦، صفحو ٢٩٧.
[70] جامع البيان، جلد ٨، صفحو ٣٠٨؛ ڪشف الاسرار، جلد ٣، صفحو ٦٧٥؛ مجمع البيان، جلد ٤، صفحو ٦٨٨.
[71] تفسير ڪشاف، جلد ٢، صفحو ١٢٧؛ تفسير ڪبير، جلد ١٤، صفحو ١٧٣؛ تفسير بيضاوي، جلد ٢، صفحو ٩٤ ۽ ٩٥.

معجزي کان علاوه جناب شعيبؑ پنهنجي قوم کي اهو چوندو هو ته: اي قوم! خدا پاڪ جي بندگي ڪرڻ ۽ بتن کي ڇڏڻ ۽ ماپ ۽ تور ۾ هيراڦيري نه ڪرڻ ۾ توهان جو ئي ڀلو آهي، ان ۾ منهنجو ڪوبه فائدو نه آهي؛ متان ڪنهن کي اها غلط فهمي ٿيندي هجي ته: شعيب پنهنجي فائدي جي ڪري ئي اسان کي بتن جي پوڄا کان روڪي پيو ۽ پنهنجي خدا جي بندگيءَ ڪرڻ ڏانهن سڏي پيو! جهڙي نموني خدا پاڪ جو سورت اعراف ۾ ارشاد تو ٿئي ته: ﴿قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُواْ اللّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَـٰهٍ غَيْرُهُ ... فَأَوْفُواْ الْكَيْلَ وَالْمِيزَانَ وَلاَ تَبْخَسُواْ النَّاسَ أَشْيَاءهُمْ وَلاَ تُفْسِدُواْ فِي الأَرْضِ بَعْدَ إِصْلاَحِهَا ذَلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ إِن كُنتُم مُّؤْمِنِينَ.﴾

شعيب چيو: اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو، اوهان جو الله کان سواءِ ٻيو ڪو به خُدا نه آهي، بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان چٽيون نشانيون آيون آهن تنهنڪري ماپ ۽ تور پوري ڏيو ونو ۽ ماڻهن کي سنديون شيون گهٽ نه ڏيو ۽ مُلڪ ۾ اُن جي سُڌاري کان پوءِ فساد نه وجهو، جيڪڏهن اوهين مؤمن آهيو ته اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي.

جهڙي نموني جناب شعيبؑ کان پهريان ٻيا پيغمبر سندن قومن کي «اِنذار ۽ تبشير» (عذاب کان ڊيڄارڻ ۽ بهشت جي خوشخبري ڏيڻ) ڪندا هئا، حضرت شعيبؑ پڻ انهن وانگر انهيءَ روش کان استفادو ڪيو. هن سندس قوم کي چيو ته: جيڪڏهن منهنجي ڳالهه تي ڪن ڏيندؤ ته انهيءَ ۾ توهان جو ئي ڀلو آهي. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي ته: ﴿قَالَ يَا قَوْمِ اعْبُدُواْ اللّهَ مَا لَكُم مِّنْ إِلَـٰهٍ غَيْرُهُ ... ذَلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ.﴾

شعيب چيو ته: اي منهنجي قوم! الله جي بندگي ڪريو ۽ الله کان سواءِ ٻين کي ڇڏي ڏيو انهيءَ ۾ اوهان جو ئي ڀلو آهي.

۽ اهڙي نموني جناب شعيبؑ پنهنجي قوم کي چيو ته: جيڪڏهن اوهان خدا پاڪ جي بارگاهه ڏانهن موٽندؤ ۽ ڪانئس پنهنجن گناهن جي معافي گهرندؤ ته هو بيشڪ اوهان کي بخشي ڇڏيندو. جهڙي نموني خدا پاڪ جو ارشاد ٿئي ٿو ته: ﴿وَاسْتَغْفِرُواْ رَبَّكُمْ ... إِنَّ رَبِّي رَحِيمٌ وَدُودٌ﴾.[٦٢]

۽ پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهرو،.... بيشڪ منهنجو پالڻهار مهربان (۽ سڀ ڪنهن کي) دوست رکندڙ آهي.

جهڙي نموني جناب شعيبؑ سندس قوم کي خوشخبري ڏني تي اهڙي نموني سندس قوم کي بتن جي پوڄا ڪرڻ ۽ ماپ ۽ تور ۾ کوٽ ڪرڻ کان پڻ ڊيڄاريائين ٿي، سندس قوم کي چيائين ٿي ته: جيڪڏهن اوهان ائين ڪيو ته قيامت واري ڏهاڙي ان عمل جو دردناڪ عذاب آهي. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي ته: ﴿إِنِّيَ أَخَافُ عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ مُّحِيطٍ﴾.[٦٣]

بيشڪ آءٌ اوهان تي وڪوڙيندڙ ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو.

۽ جڏهن آخر ۾ جناب شعيبؑ ڏٺو ته هي ڪافر بت پرستي ۽ ڪمفروشي ڪون ٿا ڇڏين ۽ سندس هڪ به نه ٿا ٻڌن ۽ رهندو ڪيس ڪوڙو ڀانئين ٿا ۽ اهڙي نموني جڏهن سندس قوم جي ايمان آڻڻ کان بالڪل نااميد ٿي وينو ته سندس قوم کي خدا پاڪ جي عذاب کان ڊيڄاريندي ۽

[٦٢] سورت هود، آيت ٩٠.
[٦٣] سورت هود، آيت ٨٤.

ڌمڪي ڏيندي چيائين ته: ﴿وَيَا قَوْمِ اعْمَلُواْ عَلَى مَكَانَتِكُمْ إِنِّي عَامِلٌ سَوْفَ تَعْلَمُونَ مَن يَأْتِيهِ عَذَابٌ يُخْزِيهِ وَمَنْ هُوَ كَاذِبٌ وَارْتَقِبُواْ إِنِّي مَعَكُمْ رَقِيبٌ﴾.[٧٤]

۽ اي منهنجي قوم! اوهين پنهنجي پرَ تي عمل ڪريو، آءٌ به عمل ڪندڙ آهيان، سگهوئي ڄاڻندؤ ته ڪنهن کي عذاب پهچي ٿو جو کيس خوار ڪندو ۽ جيڪو ڪوڙو آهي تنهن کي به، ۽ انتظار ڪريو آءٌ به اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان.

اصحاب مَدين جو حضرت شعيبعليه السلام سان سلوڪ

حضرت شعيبعليه السلام جي راتوڏينهن تبليغ جي نتيجي ۾ مَدين شهر جي فقط ڪجھ ماڻهن ئي مٿس ايمان آندو ۽ باقي خدا پاڪ جي نبيءَ جي ڳالهين کي بالڪل اڻ ٻڌو ڪري پنهنجي هير تان نه هٽيا ۽ بتن جي پوڄا ۽ ڪمفروشيءَ جهڙي ڪڌي ڪردار ۾ رڌل رهيا،[٧٥] ۽ نتيجي ۾ مدين شهر جي ماڻهن جا به ٽولا ٿي ويا: هڪ الله پاڪ جي پياري نبيءَ تي ايمان آڻي خدائي ٽولو بڻجي ويو ۽ ٻيو جناب شعيبعليه السلام جي ڳالهين کي نڪرائيندي شيطاني ٽولو بڻجي ويو. انهيءَ بابت قرآن مجيد ۾ خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي ته: ﴿وَإِن كَانَ طَآئِفَةٌ مِّنكُمْ آمَنُواْ بِالَّذِي أُرْسِلْتُ بِهِ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يْؤْمِنُواْ...﴾.[٧٦]

۽ جيڪڏهن اوهان منجهان هڪ ٽوليءَ انهن کي مڃيو آهي جنهن سان موڪليو ويو آهيان ۽ ٻي ٽوليءَ نه مڃيو آهي ته ايسين صبر ڪريو جيسين اسان جي وچ ۾ الله حُڪم ڪري، ۽ اُهو چڱو حُڪم ڪندڙ آهي.

هيءَ شيءِ پڻ چِٽي آهي ته ماڻهو حق واري پاسي سدائين گهٽ ۽ باطل واري پاسي انبوهه رهيا آهن. جناب شعيبعليه السلام جي تبليغ کان پوءِ فقط آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ئي ماڻهن مٿس ايمان آندو هو باقي سيئي ماڻهو پنهنجي ابن ڏاڏن جي آئين تي ئي رهيا. پوءِ جن ايمان نه آندو هو اهي حضرت شعيبعليه السلام ۽ جن ماڻهن مٿس ايمان آندو هو انهن تي چٿرون ۽ ٺٺولون ڪرڻ لڳا. جهڙي نموني خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي ته: ﴿قَالُواْ يَا شُعَيْبُ أَصَلاَتُكَ تَأْمُرُكَ أَن نَّتْرُكَ مَا يَعْبُدُ آبَاؤُنَا أَوْ أَن نَّفْعَلَ فِي أَمْوَالِنَا مَا نَشَاء...﴾.[٧٧] (پوءِ چٿر ڪندي) چيائون ته: اي شعيب! ڇا تنهنجي نماز توکي حڪم ڪيو آهي ته جنهن کي اسان جا ابا ڏاڏا پوڄيندا هئا تنهن کي يا پنهنجن مالن ۾ جيڪي ڪرڻ گهرندا آهيون سو ڇڏي ڏيون؟[٧٨]

۽ ان کان علاوه اصحاب مدين، جناب شعيب× کي چوڻ لڳا ته: اي شعيب! تنهنجيون ڳالهيون اسان کي سمجهه ۾ نه ٿيون اچن، اسان جي سمجهه کان ٻاهر آهن؛ تون ته خبر ناهي هر وقت الائي ڇا ڇا پيو چوندو رهندو آهين؟ ۽ تون اسان جو ڪوئي چڱو مڙس ناهين جو اسان تنهنجي ڳالهين تي ڪن ڏيون! ۽ ان کان علاوه کيس مارڻ ۽ سنگسار ڪرڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏيڻ لڳا.

---

[٧٤] سورت هود، آيت ٩٣.
[٧٥] الميزان، جلد ١٠، صفحو ٣٦١.
[٧٦] سورت اعراف، آيت ٨٧.
[٧٧] سورت هود، آيت ٨٧.
[٧٨] جامع البيان، جلد ١٢، صفحو ١٣٣ کان ١٣٥؛ مجمع البيان، جلد ٥، صفحو ٢٨٦؛ تفسير بيضاوي، جلد ٢، صفحو ٢٧٩.

حضرت شعيب عليه السلام جي سندس قبيلي ۾ وڏي عزت ۽ احترام هوندو هو ۽ ڪافر پڻ سندس قبيلي جو وڏو احترام ڪندا هئا. ليڪن تنهن هوندي به جناب شعيب عليه السلام کي چوندا هئا ته: توکي مارڻ ۽ سنگسار ڪرڻ اسان جي لاءِ ڪو ڏکيو ڪم نه آهي، جيتوڻيڪ تنهنجي قبيلي جي اسان وٽ عزت ۽ احترام آهي، پر تنهنجي اسان وٽ ڪا به عزت ڪانهي، اسان رڳو تنهنجي قبيلي جي ڪري رڪيا بيٺا آهيون نه ته ڪڏهن جو توکي ختم ڪري ڇڏيون ها.[79] جهڙي نموني خدا پاڪ جو پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ ارشاد ٿو ٿئي ته: ﴿قَالُواْ يَا شُعَيْبُ مَا نَفْقَهُ كَثِيرًا مِّمَّا تَقُولُ وَإِنَّا لَنَرَاكَ فِينَا ضَعِيفًا وَلَوْلاَ رَهْطُكَ لَرَجَمْنَاكَ وَمَا أَنتَ عَلَيْنَا بِعَزِيزٍ.﴾[80]

چيائون ته: اي شعيب! جيڪي تون چوين ٿو تنهن مان گهڻو نه ٿا سمجهون ۽ توکي پاڻ کان بلڪل هيٺون ڏسون ٿا، ۽ جيڪڏهن تنهنجو ڪڙم نه هجي ها ته توکي پٿرن سان ماريون (سنگسار ڪريون) ها ۽ تون اسان تي ڪو سردار (چڱو مڙس) نه آهين.

ان کان علاوه ڪافرن جي سردارن حضرت شعيب عليه السلام ۽ مٿس ايمان آڻيندڙ مؤمنن کي شهر نيڪاليءَ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون.[81] جيئن خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي ته: ﴿قَالَ الْمَلأُ الَّذِينَ اسْتَكْبَرُواْ مِن قَوْمِهِ لَنُخْرِجَنَّكَ يَا شُعَيْبُ وَالَّذِينَ آمَنُواْ مَعَكَ مِن قَرْيَتِنَا أَوْ لَتَعُودُنَّ فِي مِلَّتِنَا﴾.[82]

سندس قوم مان هٺيلن سردارن چيو ته: اي شعيب! توکي ۽ جن توکي مڃيو آهي تن کي پنهنجي شهر مان ضرور لوڏينداسون يا ته اوهين اسان جي دين ۽ آئين تي موٽي اچو.

۽ اهڙي نموني ڪجھ آيتن جي ظاهر منجهان اها شيءِ پڌري ٿئي ٿي ته: ڪافرَ جناب شعيب عليه السلام ڏانهن ويندڙ مؤمنن جو دڳ جهلي بيهندا هئا ۽ انهن کي قتل جون ڌمڪيون ڏيندا هئا. جهڙي طرح خدا پاڪ جو ارشاد آهي ته: ﴿وَلاَ تَقْعُدُواْ بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوعِدُونَ وَتَصُدُّونَ عَن سَبِيلِ اللّهِ مَنْ آمَنَ بِهِ.﴾[83]

۽ سڀ ڪنهن رستي تي هن لاءِ نه ويهو ته جيڪو الله کي مڃي تنهن کي ڌمڪايو ۽ الله جي واٽ کان جهليو.

۽ اهڙي نموني اصحاب مدين، جناب شعيب عليه السلام کي ڪوڙو پائيندا هئا ۽ سندس دين ۽ آئين کي باطل ۽ گمراهه ڪندڙ سمجهندا هئا، ۽ ٻين کي پڻ چوندا هئا ته: شعيب عليه السلام ڪوڙو آهي ۽ جنهن دين ۽ آئين ڏانهن سڏي رهيو آهي سو پڻ باطل ۽ گمراهه ڪندڙ آهي.[84]

۽ اهڙي نموني جن جناب شعيب عليه السلام تي ايمان آندو هو انهن کي چوندا هئا ته: اوهان پنهنجي ابن ڏاڏن جي آئين کي ڇڏي ڏنو آهي ۽ شعيب جي پويان لڳا آهيو ۽ ان جي دين کي مڃو ٿا، تنهنڪري

[79] مجمع البيان، جلد ٥، صفحو ٢٨٨؛ الميزان، جلد ١٠، صفحو ٣٧٥ ۽ ٣٧٦.
[80] سورت هود، آيت ٩١.
[81] دائرة المعارف قرآن ڪريم، جلد ٣، صفحو ٤٦٨.
[82] سورت اعراف، آيت ٨٨.
[83] سورت اعراف، آيت ٨٦.
[84] الميزان، جلد ٨، صفحو ١٨٨؛ مجمع البيان، جلد ٤، صفحو ٦٨٩.

اوهان هن توڙي هن جهان ۾ گهاٽي ئي گهاٽي ۾ آهيو. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد ٿو ٿئي تہ: ﴿وَقَالَ الْمَلأُ الَّذِينَ كَفَرُواْ مِن قَوْمِهِ لَئِنِ اتَّبَعْتُمْ شُعَيْباً إِنَّكُمْ إِذاً لَّخَاسِرُونَ﴾.[٨٥]

۽ سندس قوم منجهان ڪافرن جي ٽوليءَ (مؤمنن کي) چيو تہ: جيڪڏهن اوهين شعيب جي تابعداري ڪندؤ تہ اوهين اُتي جو اُتي چيئي وارا ٿيندؤ.

اصحاب مَديَن جو سر انجام

جڏهن حضرت شعيب عليه السلام ڏٺو تہ هڪ پاسي ڪافر پنهنجي ڳالهہ تي ڳنڍ ڏيو بيٺا آهن ۽ سندن ابن ڏاڏن جي آئين کي ڪنهن بہ قيمت تي ڇڏڻ جي لاءِ تيار نہ آهن، ۽ ٻئي پاسي ڪافرن جو ڪيس ڪوڙو پانيو ۽ شهر نيڪاليءَ جون ڌمڪيون ڏنيون تہ جناب شعيب عليه السلام انهن جي ايمان آڻڻ کان نااميد ٿي پنهنجي پالڻهار جي بارگاهہ ۾ هي جملا چوڻ لڳو:[٨٦] ﴿رَبَّنَا افْتَحْ بَيْنَنَا وَبَيْنَ قَوْمِنَا بِالْحَقِّ وَأَنتَ خَيْرُ الْفَاتِحِينَ.﴾[٨٧]

(شعيب چيو تہ:) اي اسان جا پالڻهار! اسان ۽ اسان جي قوم جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر ۽ تون چڱو فيصلو ڪندڙ آهين. ۽ جڏهن اصحاب مدين جناب شعيب عليه السلام کي سنگسار ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون تہ خدا پاڪ جي پيغمبر عليه السلام کين عذاب جو واعدو ڏنو. پوءِ قادر جو قهر اچي مٿن ڪڙڪيو، جناب شعيب عليه السلام ۽ مٿس ايمان آڻڻ وارن نجات ماڻي ۽ نافرمان ۽ ڪافر هلاڪ ٿي ويا. جهڙيءَ طرح انهيءَ شيءِ بابت خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: ﴿وَلَمَّا جَاء أَمْرُنَا نَجَّيْنَا شُعَيْبًا وَالَّذِينَ آمَنُواْ مَعَهُ بِرَحْمَةٍ مَّنَّا وَأَخَذَتِ الَّذِينَ ظَلَمُواْ الصَّيْحَةُ فَأَصْبَحُواْ فِي دِيَارِهِمْ جَاثِمِينَ.﴾[٨٨]

۽ جنهن مهل اسان جو عذاب آيو تنهن مهل شعيب عليه السلام کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو هو تن کي پنهنجي ٻاجهہ سان بچايوسون، ۽ ظالمن کي سخت ڪڙڪي پڪڙيو پوءِ اهي پنهنجن گهرن ۾ گوڏن ڀر مري ويا.

سورت هود جي هن آيت منجهان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ: اصحاب مدين هڪ آسماني رڙ ۽ سخت ڪڙڪي (وڄ ۽ ڪنوڻ) وگهي جيڪا خدا جو قهر هئي، هلاڪ ڪيا ويا. ليڪن سورت اعراف ۽ عنڪبوت ۾ آيو آهي تہ اصحاب مدين کي زلزلي جي عذاب ذريعي هلاڪ ڪيو ويو. جيئن خدا پاڪ جو ارشاد آهي تہ: ﴿فَأَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ فَأَصْبَحُواْ فِي دَارِهِمْ جَاثِمِينَ﴾.[٨٩] پوءِ اُنهن کي زلزلي (جي عذاب اچي) ورتو پوءِ پنهنجي جاين ۾ گوڏن ڀر ڪري مري ويا. بس انهيءَ آذار تي چئي سگهجي ٿو تہ: اصحاب مدين ٻنهي عذابن جي ذريعي هلاڪ ڪيا ويا.[٩٠]

هن داستان ۾ عبرت آميز نُڪتا

١. ربّ پاڪ جنهن جي رِکيا ڪري تنهن کي ڪا بہ طاقت مِٽائي نہ ٿي سگهي.

---

[٨٥] سورت اعراف، آيت ٩٠.
[٨٦] ڪشف الاسرار، جلد٣، صفحو ٦٧٩؛ جامع البيان، جلد ٩، صفحو ٤ ۽ ٥؛ الميزان، جلد ٨، صفحو ١٩٢.
[٨٧] سورت اعراف، آيت ٨٩.
[٨٨] سورت هود، آيت ٩٤
[٨٩] سورت عنڪبوت، آيت ٣٧؛ سورت اعراف، آيت ٩١.
[٩٠] الميزان، جلد ١٦، صفحو ١٢٦.

٢. ڏاڍي جي ڏمر کي ڪابہ قوّت آڏي نہ ٿي اچي سگهي.

٣. هٿين خالي انسان کي پنهنجي حريف کي ڏسي هٻڪڻ نہ گهرجي.

٤. انسان کي ڌَنَ ۽ مايا تي مغرور نہ ٿيڻ گهرجي.

٥. حق جي مقابلي ۾ باطل هر زماني ۾ هار کاڌي آهي.

٦. مدين وارن جي مٿان ڪَڙڪيل قَهر رُڳو انهن سان مخصوص نہ هو بلڪ جنهن جو بہ اهڙو ڪُڌو ڪردار هوندو اهو اهڙي قسم جي عذاب کان بچي نٿو سگهي.

٧. دولت جو نشو ماڻهوءَ کي ايترو تہ مَگهن ۽ مَست ڪري ڇڏي جو ان جي خُمار ۾ اچي ڪُڌا ڪم ڪرڻ کان بہ ڪونہ ٿو ڪيٻائي.

٨ : خدا ڪنهن تي بہ گناهن ۾ غرق ٿيڻ جي ڪري سگهو عذاب نازل ڪونہ ٿو ڪري، بلڪ پنهنجي حُجّت تمام ڪرڻ کان پوءِ بہ جيڪڏهن ڪنهن ندوري کي سنئين واٽ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ پوءِ مٿس عذاب لاهيندو آهي.

٩ : انسان جي لاءِ توبہ جا دروازا هميشہ کليل آهن مگر جيستائين پاڻ پنهنجي ڪرتوتن سان انهن کي ڪُرف نہ لڳائي.

١٠: ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي پالڻهار جي ناشڪري ۽ نافرماني نہ ڪجي.

١١: خدا کي ڇڏي غير خدا جي پوڄا ڪرڻ سان ربّ سائينءَ جي ذات ڏمر ڪري ٿي.

١٢: الله سائينءَ جي نمائندن جي نافرماني ۽ مٿن چٽرون ڪرڻ تي ڏاڍي جي ذات ڏمرجي ٿي.

## حضرت فاطمهؑ سرّ ليلة القدر

**مولانا مقبول احمد معصومي**

سڀ تعريفون ان ازلي ۽ ابدي الله لاءِ جيڪو «لم يلد و لم يولد ولم يكن لہ كفوا احد» آهي، درود و سلام هجن انبيائن جي سردار، ختمي رسل حضرت محمدﷺ تي ۽ سندس ان عظيم نياڻي تي جيڪا امامت جو بنياد، پنجتن پاڪ جي معرفت جو منار ۽ ليلة القدر جو راز آهي ۽ سوين سلام هجن سائڻ زهراؑ جي سرتاج علي ابن ابي طالبؑ ۽ ان جي آل پاڪ تي.

هن تحرير ۾ ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ «فاطمہ سرّ ليلة القدر» جي عنوان تي ڪجھ مطلب بيان ڪجن، جيتوڻيڪ عنوان مان واضح آهي تہ سائڻؑ قدر واري رات جو راز آهي ۽ راز ڇئبو ئي ان کي آهي جنهن تائين هر هڪ جي پهچ ممڪن نہ هجي، پر پوءِ بہ ڪجھ رند اهڙا آهن جن ان راز جي پروڙ ڪئي آهي ۽ ڪنهن حد تائين ڪشف و شهود جي منزل ماڻي ورتي اٿن تہ پوءِ اسان بہ انهن جي ڳِهرين ڳالهين کي سنهنجن لفظن ۾ تبديل ڪري علم دوست افرادن لاءِ پيش ڪريون ٿا تہ جيئن ليلة القدر ۽ سائڻؑ جي درميان اهو اشتراڪي اوصاف ۽ هڪجهڙيون مشابهتون سمجهي سگهجن تہ شايد انهي راز تائين رسائيءَ ۾ ڪجھ اڳڀرائي ممڪن ٿي سگهي.

اصل مطلب جي شروع ڪرڻ کان پهريان واضح رهي تہ «سورت مبارڪ قدر» قرآن جي ننڍين سورتن مان هڪ آهي، هيءَ سورت حجم جي لحاظ کان تہ ننڍڙي ضرور آهي، پر مطلب جي لحاظ کان هڪ اعلیٰ ترين سورت آهي، جنهن ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ قرآن مجيد جو نزول قدر واري رات ۾ ٿيو هو. ۽ ان ئي رات ۾ الله پوري مخلوقات جي مقدرات کي معيّن ڪندو آهي.

ان سورت کي «قدر» جي نالي سان ان ڪري سڏيو وڃي ٿو جو ان ۾ قدر جو لفظ ٽي دفعا دهرايو ويو آهي ۽ گڏوگڏ پوري سورت ۾ قدر واري رات جي اهميت اڪريل آهي. هن سورت ۾ ڪل پنج آيتون آهن ۽ هيءَ سورت هجرت کان پهريان مڪي شريف ۾ نازل ٿي هئي ۽ هيءَ سورت ان لحاظ جي ڪري ٻين سورتن کان ممتاز آهي جو هن ۾ قرآن مجيد جي نزول جو وقت مشخص ٿيل آهي ۽ ان عظيم رات جي تاويل حضرت فاطمہ زهراؑ سان ڪئي وئي آهي. جتان اها ڳالهہ روشن ٿئي ٿي تہ سائڻ زهراؑ اهو خدائي راز آهي جنهن کي امام معصوم کان علاوه ٻيو هر ڪوئي سمجهي نٿو سگهي.

اها ڳالهہ پڻ سمجهڻ انتهائي ضروري آهي تہ هن سورت جو تعلق صرف ۽ صرف اهلبيتؑ جي ذات سان آهي، اهو مطلب ڪيترن ئي روايتن ۾ آيل آهي، جنهن مان هڪ هيءَ آهي:

امام صادقؑ جن حضرت اميرالمومنينؑ کان نقل فرمائن ٿا:

«جڏهن «سورت قدر» پيغمبر تي نازل ٿي تہ پاڻ ڪريمﷺ جن ان کي منهنجي لاءِ تلاوت فرمايو ۽ منهنجي سڄي ڪلهي تي هٿ رکي فرمايو: اي منهنجا ڀاءُ! اي منهنجا وصي! اي منهنجي امت جا مون کان پوءِ والي! اي منهنجي قيامت تائين مخالفين جا دشمن! هي سورت تنهنجي لاءِ ۽ تو کان پوءِ تنهنجي اولاد لاءِ آهي، ايستائين جو حجت آخر جو صبح طلوع ٿي.»[1]

---

[1]. بحار الانوار،ج۲۵، ص ۷۱.

هاڻ ڏنو وڃي تہ روايتن ۾ ان اعلیٰ مرتبي واري رات جي تاويل، سائڻ زهراؑ سان ڪئي وئي آهي ۽ اسان ان عظيم مطلب کي ٻن حصن ۾ بيان ڪريون ٿا:

**پهريون حصو:**

ان روايت جي بيان ۾ جيڪي ليلة القدر جي تاويل سائڻؑ جي ذات مبارڪ سان ڪن ٿيون:

**پهرين روايت:**

«إِنَّا أَنْزَلْنَاهُ فِي لَيْلَةِ الْقَدْرِ اللَّيْلَةُ فَاطِمَةُ وَ الْقَدْرُ اللَّهُ فَمَنْ عَرَفَ فَاطِمَةَ حَقَّ مَعْرِفَتِهَا فَقَدْ أَدْرَكَ لَيْلَةَ الْقَدْرِ وَ إِنَّمَا سُمِّيَتْ فَاطِمَةُ لِأَنَّ الْخَلْقَ فُطِمُوا عَنْ مَعْرِفَتِهَا أَوْ مِنْ مَعْرِفَتِهَا الشَّكُّ [مِنْ أَبِي الْقَاسِمِ] وَ قَوْلُهُ وَ مَا أَدْرَاكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ لَيْلَةُ الْقَدْرِ خَيْرٌ مِنْ أَلْفِ شَهْرٍ يَعْنِي خَيْرٌ مِنْ أَلْفِ مُؤْمِنٍ وَ هِيَ أُمُّ الْمُؤْمِنِينَ تَنَزَّلُ الْمَلَائِكَةُ وَ الرُّوحُ فِيهَا وَ الْمَلَائِكَةُ الْمُؤْمِنُونَ الَّذِينَ يَمْلِكُونَ عِلْمَ آلِ مُحَمَّدٍ ص وَ الرُّوحُ الْقُدُسُ هِيَ فَاطِمَةُ ع بِإِذْنِ رَبِّهِمْ مِنْ كُلِّ أَمْرٍ سَلَامٌ هِيَ حَتَّى مَطْلَعِ الْفَجْرِ يَعْنِي حَتَّى يَخْرُجَ الْقَائِمُ ع.»[1]

فرات ابراهيم ڪوفي نقل ڪري ٿو تہ منهنجي لاءِ محمد بن قاسم ابن عبيد سلسلي واري حديث ڪئي تہ مولا امام صادقؑ جن فرمائن ٿا تہ:

«بيشڪ اسان قرآن شب قدر ۾ لاٿو، (ان آيت ۾) «شب» مان مراد فاطمہ ۽ «قدر» مان مراد الله جي ذات آهي، بس پوءِ جنهن حقيقي نموني سان فاطمہؑ کي سڃاتو بس اهو ئي شب قدر کي سمجهي سگهي ٿو، فاطمہؑ کي «فاطمہ» ان ڪري سڏيو وڃي ٿو تہ جو مخلوق ان جي معرفت کان عاجز آهي، ۽ توکي سمجھ ڪٿي آهي تہ شب قدر ڇا آهي؟ شب قدر هزار مهينن کان ڀلي آهي، يعني هزار مومنن کان ڀلي آهي ۽ سائڻ مومنن جي امان آهي، ان رات ۾ ملائڪ ۽ روح پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان سيڪنهن ڪم جي (پورائي لاءِ) لهندا آهن، ملائڪ اهي مومن آهن جيڪي آل محمدﷺ جي علوم جا مالڪ آهن، ۽ «روح القدس» فاطمہؑ آهي، هيءَ رات پرھ ڦٽيءَ تائين سلامتيءَ واري آهي، يعني ايستائين جو قائم عج (حضرت مهديؑ) خروج ڪري.»

**ٻي روايت:**

هڪ عظيم ڪتاب «تاويل الآيات» ۾ زراره کان روايت آهي جيڪو حمران کان روايت ڪري ٿو تہ: ابو عبد اللهؑ فرمائي ٿو تہ:

«ليلةُ القدر خَير مِن الف شَهر، يعني فاطمہؑ ۽ الله تعالیٰ جو قول: «تنزل الملائكة و الروح فيها» يعني ملائڪ ان مقام تي اهي مومن آهن جيڪي اهلبيتؑ جي علوم جا وارث آهن ۽ روح، روح القدس جيڪو حضرت فاطمہ زهراؑ جو مبارڪ وجود آهي، «من كل امر سلام» يعني هر طرح جي سلامتي، «حتي مطلع الفجر» يعني ايستائين جو قائم عج (حضرت مهديؑ) قيام فرمائي.»[2]

**ٽين روايت:**

---

[1] ڪوفی، فرات بن ابراهيم، تفسير فرات الڪوفي - تهران، چاپ: اول، ١٤١٠ ق.
[2]. تاويل الآيات الظاهرة في فضايل العترة الطاهرة، ص ٨١٨.

«كُنْتُ عِنْدَ أَبِي الْحَسَنِ مُوسَى عَلَيْهِ السَّلَامُ إِذْ أَتَاهُ رَجُلٌ نَصْرَانِيٌّ فَسَأَلَهُ عَنْ مَسَايِلَ فَكَانَ فِيمَا سَأَلَه، قَالَ أَخْبِرْنِي عَنْ كِتَابِ اللَّهِ تَعَالَى الَّذِي أُنْزِلَ عَلَى مُحَمَّدٍ وَ نَطَقَ بِهِ ثُمَّ وَصَفَهُ بِمَا وَصَفَهُ بِهِ فَقَالَ حم. وَ الْكِتابِ الْمُبِينِ. إِنَّا أَنْزَلْناهُ فِي لَيْلَةٍ مُبارَكَةٍ إِنَّا كُنَّا مُنْذِرِينَ. فِيها يُفْرَقُ كُلُّ أَمْرٍ حَكِيمٍ[1] مَا تَفْسِيرُهَا فِي الْبَاطِنِ فَقَالَ أَمَّا حم فَهُوَ مُحَمَّدٌ ص وَ هُوَ فِي كِتَابِ هُودٍ الَّذِي أُنْزِلَ عَلَيْهِ وَ هُوَ مَنْقُوصُ الْحُرُوفِ وَ أَمَّا الْكِتَابُ الْمُبِينُ فَهُوَ أَمِيرُ الْمُؤْمِنِينَ عَلِيٌّ ع وَ أَمَّا اللَّيْلَةُ فَفَاطِمَةُ ع وَ أَمَّا قَوْلُهُ فِيها يُفْرَقُ كُلُّ أَمْرٍ حَكِيمٍ يَقُولُ يَخْرُجُ مِنْهَا خَيْرٌ كَثِيرٌ فَرَجُلٌ حَكِيمٌ وَ رَجُلٌ حَكِيمٌ وَ رَجُلٌ حَكِيمٌ»[2]

ثقة الاسلام ڪليني پنهنجي ڪتاب اصول ڪافي ۾ پنهنجي سند سان يعقوب ابن جعفر ابن ابراهيم کان روايت ڪري ٿو ته:

«آئون امام موسیٰ ڪاظم وٽ هيم جو هڪ نصراني داخل ٿيو ۽ چيائين ته الله توهان کي صالحين مان شمار ڪري، ڇا سوال ڪري سگهان ٿو؟ مولا جن فرمايو: پڇ؛ چيائين: مون کي الله جي ڪتاب جي باري ۾ ٻڌايو جيڪو محمدﷺ تي نازل ڪيو اٿائين، الله هن ڪتاب جي ذريعي ڳالهايو آهي ۽ ان جي تعريف ڪئي اٿائين، پوءِ چيائين: حم ۽ قسم آهي ان پڌري ڪتاب جو، بيشڪ اسان ان کي بابرڪت رات ۾ لاٿو آهي ۽ اسان ڊيڄارڻ وارا هئاسين ۽ (ان رات) هر ڪم حڪمت وارو هوندو آهي، (ان تي) مولا جن فرمايو: حم ـ محمدﷺ آهي ۽ اها ڳالهه هودؑ جي ڪتاب ۾ نازل ٿي آهي ۽ «ڪتاب مبين» عليؑ آهي باقي «ليل» فاطمهؑ آهي ۽ جيڪو الله جو فرمان آهي: «فيها يفرق ڪل امر حڪيم» يعني فاطمه زهراؑ خير ڪثير آهي، جنهن مان الله تعالىٰ هڪ حڪيم انسان (امام) کي پيدا ڪري ٿو ۽ ان کان پوءِ ٻئي حڪيم (امام) انسان کي اهڙي طرح باقي سلسلو...»

هاڻ ان ٽن روايتن جي مطالب جي جيڪڏهن غور ڪجي ته هڪ هڪ لفظ تمام گهڻي تشريح جي ضرورت رکي ٿو پر اسان هت فقط پنهنجي عنوان هيٺ فقط هڪ ٻئي نڪتي سان بحث ڪنداسين ۽ اهو ان ٽن روايتن جو اشتراڪي نڪتو آهي ته: «حضرت فاطمه س ان رات جو باطن ۽ ڳجهه آهي جنهن رات ۾ الله پورو قرآن نازل ڪيو ۽ ان کي شب قدر جو عنوان بخشيو» ان جي لاءِ ضروري آهي ته هتي اهي هڪجهڙائپ بيان ڪجن جيڪي شب قدر ۽ سائڻ جي درميان پاتا وڃن ٿا.

ٻيو حصو:

بي بي دوجهان ۽ شب قدر جي جي درميان اشتراڪي نڪات:

١. پهرين روايت جي ذيل ۾ علامه مجلسي جيڪا وضاحت پيش ڪئي آهي ان جو خلاصو هي آهي ته:

رات اهڙي شيءِ جنهن جي ذات ۾ پردو رکيل آهي رات هر شيءِ کي ڍڪي ڇڏيندي آهي ان بنا تي سائڻ جي تاويل جيڪا رات سان ڪئي وئي آهي تنهن جو مطلب هي آهي ته حجاب عفت عصمت سائڻ جي وجود جا ذاتي عنصر آهن جن سائڻ جي مبارڪ وجود کي رجاست نجاست ظلم و جور جهڙين پليدن کان ڍڪي رکيو آهي.

٢. قرآن مجيد ٻه دفعا نازل ٿيو آهي هڪ دفعي (سان پورو قرآن نازل ٿيو) ته ٻيو وري تدريجي (آهسته آهسته آيت آيت ٿي ڪري نال ٿيو) قرآن دفعي نزول زمان جي لحاظ جي کان قدر جي رات ۾ نازل ٿيو ۽ مڪان جي

---

[1] ( ٣) الدخان: ١- ٤.

[2] ڪلينی، محمد بن يعقوب، الڪافي (ط - الإسلامية) - تهران، چاپ: چهارم، ١٤٠٧ ق.

لحاظ کان نبي پاڪ جي مقدس دل تي نازل ٿيو ۽ تدريجي نزول بعثت کان پوءِ ٿيويھ سالن تائين نازل ٿيندو رهيو، اتان واضح ٿئي ٿو تہ قرآن مجيد نبي پاڪ جي مقدس دل سان متحد آهي ۽ شب قدر جي اهميت بہ ان کري آهي جو ان ۾ قرآن مجيد پوري جو پورو نازل ٿيو، تہ بس پوءِ سائڻ جي شباهت شب قدر سان ان جهت کان آهي تہ سائڻ جو وجود مقدس نبي پاڪ جي مقدس نور سان هڪ آهي جيئن پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمائن ٿا تہ: فاطمہ عليها السلام منهنجو حصو آهي جنهن ان کي خوش ڪيو جڻ مون کي خوش ڪيائين ۽ جنهن ان کي ڏکارو ڪيو تہ جڻ مون کي ڏکارو ڪيائين. تہ بس پوءِ جهڙي طرح قرآن نبي پاڪ سان گڏ آهي ۽ شب قدر سان گڏ آهي اهڙي طرح قرآن مجيد جي بي بي دوجهان جي وجود کان بہ جدائي محال آهي.

٣. جيئن قدر جي رات هزارين راتين کان ڀلي آهي ان جو مطلب هي آهي تہ ڪابہ رات شب قدر جهڙي نہ آهي اهڙي طرح پوري انسانيت مان بہ ڪو بہ فرد مرد هجي يا عورت ان ۾ سائڻ سان برابري جي لياقت نہ آهي ڇوتہ ڪائنات جو اشرف ۽ اعلىٰ ترين وجود حضرت ختمي مرتبت جن آهن ۽ اهي فرمائن ٿا تہ:

فاطمة امّ ابيها فداها ابوها

فاطمہ پنهنجي والد جي امّان آهي ۽ ان مٿان ان جو بابو قربان ٿئي

۽ ان کان علاوه ٻيهرين روايت ۾ بيان ٿي چڪو آهي تہ سائڻ هزارين مومنن کان بهتر آهي ان مقام تي مومنن مان مراد ائمہ طاهرين آهن ڇوتہ يعقوب ابن شعيب چئي ٿو تہ ڇهين مولا کان قل اعملوا فسير الله عملكمو رسولہ و المومنيين مان مومنن جي باري ۾ سوال ڪيم تہ آقا اهي ڪهڙا مومن آهنتہ مولا جن فرمايو: (هم الائمة) اهي ائمہ عليهم السلام جن آهن، ڪائنات کان افضل ۽ اعلىٰ وجود رسالتمآب ۽ سائڻ ان جو حصو ان کان بعد امير ڪائنات ۽ سائڻ ان جي ڪفو آهي. تنهن کان بعد ۾ باقي امامن جي امّان آهي ۽ ان کان افضل آهي تہ پوءِ ٻيو ڪير آهي جيڪو ان جي مثل ٿي سگهي.

٤. جيئن شب قدر جي حقيقت تائين ڪنهن کي بہ پهنچ ناهي اهڙي نموني بي بي دوجهان جو ادراڪ بہ هر هڪ کي ميسر نہ آهي، ڇهين مولا جن فرمائن ٿا تہ :

انما سميت فاطمة فاطمة لانّ الخلق فطموا عن معرفتها

بتحقيق حضرت فاطمہ کي فاطمہ ان کري سڏيو وڃي ٿو جو سندس معرفت کان پوري مخلوق عاجز آهي

٥. شب قدر ۾ ملائڪ ۽ روح مخلوق جا مقرر ٿيل مقدرات کڻي اچي وقت جي امام وٽ پيش ڪندا آهن جنهن جو تفصيلي بحث پنهنجي جاءِ تي موجود آهي. يعني شب قدر اها رات جنهن رات امام کي مخلوقات جي مثبت ۽ منفي پهلوئن جو علم ٿيندو آهي جيئن امام باقر فرمائن ٿا تہ:

يا معشر الشيعة خاصموا صورت

اي گروه شيعہ! دشمن سان سورت انا انزلنا ذريعي مقابلو ڪيو تہ فلاح پائيندؤ الله جي ذات جو قسم آهي، اها مخلوق مٿان خاتم النبيين کان الله تعالىٰ جي حجت آهي ۽ اها سورت توهان جي دين جي سردار آهي. ۽ اسان امامن جي علم جي انتها آهي.

هاڻي جيڪڏهن ڏنو وڃي تہ سورت انا انزلنا حجت ان علم جي ڪري آهي جيڪو شب قدر ۾ امام کي حاصل ٿئي ٿو تہ پوءِ واضح رهي تہ ائمہ عليهم السلام وٽ جيڪو علم آهي اهو انهن وٽ پنهنجي ڏاڏي جي وسيلي سان آهي جيئن يارهن مولا جن فرمائن ٿا تہ اسان مخلوق مٿان الله جون حجتون آهيون ۽ اسان جي ڏاڏي امان اسان مٿان حجت آهي.

حجت حقيقت ۾ علم جو ئي نالو آهي يعني مولا جن چٽي طرح اهو چئي رهيا آهن تہ اسان جو علم پنهنجي ڏاڏي وٽان آهي يا وري ٻئي مقام تي الله تعالىٰ جي آخري حجت پنهنجي توقيع شريف ۾ فرمائن ٿا تہ و في ابنة رسول الله اسوة حسنہ منهنجي لاءِ نمونہ عمل رسول الله جي نياڻي آهي، ۽ اها ڳالھ بڪلڪل چٽي آهي تہ

ڪنهن ڪي نموني عمل قرار ڏيڻ يعني حجت قبول ڪرڻ پوءِ بس نتيجو اهو وجي نڪرندو اها شب قدر جنهن ذريعي امام ڪيعلم ملندو آهي حقيقت بتول جي ذات ئي آهي.

٦. شب قدر اها رات آهي جنهن ۾ الله تعالىٰ مخلوقات لاءِ نعمتون مقرر ڪندو آهي ۽ الله جي نعمتن مان عظيم نعمت امامت آهي ڇوته جيڪڏهن لمحي برابر به امام ڪائنات نه هجي ته ڪائنات جي هستي نيست و نابود ٿي وڃيءِ اهو ئيامامت جو وجود جنهن رات ڪائنات جو مقدر ٻڌبو آهي اها فاطمه زهرا ئي آهي

ان مطلب جي تائيد ۾ اها ڳالهه به معلوم هجڻ گهرجي ته قدر واري سورت پيغمبر اعظم جي هڪ خواب کان پوءِ نازل ٿي آهي ۽ اهو خواب هي هيو ته نبي ڪريم ڏٺو جو بنو اميه سندس پاڪ منبر تي قبضو ڪري چڪا آهنپاڻ ڪريم جن ان خواب کان ڏاڍو غمگين ٿيا ته پوءِ الله تعالىٰ ڪيس تسلي ڏيڻ خاطر هي سورت نازل ڪئي ته شب قدر هڪ رات بني اميه جي هزار مهينن واري حڪومت کان بهتر آهي

هاڻي جيڪڏهن غور ڪيو وڃي ته مبمبر جي قبضي ڪابن هڪ رات بهتر هجڻ عجيب آهي ان ڪري ان رات جي تاويل بتول جي ذات سان ڪئي وئي آهي ته اي رسول توکي جيڪا ذي عطا ڪئي اٿم مان امامت ان جي اولاد کي عطا ڪندم ۽ ان جي امامت بنواميه جي حڪومت تي غالب هوندي

٧. الله تعالىٰ شب قدر کي سراهيو آهي، جڏهن ته رات جي ذات ۾ اونده ۽ ظلمت هوندي آهي، اهو ان ڪري ته پوري رات طلوع فجر تائين هزارين انوار الهي جي لاءِ حجاب آهي مثال جي طور تي ان رات نور رزق نور حيات نور ممات نور مصلحت نور عنايت نور شفقت ڇُپيل آهن، ٻين لفظن ۾ ائين ڪٺي چئجي ته اها پوري رات طلوع فجر تائين ظاهري لحاظ کان اوهان کي تاريڪ ۽ اونڌائي محسوس ٿئي ٿي پر حقيقت ۾ اها سڄي جي سڄي انوار الهيه سان ٺمٺار آهي، جنهن جو ظهور طلوع فجر سان ٿئي ٿو، عين اهڙي طرح سائڻ زهرا ۽ سندس اولاد پاڪ جيڪي ظاهري طور جسماني جامي ۾ آهنپر سڄي جا سڄا سراپا نور آهن ۽ ان نور جو حقيقي احساس آخري حجت جي ظهور سان ئي ٿيندو.

روايت ۾ اهو آيو آهي ته مديني جا ماڻهو جڏهن بتول جي گهران نور کي بلند ٿيندي ڏسندا هيا ته رسالتمآب کان ان بابت سوال ڪندا هيا ته پاڻ سڳوراﷺ کين جواب ۾ بتول جي گهر جي رهنمائي ڪندا هيا. ته کين معلوم ٿيندو هو جو سائڻ نماز جي حالت ۾ موجود آهي ۽ سندس پيشاني مبارڪ ۽ محراب مان نور طلوع ٿي رهيو آهي.

٨. قدر جي رات قرآن پوري جو پورو نازل ٿيو آهي ۽ سائڻ جي شب قدر سان شباهت ٻڌائي ٿي ته انسان ڪامل قرآن جو بدل آهي ۽ انسان ڪامل خاص نه آهي ته رڳو مرد تي سگهي ٿو پر اهو ڪجهه خصوصيتن ۽ ڪمالن جو مالڪ هوندو آهي پوءِ اهو ڪمال ڪنهن نسواني عنصر رکڻ واري انسان ۾ موجود هجي ته ان کي به انسان ڪامل چئي سگهجي ٿو، هونئن به اصطلاح مان واضح آهي ته لفظ انسان نوع کي شامل آهي جيڪڏهن مراد صنف هجي ها (رجل ڪامل) چيو وڃي ها. ان بنا تي سائڻ زهراعليها السلام پڻ ان ڪامل انسانن منجهان آهي جيڪي جسماني حالت ۾ سڄو قرآن آهي حضرت آيت الله جوادي آملي مد ظله فرمان ٿا ته قرآن مجيد تدويني ڪتاب جي تجلي آهي ۽ انسان ڪامل معصوم ڪتاب تڪويني جي تجلي هوندو آهي ته پوءِ جنهن رات ڪامل قرآن تنزل ڪري اها شب قدر هوندي آهي ۽ جنهن رات انسان ڪامل عالم ارواح مان تنزل ڪري جسماني قالب ۾ اچي ته اها به شب قدر هوندي آهي سائڻ جي شباهر ليلة القدر سان ان ڪري آهي جو سائڻ جي ذات قدسي مقام ۾ شرافت ۽ عين قرآن آهي بلڪ قرآن ۽ سائڻ هڪ حقيقت جا ٻه رخ آهن هڪ الفاظ جي صورت ۾ ته ٻيو جسم جي صورت ۾.

٩. قدر جي رات ۾ عليعليه السلام جي ولايت نازل ٿي آهي مفضل بن عمر، ابوعبد الله امام صادقعليه السلام کان روايت ڪري ٿو ته انا انزلنا جي ٻين سورتن مٿان برتري ان ڪري آهي جو ان قدر واري رات علي جي ولايت نازل

ٿي هئي ان روايت مان معلوم ٿئي ٿو ته شب قدر علي سان خاص آهي ڇوجو ان ۾ مولا جي ولايت نازل ٿي آهي ان بنا تي سائڻ عاليه کي شب قدر ان لاءِ چيو وڃي ٿو جو سائڻ به فقط ۽ فقط امير المومنين سان خاص آهي روايت ۾ پڻ واضح آهي ته لولا علي لما لفاطمة کفوا

جيڪڏهن علي جي ذات نه هجي ها ته ڪوئي بتول جو همسر نه هجي ها بس بتول علي؈ سان خاص آهي ۽ مولا جي ولايت به سائڻ جي وسيلي سانِ باقي آهي ان کان علاوه ٻيو شباهتون به موجود آهن پر ڊيگھ کان بچڻ خاطر انهن تي اکتفا ڪيون ٿا.

ڪاوش تحرير: علي گوهر ايماني

# حضرت امام محمد باقر عليه السلام، نبي اڪرم صلي الله عليه وآله جي علم جو پاسبان

عصمت ۽ طهارت جو مجسمو حضرت امام محمد باقر عليه السلام پهرين رجب المرجب ۾ پنهنجي ولادت ذريعي امام صادق عليه السلام جي گهر کي خوشين سان پري ڇڏيو اڳتي هلي ڪري جڏهن ماحول سازگار بڻيو امام امامت جي منصب جي واڳ سنڀاليندي علوم نبي ڪريم صلي الله عليه وآله جي محافظت ڪئي ۽ علمي درسگاهون ايجاد ڪيون ۽ تمام گهڻا فقهي، تفسيري ۽ اخلاقي نظريا ۽ افڪار پاڻ کان مربوط ڪتابن منجهه يادگار طور ڇڏيا، اهڙي نموني جو فقط امام محمد باقر عليه السلام جي هڪ شاگرد يعني محمد بن مسلم ۳۰ هزار روايتون کانئس نقل ڪيون ۽ جابر جعفي ۷۰ هزار روايتون کانئس نقل ڪيون ۽ شيخ طوسي قدس سره امام عليه السلام جا شاگرد ٤٦٢ ڄاڻايا آهن، جن جي ذريعي امام مڪتب اهلبيت عليهم السلام جي عظيم خدمت انجام ڏني. هن مقالي ۾ اسين امام باقر عليه السلام جو مختصر تعارف، امام عليه السلام جي دور جا علمي حالات، سندن اقدامات، علمي تحريڪ ايجاد ڪرڻ، انحرافات سان مهاڏو اٽڪائڻ ۽ ڪجهه شبهات جي جوابن وغيره کي ذڪر ڪريون ٿا. ان شاء الله تعالي قارئين حضرات لاءِ مفيد واقع ٿيندو ۽ خدا جي بارگاهه ۾ قبوليت جو مقام ماڻيندو.

### حضرت امام محمد باقر عليه السلام هڪ نگاهه ۾

حضرت امام محمد باقر عليه السلام جن جي مديني شهر منجهه پهرين رجب سن ٥٧ق ، جمعي يا اڱاري جي ڏينهن ولادت ٿي.[1]

حضرت امام محمد باقر عليه السلام علوي گهراڻي جو پهريون فرزند هو جيڪو ٻن امامن (امام حسن ۽ امام حسين عليهما السلام) جي نسل مان پيدا ٿيو. سندن والد گرامي امام سجاد عليه السلام ۽ والده محترم بيبي ام عبد الله (فاطمه عليها السلام) امام حسن عليه السلام جي نياڻي هئي.[2]

سندن نالو محمد، لقب باقر، شاڪر، هادي، امين ۽ شبيهه (رسول ڪريم صلي الله عليه وآله جي شبيهه) آهي.[3]

امام عليه السلام جن جي ڪنيت ابو جعفر هئي.[4]

امام عليه السلام جون ٻه گهرواريون هيون: ام فروه قاسم بن محمد بن ابوبڪر جي نياڻي (امام صادق عليه السلام ۽ عبد الله بن محمد جي امڙ) هئي ۽ ام حڪيم اسيد بن ثقفي جي ڌيءَ ( ابراهيم ۽ عبد الله) جي جيجل ماءُ هئي ۽ ٻه ام ولد (ڪنيزون) به امام جن وٽ هيون. علي، زينب ۽ ام سلمه امام عليه السلام جي ٻي اولاد جا نالا آهن.[5] حضرت امام محمد باقر عليه السلام پنهنجي والد گرامي امام سجاد عليه السلام جي شهادت کانپوءِ سال ٩٥ ق ۾ امت جي هدايت جي ٻيڙيءَ کي واقعات جي طوفانن جي درميان رهنمائي ۽ رهبري ڪئي ۽ ١٩ سال جي عرصي تائين شيعن جي سرداري ۽ سالاري جي واڳ سنڀالي. (محرم الحرام ٩٥ ق کان ذو الحج ١١٤ ق تائين).

---

[1] . اعلام الورى، ص ٢٦٤؛ مناقب ابن شهر آشوب، ج ٤، ص ٢٢٧ .

[2] . اصول ڪافي، ج ٢، ص ٣٧٢.

[3] . دلائل الامامة، ص ٩٤٠؛ تاج المواليد، ص ٣٩؛ ڪشف الغمہ، ج ٢، ص ٣١٨؛ تذڪرة الخواص، ج ٥، ص ٣٠٢؛ احقاق الحق، ج ١٢، ص ١٦٥؛ تاريخ يعقوبي، ج ٢، ص ٣٠٢.

[4] . سير اعلام النبلاء، ج ٤، ص ٤٠١.

[5] . فصول المهمہ، ص ٢٢١؛ ارشاد مفيد، ج ٢، ص ١٧٢؛ طبقات ابن سعد، ج ٥، ص ٢٣٦؛ تذڪرة الخواص، ص ٣٠٦ ڪجهه زينب ۽ ام سلمه هڪ ئي خاتون جو نالو ڄاڻين ٿا (اعلام الورى، ص ٢٦٥.

### امامؑ جي دور جا علمي حالات

سال ٩٤ کان ١١٤هه، ق تائين) فقهي مسلک (روش) جي زماني جو آغاز ۽ حديث نقل ڪرڻ جي اوج ۽ عروج جو زمانو سندس تفسير جي باري ۾ هو.

اهلسنت جي علماء منجهان ڪجهه ماڻهو جيئن مڪحول، قتاده، هشام بن عروه وغيره حديث کي نقل ڪرڻ ۽ فتوا آشڪار ۽ ظاهر ڪرڻ جي باري ۾ فعاليت ڪري رهيا هئا.

البت ڪجهه ماڻهن جيئن زهري، ابراهيم نخعي، ابوالزناد، رجاء ابن حيوة وغيره... جي حڪومتي مشينريءَ سان وابستگي ۽ تعلق امامؑ جي پاڻ ڪريمنﷺ جي واقعي ۽ حقيقي سنت جي بيان ڪرڻ جي ضرورت، روشن ۽ پڌرو ڪري رهي هئي.

حضرت امام محمد باقرؑ ان خطري کي چڱيءَ ريت محسوس ڪري رهيا هئا، هڪ خط ۾ سعد الخير کي فرمائين ٿا: : « فَاعْرِفْ أَشْبَاهَ الْأَحْبَارِ وَ الرُّهْبَانِ الَّذِينَ سَارُوا بِكِتْمَانِ الْكِتَابِ وَ تَحْرِيفِهِ فَما رَبِحَتْ تِجارَتُهُمْ وَ ما كانُوا مُهْتَدِينَ»[1] احبار ( يهودين جي عالم) ۽ رهبان (عيسائين جي پادري) جي شڪل ۽ روپ رکندڙ ماڻهن کي سُڃاڻ، جن خدا جي ڪتاب کي ماڻهن کان لڪايو ۽ ان ۾ تحريف ۽ تبديلي ڪئي (انهن سمورن احوال جي هوندي) انهن جي تجارت ڪين ڪو فائدو نه ڏنو ۽ هدايت پرائڻ وارن مان نه ٿيا.

ان دور ۾ بنيادي طور تي فقهه، اهلسنت جي نزديڪ تدوين (ڪتابي شڪل) جي مرحلي ۾ داخل ٿي وئي.

سياسي اجارن کي ڪنٽرول ڪرڻ جي لاءِ ڪربلا جي حادثي کان پوءِ ۽ ابن زبير جي شڪست کان بعد ۽ بني اميه جي حاڪميت جي متحد ٿيڻ کان بعد ڪيترن ئي علماء کي سياست جي ميدان کان دور ڪري ڇڏيائون ۽ انهن بين مرڪزن جيئن درس ۽ حديث جي طرف رخ ڪيو عمربن عبد العزيز جي توسط سان حديث لکڻ جو ابوبڪر بن حزم،[2] کي سال ١٠٠هه، ق ۾ حڪم ڪرڻ؛ اهل سنت جي ثقافتي ڪوشش ۽ جَدوجهد تي بهترين شاهد (مثال) ٻي صدي جي شروعات ۾آهي جيڪو امام محمد باقرؑ جي امامت جي دور سان مليل آهي. ان کان پهريان، فقهه ۽ حديث معاشري ۾ مڪمل طور تي لاپرواهيءَ جو شڪار بڻيل هئي ۽ ماڻهن جي اڻ ڄاڻائي ان وقت پنهنجي عروج تي پهتي جڏهن اسلامي فتوحات (فتحن) جو آغاز ٿيو. سموري پهرين صدي هجري جي ٻئي اڌ (دور) ۾ ايستائين جوماڻهو نماز برپا ڪرڻ جي ڪيفيت ۽ حج پڻ نه ڄاڻندا هئا.[3]

### حضرت امام باقرؑ جا اقدامات

فقهه ۽ حديث جي هڪ خاموش دور جي مقابلي ۾ ۽ اهلسنت جو علمي انقلاب بعد واري مرحلي ۾ امام باقرؑ ٻن عمده ڪمن ۾ هٿ وڌو.

١. فقهه، تفسير، حديث ۽ اخلاق ۾ شيعه علمي تحريڪ ايجاد ڪرڻ وغيره.

٢. اهلسنت جي علمي اقدامات کان جنم وٺندڙ تحريفن کي ختم ڪرڻ.[4]

امامؑ جي چمڪ ڀنهي محاذن ۾ نبويﷺ اهميتن کي زنده ڪرڻ، اهڙي ريت جو عبد الله بن عطاء مڪي چئي رهيو هو: «مَا رَأَيْتُ الْعُلَمَاءَ عِنْدَ أَحَدٍ قَطُّ أَصْغَرَ مِنْهُمْ عِنْدَ أَبِي جَعْفَرٍ مُحَمَّدِ بْنِ عَلِيِّ بْنِ الْحُسَيْنِ ع وَ لَقَدْ رَأَيْتُ الْحَكَمَ بْنَ عُتَيْبَةَ مَعَ جَلَالَتِهِ فِي الْقَوْمِ بَيْنَ يَدَيْهِ كَأَنَّهُ صَبِيٌّ بَيْنَ يَدَيْ مُعَلِّمٍ»[5] مان علماء کي ڪنهن هڪ جي آڏو ناهي ڏٺو جو صفا ننڍا هجن جيترو امام ابو جعفر محمد بن علي بن حسين

---

[1]. ڪافي، الروضه، ص ٧٧.

[2]. المصنف، عبدالرزاق، ج ٩، ص ٣٣٧

[3]. ڪشف القناع عن حجية الاجماع، ص ٥٦، ضحي الاسلام، ج ١، ص ٣٨٦ .

[4]. ر . ڪ : حيات فڪري و سياسي امامان شيعه، رسول جعفريان، ص ٢٠٨ تا ٢١٤.

[5]. ارشاد مفيد، ص ٢٨٠.

عليهم السلام جي نزديڪ آهن، مان حڪم بن عتيبه[1] کي سندس سموري علمي عظمت ۽ جلالت جي هوندي جيڪا ماڻهن جي درميان رکي پيو امام عليه السلام جي مقابلي ۾ ڏٺم ائين هو ڄڻ ڪو ٻار پنهنجي استاد جي سامهون هجي ۽ ابوزهره لکي ٿو: «حضرت امام محمد باقر عليه السلام، حضرت امام سيد سجاد عليه السلام جي امامت ۽ ماڻهن جي هدايت ڪرڻ ۾ وارث هو. ان بنا تي سمورن اسلامي شهرن جا علماء هرطرف کان سندس بارگاهه ۾ ايندا هئا ۽ ڪو به مديني جو سير نه ڪندو هو مگر هي ته سندس خدمت ۾ تشريف ڪٽي ايندو هو ۽ سندس اڻ کٽ علم منجهان فيض پرائيندو هو.[2]

**الف) علمي تحريڪ ايجاد ڪرڻ**

امام عليه السلام جي عظيم علمي تحريڪ جي ايجاد ڪرڻ جي مورد ۾ ايتري قدر ئي ڪافي آهي ته ڄاڻون امام باقر عليه السلام ۽ سندس فرزند امام صادق عليه السلام اموين جي داخلي نظام جي بحرانن جي سائي ۾ جنهن انهن کي پاڻ ۾ مشغول ۽ مصروف ڪري ڇڏيو هو، وڏين علمي درسگاهن ۽ مدرسن جي ايجاد ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا ۽ تمام گهڻا فقهي، تفسيري ۽ اخلاقي نظريا ۽ افڪار پاڻ کان مربوط ڪتابن منجهه يادگار طور ڇڏيائون، اهڙي نموني جو فقط حضرت امام محمد باقر عليه السلام جي هڪ شاگرد يعني محمد بن مسلم ٣٠ هزار روايتون امام عليه السلام کان نقل ڪيون آهن ۽ هڪ شخص جابر جعفي جي نالي سان ٧٠ هزار روايتون نقل ڪيون آهن ۽ شيخ طوسي قدس سره امام عليه السلام جا شاگرد ٤٦٢ ڄڻا ڄاڻي ٿو.[3]

ب) انحرافات سان مهاڏو اٽڪائڻ

امام عليه السلام جي ان زماني ۾ پيش آيل علمي ۽ فقهي انحرافات سان مقابلن جي واضح ٿيڻ لاءِ اسان فقط انهن مقابلن جي ڪجهه نمونن کي ذڪر ڪرڻ تي اڪتفا ڪريون ٿا:

**١. خارجين جي فڪر سان منهن آڏائي**

خارجين منجهان هڪ شخص اها دعوا هئي ته حضرت علي عليه السلام جنگِ نهروان ۾ خارجين کي قتل ڪرڻ خاطر ظلم ڪرڻ ۾ مبتلا ٿي ويا آهن. هو چئي رهيو هو: اگر خبر پوي ته ڪوئي آهي جيڪو علي عليه السلام جو ظالم نه هجڻ منهنجي لاءِ ثابت ڪري ته مان ان جي طرف ويندس. امام باقر عليه السلام جو ان کي تعارف ڪرايو ويو. هو پنهنجي ٽولي جي ڪجهه ماڻهن کي ڪنو ڪري امام باقر عليه السلام جي خدمت ۾ پهتو. امام عليه السلام جي گفتگو کان پوءِ ۽ حضرت علي عليه السلام جي امام عليه السلام جي ساٿين (اصحاب) جي ذريعي فضائل بيان ڪرڻ کان پوءِ اهو شخص اٿيو ۽ چيائين: آئون هن سڀ ۾ وينل ماڻهن کان وڌيڪ علي عليه السلام جي فضائل کان آگاهه آهيان پر اهي فضيلتون ان زماني سان مربوط آهن جڏهن ان حڪميت کي قبول نه ڪيو هو ۽ حڪميت کان پوءِ هو ڪافر ٿي ويو. (نعوذ بالله من ذالڪ) امام علي عليه السلام جي فضائل جي باري ۾ گفتگو خبير واري حديث تائين پهتي جنهن ۾ نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم ارشاد فرمايو: «سڀاڻي علم ان شخص کي ڏيندس جيڪو خدا ۽ ان جي رسول صلي الله عليه وآله وسلم سان محبت ڪري ٿو ۽ خدا ۽ ان جو رسول صلي الله عليه وآله وسلم به ان سان محبت ڪري ٿو. دشمن تي حملو ڪري ٿو ۽ هرگز جنگ جي ميدان مان ڀڄي نه ٿو...» حضرت امام باقر عليه السلام فرمايو: ان حديث جي باري ۾ ڇا ٿو چوين؟ هن وراڻيو ته حديث صحيح آهي پر علي عليه السلام جو ڪفر ان کان پوءِ هو. امام عليه السلام فرمايو: ڇا جنهن ڏينهن خدا عليءَ سان محبت ڪري

---

[1]. عتيبه: ڪجهه ڪتابن ۾ عيينه جو نالو آيو آهي جيئن تاج المواليد ۽ روضة الواعظين و بصيرة المتعظين ، وغيره ۾ عيينه جو نالو آيو آهي.

[2]. (١١) الامام الصادق، ابوزهره، ص ٢٢ .

[3]. ائمتنا، ج ١، ص ٣٣٢.

پيو ڇا خدا ڄاڻي پيو تہ مستقبل ۾ عليؑ اهلِ نهروان کي قتل ڪندو يا نہ پيوڄاڻي؟ ان شخص ورندي ڏني: جيڪڏهن چوان تہ خدا نہ پيو ڄاڻي تہ ڪافر ٿيان ٿو بس خدا ڄاڻي پيو.

امام باقرؑ فرمايو: ڇا خدا جي محبت عليؑ سان ان ڪاڻ هئي تہ هو خدا جي اطاعت ۾ عمل ڪندو يا ان جي ساڻس نافرماني ڪرڻ خاطر محبت هئي؟

ان شخص جواب ڏنو: اها ڳالهہ پڌري ۽ واضح آهي تہ خدا جي محبت عليؑ جي بندگي ۽ اطاعت جي ڪري هئي. (ان وقت) امام باقرؑ فرمايو: هاڻي تون مناظري جي ميدان ۾ هار ۽ شڪست کائي ويو آهين؛ هتان اُٿ ۽ محفل کي ترڪ ڪر ڇاڪاڻ تہ خدا جي محبت ٻڌائي رهي آهي تہ علي سائينؑ عمر جي پڇاڙيءَ تائين خدا جي اطاعت جي راهہ ۾ قدم کڻندو ۽ ان جي رضا ۽ راضپي جي واٽ کان خارج نہ ٿيندو ۽ علي سائينؑ جيڪو ڪجهہ انجام ڏنو آهي سو سندس خدائي ذميداري مطابق آهي.

اهو شخص پنهنجي جاءِ تان اٿيو ۽ چيائين: «الله اعلم حيث يجعل رسالتہ؛ خدا وڌيڪ ڄاڻي ٿو تہ پنهنجي رسالت ڪٿي قرار ڏي».[1]

**٢. ڪوڙنا هيندڙن ۽ غالين سان مقابلو**

امام صادقؑ جي هڪ روايت ۾ ست ڄڻا موقعي جي تاڙ ڪندڙ ۽ ڪوڙن ماڻهن جي عنوان سان ڄاڻايا ويا آهن. (مغيرة بن سعيد، بيان، صائد، حمزة بن عماره بربري، حارث شامي، عبدالله بن عمر بن حارث، ۽ ابوالخطاب)[2] امام باقرؑ انهن جي برخلاف (راز) فاش ڪندا هئا ۽ مٿن لعنت ۽ ڦٽڪار ڪندا هئا.

امامؑ فرمائيندا هئا: مغيره بلعم وانگر آهي جنهن جي باري ۾ خدا فرمايو: «الذى آتيناه آياتنا فانسلخ منها فاتبعہ الشيطان فكان من الغاوين »؛[3] مغيره خدا جي جسم هجڻ جو قائل هو ۽ غُلو آميز ڳالهيون حضرت امام عليؑ جي باري ۾ ڪندو هو ۽ اهڙي ريت امام باقرؑ بيان نالي شخص جي باري ۾ فرمايو: «خدا، بيان تي لعنت ڪري ڇاڪاڻ تہ منهنجي والد تي ڪوڙ هڻندو هو».[4] هو امام علي، امام حسن، امام حسين ؑ ۽ محمد بن حنفيہ ۽ ابوهاشم (محمد بن حنفيہ) جي پٽ جي الوهيت جو قائل هو ۽ پنهنجو پاڻ کي هن آيت «هذا بيان للناس» جو مصداق سمجهندو هو.[5]

ابو منصور عجلي بہ غالين منجهان هو، جنهن پنهنجي اردگرد مُريد ۽ پوئلڳ ڪٺا ڪيا هئا ۽ امام باقرؑ قانوني طور تي ان کي تڙي ڇڏيو. ان جا پيروڪار «منصوريہ» يا «ڪسفيہ» جي نالي سان مشهور ٿيا امامؑ جي وفات کانپوءِ هن دعوا ڪئي تہ امامت ان ڏانهن منتقل ٿي آهي.[6]

**٣. بدعتين سان مقابلو ڪرڻ**

---

[1]. ڪافي، ج ٨، ص ٣٤٩؛ بحارالانوار، ج ٢١، ص ٢٦ .

[2]. اختيار معرفة الرجال، جزء ٤، ص ٣٠٢، ح ٥٤٣.

[3]. اعراف/١٧٥؛ بحارالانوار، ج ٤٦، ص ٣٢٢ . (آيت جو ترجمو: اهو شخص جنهن کي پنهنجون آيتون (نشانيون ڏنيون سين؛ پر پاڻ کي ان کان خالي ڪيائين ۽ شيطان ان جي پويان لڳي پيو ۽ گمراهن مان ٿي ويو.)

[4]. اختيار معرفة الرجال، ص ٣٠١.

[5]. طبري، ج ٥، ص ٤٥٧؛ الكامل في التاريخ، ج ٤، ص ٢٠٩

[6]. فرق الشيعہ، ص ٣٨.

امام باقرؑ فرمائيندا هئا: «جيڪو ماڻهو گناهہ ذريعي ۽ ڪبيره گناهن جي مرتڪب ٿيڻ سان خدا سان مقابلي لاءِ اٿي کڙو ٿئي ۽ پنهنجي جرئت ڏيکاري (اهو) ڪافر آهي. جيڪو بہ خدا جي دين ڪانسواءِ ڪنهن (ٻي) روش جو بنياد رکي (اهو) مشرڪ آهي».[1]

٤. علماء جي انحرافات سان مقابلو

ان دور ۾ فقهاء شدت سان فعال هئا ۽ اهو امر امامؑجي لازمي هوشياري کي طلب ڪري رهيو هو.

امامؑ ابوحنيفي جهڙن فقيهن جي مقابلي ۾ شدت سان مهاڏو اٽڪائي بيهي رهيا.[2]

من جملہ اهل قياس جي باري ۾ زراره کي فرمايائون: «يَا زُرَارَةُ إِيَّاكَ وَ أَصْحَابَ الْقِيَاسِ فِي الدِّينِ، فَإِنَّهُمْ تَرَكُوا عِلْمَ مَا وُكِّلُوا بِهِ وَ تَكَلَّفُوا مَا قَدْ كُفُوهُ يَتَأَوَّلُونَ الْأَخْبَارَ وَ يَكْذِبُونَ عَلَى اللهِ عَزَّ وَ جَلَّ» اي زراره! انهن ماڻهن کان جيڪي دين جي ڪم ۾ قياس ڪن ٿا، پرهيز ڪر: ڇاڪاڻ تہ اهي جنهن علم جا ذميدار هئا ان کي پاسي تي رکي ڇڏيو ۽ اها شيءِ شروع ڪئي اٿن جيڪا انهن کي سپرد ناهي ڪئي وئي. حديثن (اخبار) کي (پنهنجي ذوق ۽ سليقي) سان تفسير تاويل ڪن ٿا ۽ الله تعالي تي ڪوڙ هڻن ٿا. محمد بن اطيار، حضرت امام باقرؑ جي اصحاب منجهان چوي ٿو: امام باقرؑ مون کي فرمايو: ڇا ماڻهن سان بحث مباحثو ڪرين ٿو؟ مون چيو جي ها. ڇا جيڪو ڪجهہ (ماڻهو) پڇن ٿا تون هر حال ۾ ڪو جواب ڏين ٿو؟ مان چيو جي ها! امامؑ فرمايو: بس ڇا جي باري ۾ خاموشي اختيار ڪرين ٿو ۽ علم ۽ حقيقي دانش کي سندس اهل جي حوالي ڪرين ٿو؟ امامؑ ان سوال ذريعي ان کي سمجهايو تہ ان جو ماڻهن کي سوالن جي جوابَ ڏيڻ جو طريقو غلط آهي ۽ ديني مسئلن ۾ گهرجي تہ ان جي اصلي مرجع جيڪي آئمہ اطهار ؑ آهن جي طرف رجوع ڪن. اهڙي ريت ابوحمزه ثمالي امامؑ جي قتاده سان گفتگوءَ کي هن طرح ياد ڪن ٿا: امام ان شخص ڏانهن منهن ڪيو ۽ پڇيو: تون ڪير آهين؟ هن جواب ڏنو: قتاده بن دعامہ بصري آهيان. امام فرمايو: تون اهل بصره جو فقيهہ آهين؟ هن چيو جي ها. امامؑ فرمايو: افسوس هجي توتي اي قتاده! الله سائين قابل ۽ لائق ماڻهن کي خلق ڪيو آهي تہ جيئن (اهي) ٻين تي حجت هجن. اهي زمين جا اوتاد[4] (اولياء) آهن ۽ خدائي امر جي برپا ڪرڻ وارا ۽ خدا جي علم جا منتخب ٿيل آهن، انهن کي ٻين بندن جي خلقت کان پهريان منتخب ڪيو اٿس. قتاده طويل خاموشيءَ کان پوءِ چيو: خدا جو قسم آئون هينئر تائين تمام گهڻن فقيهن جي مقابلي ۾ ۽ ابن عباس جي آڏو وينو آهيان پر جهڙي ريت توهان جي سامهون پريشان ٿيو آهيان، انهن مان ڪنهن بہ هڪ جي آڏو مون کي بي قراري ۽ پريشاني نہ وکوڙيو آهي. امامؑ فرمايو: تون ڄاڻين ٿو تہ ڪٿي وينو آهين؟ اهڙي خاندان جي مقابلي ۾ (وينو) آهين جنهن جي باري ۾ خدا فرمايو آهي: «فِي بُيُوتٍ أَذِنَ اللهُ أَنْ تُرْفَعَ وَ يُذْكَرَ فِيهَا اسْمُهُ يُسَبِّحُ لَهُ فِيها بِالْغُدُوِّ وَ الْآصالِ».[5] ۽ فرمايو آهي: « رِجالٌ لا تُلْهِيهِمْ تِجارَةٌ وَ لا بَيْعٌ عَنْ ذِكْرِ اللهِ

---

[1]. بحارالانوار، ج ٧٢، ص ٢٢٢.

[2]. المجالس المفيدة، ص ٣٩؛ وسايل الشيعہ، ج ١٨، ص ٣٩.

[3]. بحارالانوار، ج ٢، ص ٣٠٤ و ٣٠٨؛ وسائل الشيعہ، ج ٢٧، ص ٥٩ و امالي مفيد، ص ٥١.

[4]. اوتاد: وتد جو جمع آهي جنهن جي لغت ۾ معني ڪوڪو آهي ۽ جمع ڪوڪا ٿيندي، قرآن شريف ۾ جبلن کي زمين جي اوتاد سان ياد ڪيو ويو آهي، روايتن جي ڪتابن ۾ ان کي اولياء جي مختلف گروهن سان تعبير ۽ تفسير ڪيو ويو آهي ۽ شيعا روايتن ۾ اوتاد جو لفظ ڪڏهن نبي ڪريمؐ جن تي ۽ ڪڏهن ٻارهن امامنؑ تي ۽ ڪڏهن اولياء جي گروهہ تي اطلاق ٿئي ٿو.

[5]. نور/٣٦ . «[هي چمڪندڙ چراغ] انهن گهرن ۾ موجود آهن جن جي لاءِ خدا اجازت ڏني آهي تہ انهن کي بلند ڪيو وڃي ؛ اهي گهر جن ۾ خدا جو نالو ڪنيو وڃي ٿو ۽ صبح ۽ شام انهن ۾ تسبيح ڪن ٿا».

وَإِقامِ الصَّلاةِ وَإِيتاءِ الزَّكاة» بس تنهنجو مقام اتي آهي جيڪو تون خود چاهين ٿو ۽ اسان اهو خاندان آهيون جنهن جي خدا واکاڻ ڪئي آهي.[1]

**سوالن ۽ شُبهن جا جواب**

امام باقر عليه السلام جي مهم ذميدارين منجهان ارزشن ۽ لياقتن جي پاسداريءَ بابت فڪري شبهات کي رد ڪرڻ هو امام عليه السلام اها مسئوليت خط، تقرير ۽ مناظري وغيره جي قالب ۾ انجام ڏيندا هئا. هيٺ ان باري ۾ ڪجهه نمونا ذڪر ڪريون ٿا:

*امام باقر عليه السلام کان سوال ڪيو ويو: ڇا صحيح آهي ته لفظِ «شيءِ» جو اطلاق (استعمال) خدا تي ٿئي؟ امام فرمايو: جي ها! لفظِ شيءِ جو خدا تي اطلاق ٿيڻ صحيح آهي، ڇاڪاڻ ته اهو اطلاق خدا کي تعطيل ۽ تشبيهه جي حد کان ٻاهر ڪڍي ڇڏي ٿو.[2]

يعني لفظِ شيءِ هر ان «شيءِ» تي اطلاق ڪري ٿو جيڪا وُجود رکي ٿي ۽ جيڪڏهن اهو لفظ استعمال نه ڪريون ته لازم اچي ٿو ته ان جي باري ۾ هميشه خاموش رهون ۽ اهو سوچ ۽ ويچار جي راهه کي بند ڪري ڇڏي ٿو.

*هڪ شخص امام باقر عليه السلام کي چيو: خدا ڪهڙي زماني کان موجود آهي؟ امام عليه السلام فرمايو: افسوس! هجي توتي زمانو ان موجود جي لاءِ آهي جيڪو اڳ ۾ نه هو ليڪن خدا جو وُجود هميشه (دائمي) آهي.[4]

*امام عليه السلام کان هن آيت «يَا اِبلِیسُ مَا مَنَعَكَ أَنْ تَسْجُدَ لِما خَلَقْتُ بِيَدَيَ»[5] جي تفسير جي باري ۾ سوال ڪيو ويو. امام عليه السلام فرمايو: «يد»«هٿ» ڪلامِ عرب ۾ قوت ۽ عظمت جي معني ۾ آهي. الله سائين فرمائي ٿو: : « وَ السَّماءَ بَنَيْناها بِأَيْدٍ».[6] ۽ آسمانن کي قدرت ۽ طاقت سان بلند ڪيو سين.

*خارجين مان هڪ شخص امام باقر عليه السلام کي چيو: تون ڪهڙي شيءِ جي عبادت ڪرين ٿو؟ امام عليه السلام فرمايو: الله تعالي جي. هن چيو ڇا ان کي ڏٺو اٿئي؟ امام فرمايو: «اکين حسي مشاهدي ذريعي ان کي ناهي ڏٺو پر دلين خدا جي ايمان جي حقيقت کي پاتو آهي، خدا کي پيٽ جي ذريعي نٿو سڃاڻي سگهجي ۽ حواس جي ذريعي درڪ (حاصل) نه ٿو ڪري سگهجي ۽ هو ماڻهن سان ڪائي شباهت نه ٿو رکي. خدا جي پنهنجي علامتن ۽ نشانين جي ذريعي وصف ڪئي وڃي ٿي ۽ ڪيس سڃاتو وڃي ٿو ۽ پنهنجي حڪم ۽ فيصلي ۾ هرگز ظلم نه ٿو ڪري. اهو اهوئي خدا آهي جنهن ڪانسواءِ ٻيو ڪوئي معبود ناهي.[7]

نتيجو:

امام محمد باقر عليه السلام پنهنجي علمي روش جي ذريعي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي اصلي علم جي حفاظت ڪئي ۽ ماڻهن کي متوجهه ڪيو ته جيڪي نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي علم جا اصلي وارث آهن، اهي اهلبيت عليهم السلام آهن ۽ دين ۾ قياس ۽ پنهنجي من گهڙت راءِ کان روڪيو ۽ معاشري وارن کي زمين جي اوتاد (اولياء) جي طرف متوجهه ڪيو

---

[1]. سورت نور/٣٧ . « اهي ماڻهو جن کي نه تجارت ۽ نه ڪو معاملو انهن کي خدا جي ياد کان ۽ نماز جي قائم ڪرڻ، زڪوات جي ادا ڪرڻ کان غافل نه ٿو ڪري».

[2]. اصول ڪافي، ج ٦، ص ٢٥٦؛ بحارالانوار، ج ٤٦، ص ٣٥٨.

[3]. اصول ڪافي، باب اطلاق القول بانه شي ء، ج ٧.

[4]. ساڳيو، باب الڪون والمڪان، ج ٣.

[5]. سورت ص/٧٥ . «اي ابليس ڪهڙي شيءِ تو کي منع ڪيو آهي جو جنهن کي پنهنجي هٿ سان خلق ڪيو آهي ان کي سجدو ڪرين؟».

[6]. سيرة الائمة الاثني عشر، ج ٣، ص ٢١٣ .

[7]. الاحتجاج، ص ٣٢١.

**جيڪي آئمہ اطهارؑ آهن. خداوند متعال اسان سيني مومن ۽ مسلمانن کي علوم آل محمدؑ کان مستفيد ٿيڻ جي توفيق عطا فرمائي.**

**حوالا:**


1. **علام الورى، ص ٢٦٤؛ مناقب ابن شهر آشوب، ج ٤، ص ٢٢٧ .**
2. **اصول ڪافي، ج ٢، ص ٣٧٢.**
3. **دلائل الامامة، ص ٩٤٠؛ تاج المواليد، ص ٣٩؛ ڪشف الغمہ ج ٢، ص ٣١٨؛ تذڪرة الخواص، ج ٥، ص ٣٠٢؛ احقاق الحق، ج ١٢، ص ١٦٥؛ تاريخ يعقوبي، ج ٢، ص ٣٠٢.**
4. **سير اعلام النبلاء، ج ٤، ص ٤٠١.**
5. **فصول المهمہ ص ٢٢١؛ ارشاد مفيد، ج ٢، ص ١٧٢؛ طبقات ابن سعد، ج ٥، ص ٢٣٦؛ تذڪرة الخواص، ص ٣٠٦ .ڪجھ زينب ۽ ام سلمہ هڪ ئي خاتون جو نالو ڄاڻين ٿا (اعلام الورى، ص ٢٦٥.**

6. **ڪافي، الروضہ ص ٧٧.**
7. **المصنف، عبدالرزاق، ج ٩، ص ٣٣٧**
8. **ڪشف القناع عن حجية الاجماع، ص ٥٦، ضحي الاسلام، ج ١، ص ٣٨٦ .**
9. **ر . ڪ : حيات فڪري و سياسي امامان شيعہ رسول جعفريان، ص ٢٠٨ تا ٢١٤.**
10. **ارشاد مفيد، ص ٢٨٠.**
11. **عتيبہ: ڪجھ ڪتابن ۾ عيينہ جو نالو آيو آهي جيئن تاج المواليد ۽ روضة الواعظين و بصيرة المتعظين ، وغيره ۾**
**عيينہ جو نالو آيو آهي.**
12. **الامام الصادق، ابوزهره، ص ٢٢ .**
13. **ائمتنا، ج ١، ص ٣٣٢.**
14. **ڪافي، ج ٨، ص ٣٤٩؛ بحارالانوار، ج ٢١، ص ٢٦ .**

15. **اختيار معرفة الرجال، جزء ٤، ص ٣٠٢، ح ٥٤٣.**
16. **اعراف/١٧٥؛ بحارالانوار، ج ٤٦، ص ٣٢٢ . (آيت جو ترجمو: اهو شخص جنهن کي پنهنجون آيتون (نشانيون ڏنيون سين؛ پر پاڻ کي ان کان خالي ڪيائين ۽ شيطان ان جي پويان لڳي پيو ۽ گمراهن مان ٿي ويو.)**
17. **اختيار معرفة الرجال، ص ٣٠١.**
18. **طبري، ج ٥، ص ٤٥٧؛ الڪامل في التاريخ، ج ٤، ص ٢٠٩**
19. **فرق الشيعہ ص ٣٨.**
20. **بحارالانوار، ج ٧٢، ص ٢٢٢.**
21. **المجالس المفيدة، ص ٣٩؛ وسايل الشيعہ ج ١٨، ص ٣٩.**

22. بحارالانوار، ج ٢، ص ٣٠٤ و ٣٠٨؛ وسائل الشيعہ، ج ٢٧، ص ٥٩ و امالي مفيد، ص ٥١.

23. اوتاد: وتد جو جمع آهي جنهن جي لغت ۾ معني ڪوڪو آهي ۽ جمع ڪوڪا ٿيندي، قرآن شريف ۾ جبلن کي زمين جي اوتاد سان ياد ڪيو ويو آهي، روايتن جي ڪتابن ۾ ان کي اولياء جي مختلف گروهن سان تعبير ۽ تفسير ڪيو ويو آهي ۽ شيعا روايتن ۾ اوتاد جو لفظ ڪڏهن نبي ڪريمﷺ جن تي ۽ ڪڏهن ٻارهن امامنؑ تي ۽ ڪڏهن اولياء جي گروهہ تي اطلاق ٿئي ٿو.

24. سورت نور/٣٦ . «[هي چمڪندڙ چراغ] انهن گهرن ۾ موجود آهن جن جي لاءِ خدا اجازت ڏني آهي تہ انهن کي بلند ڪيو وڃي ؛ اهي گهر جن ۾ خدا جو نالو کنيو وڃي ٿو ۽ صبح ۽ شام انهن ۾ تسبيح ڪن ٿا».

25. سورت نور/٣٧ . « اهي ماڻهو جن کي نہ تجارت ۽ نہ ڪو معاملو انهن کي خدا جي ياد کان ۽ نماز جي قائم ڪرڻ، زڪوات جي ادا ڪرڻ کان غافل نہ ٿو ڪري».

26. اصول ڪافي، ج ٦، ص ٢٥٦؛ بحارالانوار، ج ٤٦، ص ٣٥٨.

27. اصول ڪافي، باب اطلاق القول بانہ شي ء، ج ٧.

28. ساڳيو، باب الکون والمکان، ج ٣.

29. .سورت ص/٧٥ . «اي ابليس ڪهڙي شيءِ تو کي منع ڪيوآهي جو جنهن کي پنهنجي هٿ سان خلق ڪيو آهي ان کي سجدو ڪرين؟».

30. سيرة الائمة الاثني عشر، ج ٣، ص ٢١٣ .

31. الاحتجاج، ص ٣٢١.

## باب الحوائج جي عبادت جو انوکو انداز

**سيد احمد علي نقوي**

الله جي دين بچائڻ خاطر اهل بيت عليهم السلام پنهنجي وظيفي ۽ ذميواريءَ کي پلي نوني سان نڀايو هر معصوم هر امام پنهنجي دؤر جي تقاضائن مطابق ۽ اندروني ۽ بيروني حالات کي مد نظر رکندي دين محمدي جي تبليغ کي اهڙي نموني سان ته انجام ڏنو جنهن کي هر عقلمند ۽ باضمير انسان سهڻي نموني سان سمجهي سگهي ٿو، جيڪڏهن وقت جي تقاضا سکوت هيو ته مولا علي عليه السلام پنهنجي سکوت ۽ خاموشي سان دين جا اهڙا مسائل حل ڪيا جيڪي جنگ وجدال جي ذريعي حل ڪرڻ ممڪن نه هئا جيڪڏهن صلح جي ضرورت پئي ته امام حسن عليه السلام اهڙو صلح ڪيو جنهن جي اڄ ڏينهن ته هر ڪو واکاڻ ڪندي نظر اچي ٿو ته جيڪڏهن مولا حسن عليه السلام جو صلح نه هجي ها ته ڪيڏو نه وڏو نقصان ٿي وڃي ها پر جڏهن امام حسين عليه السلام جي امامت جو زمانو آيو مولا جن ناني جو مدينو ڇڏي يزيد جي بيعت کان انڪار ڪيو ۽ سچي دنيا سامهون حق ۽ باطل جي چهري کي اهڙي نموني سان سامهون آندو جو اڄ ڏينهن تائين هر سچو انسان پنهنجو پاڻ کي حسيني سڏائيندي فخر محسوس ڪري رهيو آهي اهڙي طرح امام سجاد عليه السلام پنهنجي دعائن ۽ عابدانه زندگي سان دين جي درخت جي آبياري ڪئي، امام باقر عليه السلام ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي دؤر جي تقاضا به اها هئي ته دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين مکتب اهل بيت عليهم السلام کي پهچايو وڃي ۽ ان وظيفي کي انهن ٻنهي امامن اهڙي سهڻي انداز ۾ نڀايو، ايستائين جو اڄ ڏينهن تائين سندن علم مان پنهنجا توڙي پرايا فيض حاصل ڪري رهيا آهن اهو ئي سبب آهي جو اسان وٽ امام صادق عليه السلام جون حديثون ۽ فرمان ڪثرت ۾ ڏسڻ ۾ اچن ٿا، ڇهين امام جي شهادت سان حالات تبديل ٿي ويا پر امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام باب الحوائج، امامت واري منصب کي اهڙي نموني سان سنڀاليو جو زندان ۽ قيد ۾ رهي ڪري به مولا جي تبليغ جو سلسلو جاري رهيو ۽ دين جا دشمن مولا کي قيد ڪري ان ڳالهه کان بي خبر هئا ته الله سائين جو نمائندو ڪٿي به هجي ڪهڙي حالت ۾ به هجي چاهي ظاهري حساب سان آزاد هجي يا قيد ۾ پر سندس ڪم ۽ تبليغ جوطريقو تبديل ته ٿي ويندو پر هدف ۽ مقصد ۾ ڪڏهن به ڪنهن قسم جي ڪمي نٿي اچي سگهي اهو ئي سبب آهي جو مولا جن ايترا سال قيد ۾ هجڻ جي باوجود اسلامي مسئلن کي اهڙي نموني سان ته حل ڪيو ۽ سلجهايو جو ان ڳالهه جو هر ڪنهن اقرار ڪيو ته الله سائين ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته امامت وارو منصب ڪنهن کي عطا ڪري امامت وارو منصب صرف الله سائين ئي عطا ڪري سگهي ٿو ۽ ان منصب کي ان شخص جي ئي حوالي ڪندو آهي جيڪو منصب جي لائق هوندو آهي، اسان هن مختصر مقالي ۾ اها ڪوشش ڪنداسين ته مولاجي اخلاقي ۽ عبادي زندگي بابت ڪجهه سٽون لکون ته جيئن اهي به اکر اسانجي آخرت جو ثمر بڻجن ۽ الله سائين اسانکي ان نيڪ ڪاوش جي طفيل پنهنجو خير ڪثير عنايت ڪري ۽ اسانجا گناهان صغيره ڪبيره معاف فرمائي آمين اوهان مؤمن مون حقير جي توفيقات خير جي لاءِ دعا گهري ڪري احسان ڪندا، الله اسانکي ۽ سيني مومنن کي اهل بيت عليهم السلام جي سيرت تي هلڻ جي توفيق عنايت فرمائي آمين.

**ولادت**

امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي ولادت آچر واري ڏينهن صفر مهيني جي ستين تاريخ ۱۲۸ هه «ابواء»[۱۲۷] جي مقام تي ٿي، سندن نالو مبارڪ موسیٰ عليه السلام ۽ مشهور ڪنيت ابوالحسن ۽ ابوابراهيم آهي، ڪاظم، صابر، صالح،

---

[۱۲۷] ابواء هڪ منزل جو نالو آهي جيڪو مکي ۽ مديني جي وچ تي آهي

امين سندن لقب آهن سندن مشهور لقب «ڪاظم» آهي ڪاظم جي معنا آهي خاموش، ڪاوڙ ۽ غصي کي پي وڃڻ وارو جو مولا کي دشمنن پاران ڪوڙ ساريون تڪليفون ڏنيون پر پاڻ ڪڏهن انهن لاءِ پٽ پاراتو نه ڪيو ايستائين جو سندن قيد جي زماني ۾ ڪئي پيرا (ڪين آزارڻ لاءِ ) ڳجهه ڳوهه ۾ اڇي لڪي وينا پر انهن هڪ لفظ به ڪاوڙ وارو نه ٻڌو[128] .

## امام موسيٰ ڪاظم جي عبادت ۽ سلڇڻا اخلاق

### ڪمال الدين شافعي جو بيان

الفضل ما شهدت به الاعداء فضيلت ته اها آهي جنهن جي دشمن به گواهي ڏين ڪمال الدين محمد به طلحه شافعي امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي فضيلت بيان ڪندي لکي ٿو ته: پاڻ امام آهن نهايت ئي وڏي رتبي ۽ منزل وارا، عظيم الشان، تهجد نماز پڙهڻ وارا، خدا جي اطاعت ۾ جاڪوڙ ڪرڻ وارا، عبادتن سان مشهور ۽ اطاعتن جي سدائين پابندي ۽ نگراني ڪرڻ وارا، ڪرامتن سان سڄي رات سجدي ۽ قيام ۾ گهارڻ وارا ۽ ڏينهن صدقي ۽ روزي ۾ بسر ڪرڻ وارا، وڏي علم وارا ۽ ڏوهه ڪرڻ جي خطا ڪان در گذر ڪرڻ جي سبب سندن حق ۾ (ڪاظم) چيو وڃي آهي، جيڪو ساڻن سان زيادتي ۽ ڏوهه ڪري ٿو ان کي معاف ڪري ڇڏين ٿا، گهڻي عبادت ڪرڻ سبب مٿن نالو (عبد صالح ) پيو عراق ۾ «باب الحوائج الىٰ الله» جي لقب سان مشهور آهن جو ته جيڪو ماڻهو ساڻن متوسل ٿيو ان مراد ماڻي[129].

### پنهنجي دؤر جو ڪامل ترين انسان

امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام پنهنجي دؤر جا سڀ کان وڌيڪ عابد، وڏا سخي ۽ سيني ماڻهن کان وڏي مرتبي وارا هئا روايت ۾ آيو آهي ته رات جي نوافل لاءِ بيهندا هئا ۽ صبح جي نماز تائين لڳاتار نفل پڙهندا هئا ۽ پوءِ خدا جي حمد ۾ مشغول رهندا هئا ايستائين جو زوال ٿي ويندو هيو ۽ ان وقت هي دعا پڙهندا هئا اللهم اني اسئلک الراحة عند الموت والعفو عند الحساب ۽ بار بار سندن لبن مبارڪن تي هي جملا هوندا هئا عظم الذنب من عبدک فليحسن العفو من عندک.[130]

### تون عيسيٰ بن مريم آهين

هڪ ڏينهن مولا موسىٰ ڪاظم عليه السلام منىٰ وٽان گذري رهيا هئا ته ڇا ڏسن جو هڪ عورت روئي رهي آهي ان سان گڏ سندس ٻار به روئي رهيا آهن، امام ڪانئس سبب پڇا ڪيو ته توهان ڇو ٿا روئو؟ ان عورت جواب ۾ وراڻي ته مون وٽ هڪ ڳئون هئي جنهن جي کير سان اسان جو گذر سفر ٿيندو هيو هاڻي اها مري وئي آهي ان ڪري روئون ٿا پيا . مولا ڪيس چيو ڇا تون چاهين ٿي ته اها ڳئون جيئري ٿي وڃي ؟!

ان جواب ۾ چيو : جي الله جا ٻانها ! امام به رڪعتون ادا ڪيون ان کان پوءِ دعا جي لاءِ هٿ مٿي ڪنيان ۽ ان کانپوءِ ان ڳئون جي پرسان بيهي ڪري لٺ سان اٿاريائون ته ڳئون اٿي بيهي رهي ۽ زنده ٿي وئي جڏهن ان عورت ان ڪرامت کي ڏٺو وڏي آواز ۾ رڙ ڪندي چيائين : ڪعبه جي رب جي قسم! تون عيسىٰ بن مريم آهين جڏهن ته ان قصي کي ڪافي ٻيا ماڻهو به ڏسي رهيا هئا[131]

---

128 منتهىٰ الآمال ص ٢٣٩

[129] ساڳيو ص ٢٤٣

[130] بحار الانوار، ج ٤٨، ص ١٠٧، ح ٩ مناقب وارو حصو

[131] اصول ڪافي، ج ١، ص ٤٨٤

### يتيمن ۽ نادارن جي مدد

خدا جو خوف ايترو هوندو هئو جو ڳوڙهن سان سندن ريش مبارڪ پسي ويندي هئي، سيني ماڻهن جي نسبت پنهنجي مٽن مائٽن ۽ عزيزن سان سهٺو سلوڪ ڪندا هئا نيڪي ڪرڻ ۾ سڀ کان اڳيرا هوندا هئا، جڏهن رات جو وقت ٿئي ها ته يتيمن ۽ نادارن جي مدد لاءِ پنهنجي پني مبارڪ تي خوراڪ جي ٻوري کڻي محتاجن جي مدد ڪندا هئا انهن ٻورين ۾ ڪڏهن خارڪون ته وري ڪڏهن اٽو ڪڏهن درهم هوندا هئا، امام عليہ السلام جي ڪريمي جو ان مان ئي اندازو لڳائي سگهجي ٿو جو پاڻ هڪ هزار غلام آزاد ڪيا .
جڏهن ڪنهن جي پريشاني يا تڪليف بابت ڪين خبر پوندي هئي ته ان لاءِ دينارن جي ٿيلهي موڪليندا هئا ته جيئن ان جي اها مشڪل ۽ پريشاني ختم ڪري سگهجي.

### عبادت

اهل بيت عليهم السلام عبادت جا عاشق هئا سندن راتيون رڪوع ۽ سجود ۾ گذرندي هئي ان جي اصل وجہ ۽ ڪارڻ اهو هيو ته اهل بيت عليهم السلام معرفت جي ان اعلیٰ درجي تي فائز هئا جو عبادت کان وڌيڪ ٻي ڪنهن شيءِ ۾ ڪين مزو ۽ لطف ئي نہ ايندو هيو، اجتماعي ۽ سياسي مسئلن کان جڏهن بہ ڪين فرصت ملي ها ته اهو وقت عبادت ۾ گذارين ها. امام موسیٰ ڪاظمؑ کي جڏهن هارون قيد ڪيو مولا جي زبان تي هي جملا جاري ٿيا : اللهم اني طالما ڪنت اسئلڪ ان تفرعني لعبادتڪ وقد استجبت مني فلڪ الحمد علیٰ ذلڪ[132]
يعني اي منهنجا الله! مان تہ ڪافي وقت کان اها دعا گهران پيو ته الله سائين مون کي اهڙي ڪا فرصت عنايت ته جيئن (ان فرصت کان فائدو وٺندي ) مان تنهنجي عبادت ڪري سگهان . اڄ اها منهنجي دعا قبول ٿئي آهي مان اتي تنهنجو شڪر گزار آهيان.[133]

### زندان ۾ عبادت جو انداز

امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام جنهن بہ زندان ۾ ويندا هئا اتان جي ڪم ڪرڻ وارن کي پنهنجو مريد ٺاهي ڇڏيندا هئا، جڏهن ربيع جي قيد خاني ۾ هئا هارون پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي ڪري زندان جو جائزو وٺندو هيو هڪ ڏينهن جڏهن هارون جي نگاهہ هڪ اهڙي ڪپڙي تي پئي جنهن بہ ڪا بہ حرڪت ۽ چر پر نہ هئي تہ زندان بان کان پڇا ڪيائين اهو ڪپڙو ڪنهن جو آهي؟ اهو ڪنهن جو لباس آهي؟! ربيع جواب ڏنو ته اهو لباس ناهي بلڪ حضرت موسیٰ ابن جعفرؑ آهن جيڪي اڪثر وقت سجدي ۾ هوندا آهن.
هارون چيو: اللہ جو قسم! بني هاشم سڀ کان وڌيڪ الله جا عبادت گذار آهن.
ربيع چيو: پوءِ انهن کي قيد ڇو ڪيو اٿو ؟!
هارون چيو: افسوس جو ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي.[134]

### دلين تي حڪومت

هڪ دفعي هڪ حسين ۽ جميل عورت کي هارون قيد خاني ۾ ان مقصد سان موڪليو تہ جيئن نعوذ بالله امام ان ڏانهن متوجہ ٿين ۽ ان ڪم کي بهانو بڻائي امام جي شخصيت کي داغدار ڪري سگهجي، پر جڏهن اها عورت قيد ۾ پهتي امام ان شخص کي جيڪو ان مائيءِ کي وٺي آيو هو ان کي مخاطب ٿي فرمايو: جن شين جي ذريعي اوهان فريب ۽ ڌوڪي ۾ اچي وڃو تا اهي شيون منهنجي لاءِ بيڪار آهن ۽ اهي طريقا جن سان

---

[132] عيون اخبار الرضا ج ١ ص ٨١ ، احتجاج طبرسي ص ٢١١ بحار الانوار ج ٤٨ ص ١٢٩
[133] بحار الانوار، ج ٤٨، ص ٢٢٠، ح ٢٤ از عیون.
[134] حياة الامام ج١ ص ١٤٠، ارشاد مفيد ص ٢٨١

اوهان مون کي ڏوکي ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو انهن جو ڪو بہ اوهان کي فائدو نہ ٿيندو. هارون جڏهن اهو جواب ٻڌو ڪاوڙ ۾ اچي ڪري چيائين: اسان ان عورت کي اوهان جي خشنودي لاءِ ڪونہ رکيو آهي. اجان ڪجهہ ڏينهن مسَ گذريا تہ هارون جي جاسوسن هارون کي ٻڌايو تہ جنهن عورت کي اوهان زندان ۾ موڪليو آهي اها تہ سدائين عبادت ۾ آهي اها بہ اڪثر سجدي ۾ آهي.

هارون جڏهن ان ڪنيز کي گهرائي ڪانئس پڇا ڪئي تہ ڇا سبب آهي اسان تہ توکي ڪنهن ٻئي سبب لاءِ موڪليو هيو تون وري عابده ٿي وئين آهي؟ ڪنيز بجاءِ ان جي جواب ڏي مسلسل مولا امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي تعريف ڪندي رهي. مولا جي تعريف جيڪري هارون حڪم ڏنو تہ ان ڪنيز کي بہ قيد ڪري زنداني ڪري ڇڏيو تہ جيئن وري اها ٻئي ڪنهن سان موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي انهن گڻن ۽ صفتن کي بيان نہ ڪري. اها ڪنيز مولا کان ايڏي متاثر ٿئي جو بعد ۾ بہ هميشہ عبادت خدا ۾ مصروف رهندي هئي ۽ رات جو يا سجدي ۾ هوندي هئي يا رڪوع ۾ تاريخ جي نقل مطابق امام موسیٰ ڪاظم عليه السلام جي شهادت کان ڪجهہ ڏينهن پهريان ان مومنہ ڪنيز جو انتقال ٿي ويو.[١٣٥]

## مومنين جو مسيحا

علامہ مجلسي نقل ڪن ٿا تہ: تہ ري ۾ هڪ مولا جو محب رهندو هو ان جو قصو هن ريت آهي تہ يحيیٰ بن خالد هڪ دفعو ري شهر جو والي مقرر ٿيو ان جو ڪم حساب ڪتاب ۽ ٽيڪس وٺڻ هيو ۽ ان لاءِ اهو مشهور هئو تہ شيعو آهي مان بہ ڏاڍو قرضي ٿي ويو هئس ان جي مون ڏانهن ڪافي ٽيڪس ٿي وئي هئي جيڪڏهن اها سڀ مان ادا پيو ڪيان تہ مان وٽ ڪجهہ بہ نہ پيو بچي مان اهو سوچي تہ هن سال حج لاءِ وڃان ٿو ۽ امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام سان پنهنجي مشڪل بيان ڪيان ٿو ان ڪري مان حج جو راهي ٿيس مولا جي زيارت نصيب ٿئي مولا موسیٰ بن جعفر ع يحيیٰ بن خالد ڏانهن هڪ خط هن مضمون سان لکيو:

بسم الله الرحمن الرحيم اعلم ان الله تحت عرشه ظلاّ لا يسكنه الا من اسدى الى اخيه معروفا او نفّس عنه كُربة او ادخل على قلبه سرورا و هذا اخوك و السلام[١٣٦]

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ الرحمن الرحيم تون ڄاڻ تہ! الله سائين جي عرش جي سائي هينان خدا جي رحمت آهي ۽ اها رحمت ان شخص کي نصيب ٿيندي جيڪو پنهنجي مومن ڀاء سان نيڪي ڪري ۽ ان جي مشڪل کي آسان ڪري ۽ ان جي دل کي شاد ڪري ۽ هي (شخص جيڪو منهنجو خط اوهان ڏانهن ڪٺي آيو آهي) تنهنجو ڀاء آهي والسلام .

اهو شخص چئي ٿو جڏهن مان حج تان واپس موٽي ان والي وٽ ويس ان سان ملڻ جي لاءِ جڏهن اجازت ورتم ۽ چيو مان تہ چئوس تہ هڪ شخص صابر امام جي طرفان اوهان لاءِ پيغام ڪٺي آيو آهي. جيئن ري جي والي (يحيیٰ بن خالد) کي خبر پئي پيرين اگهاڙي مون سان اچي مليو منهنجي پيشاني تي بوسو ڏنائين ۽ مولا جي خط ۽ سنيهي کي بوسو ڏئي اکين تي رکيائين ۽ جڏهن خط جي مضمون کي پڙهيائين جيڪي بہ ان وٽ پنهنجا درهم ۽ دينار هئا ۽ لباس هئو ان مان مون کي برابر جو حصو ڏنائين يعني اڌوڌ تقسيم ڪيائين ۽ حساب ڪتاب واري ڊائري مان منهنجو نالوڊاهي ڇڏيائين ۽ بار بار مون کي اهو چئي پيو اي مومن ڀاء ! ڇا توکي مان خوش ڪيو ڇا تون مون کان راضي آهين[١٣٧]

---

[١٣٥] مناقب ابن شهر آشوب جلد ٤ ص ٢٩٧ طبع قم

[١٣٦]

[١٣٧] منتهیٰ الامال، ج ٢، ص ١٩٤.

## آزادي يا عبديت

علامہ حلي منهاج الكرامة ۾ واقعو آندو آهي تہ امام موسىٰ كاظم عليه السلام جي هٿ تي بشر حافي توبہ كئي ان جي توبہ جو اصل سبب هي هئو تہ هڪ ڏينهن پاڻ بغداد ۾ هن جي دروازي وٽان لانگهاڻو ٿيا تہ گهر مان ناچ گانيءَ سازن جو آواز پئي آيو، ايتري ۾ ٻانهي گند اڇلائڻ نڪتي جيڪو هن گهرجي در وٽ اڇلايو، امام موسىٰ كاظم عليه السلام ٻانهي کان پڇيو اي ڪنيز! هن گهر جو مالڪ آزاد آهي يا غلام؟ ٻانهي وراڻيو آزاد آهي، فرمايائون سچ ٿي چوين! جيڪڏهن غلام هجي ها تہ پنهنجي آقا کان ڊڄي ها. ڪنيز جڏهن واپس پهتي بشر شراب پي رهيو هو هن پڇيو تہ تون دير چو ڪئي؟ ٻانهي بشر کي اها ڳالهہ ٻڌائي، بشر پيرين اگهاڙي ڀڳو ۽ امام موسىٰ كاظم عليه السلام جي خدمت ۾ پهچي معذرت ڪئي ۽ رنو شرمندگي جي اظهار سندن هٿن مبارڪن تي توبہ ڪئي [١٣٨]

## حلم ۽ بردباري

بني عباس جي ان پر آشوب زماني ۾ امام موسىٰ كاظم عليہ السلام جهڙي حلم جي مثال نٿي ملي اهو ئي سبب آهي جو ڪين كاظم جو لقب مليو.

بني عباس جي حڪومت ۾ آزادي جو تہ نالو ئي نہ هو ماڻهن جي ذاتي ملڪيت کي بيت مال جو نالو ڏئي هڙپ ڪيو پيو وڃي ۽ بيت المال تہ صرف نالو هيو باقي بني عباس جا ظالم ۽ جابر حڪمران پنهنجي ذاتي مقصدن لاءِ عام شهرين جي مال ۽ ملڪيت کي استعمال ڪندا هئا، غربت تمام گهٽي وڌي وئي هئي تعليم ۽ تعلم جو تہ نالو ئي نہ هو ماڻهو پنهنجي ناداني ۽ جهالت جيڪري ڪڏهن امام کي برو ڀلو ڳالهائن ها تہ امام ايڏا تہ حليم ۽ صابر هئا جو انهن کي ڪو بہ جواب نہ ڏين ها بلڪي ڪين اخلاق جو درس ڏيندا هئا.

هڪ شخص جيڪو ٻئين خليفي جي خاندان مان هو ۽ ان جي رهائش بہ مديني ۾ ئي هئي جڏهن بہ امام جي سامهون اچي ها امام کي برو ڀلو چئي ها تہ مولا جي حبدارن کي اهو ان جو عمل تمام گهٽو برو پيو لڳي اهل بيت عليهم السلام جي عاشقن امام جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو اجازت ڏيو تہ اسان ان کي اتي ئي ختم ڪري ڇڏيون ان جي کهڙي جرات جو توهان جي شان ۾ گستاخي ڪري، پر امام كاظم عليه السلام هميشہ پنهنجي شيعن کي ان ڪم کان روڪين ها.

هڪ ڏينهن امام عليه السلام ان شخص جي گهر جي ائڊريس پڇا ڪئي تہ خبر پئي تہ مديني کان ٻاهر زمين اٿس اتي هوندو آهي. موسىٰ ابن جعفر عليه السلام جڏهن ان جي زمين ۾ ويا تہ هن پري کان رڙ ڪئي منهنجي زمين خراب نہ ڪجو !! مولا عليه السلام سندس ويجها ٿيا ۽ خوش اخلاقي سان ڪائنس پڇيو ياءِ! تون هن زمين تي ڪيترو خرچو ڪيو آهي؟!

هن چيو : سو دينار

امام عليه السلام : هن دفعي ڪيتري نفعي جي اميد آهي؟

هن جواب ۾ چيو : مون کي علم غيب تہ ناهي.

امام عليه السلام: وري بہ ڪيتري اميد اٿئي؟

زميندار : ٢٠٠ دينار جي فائدي جي اميد آهي.

---

[١٣٨] منتهى الآمال( عربي) شيخ عباس قمي ص ٢٤٩

امام ڪاظمؑ ڪيس ٣٠٠ دينار عطا ڪيا هي زمين ۾ تنهنجي هي پئسا ۾ وٺ انشاء الله جيتري نفعي جي توکي اميد آهي اوترو توکي نفعو ۾ حاصل ٿيندو.
مولا جون اهي ڳالهيون ٻڌي فورا سندن پيشاني مبارڪ تي بوسو ڏئي عرض ڪيائين : اي منهنجا امام مان توهانجي شان ڏاڍي گستاخي ڪئي آهي مون کي معاف ڪيو .

امام ڪاظمؑ مسڪرايو ۽ اتان واپس موٽي آيا . ٻئي ڏينهن اهو ساڳيو ئي شخص مسجد ۾ وينو هيو (جيڪو هر روز مولا جي شان ۾ گستاخي ڪندو هيو) هاڻي جڏهن امام موسیٰ ڪاظمؑ مسجد ۾ داخل ٿيا سندن مخاطب ٿي ڪري چيائين: «الله اعلم حيث يجعل رسالته» يعني الله ئي بهتر ڄاڻي ٿو ته پنهنجي رسالت ڪنهجي حوالي ڪري حقيقت ۾ ان جا جملا ان ڳالھ ڏانهن اشارو هيا ته امامت ۽ خلافت امام موسیٰ ڪاظمؑ کي سونهين ٿي ۽ الله جو حقيقي خليفو موسیٰ ڪاظم ئي آهي [١٣٩]

## زندانن جو اڻ ڪٽ سلسلو

امام ڪاظم ع جي لاءِ روايتن ۾ آيو آهي ته لايزال من سجن الی سجن[١٤٠] يعني مولا جن هميشا هڪ زندان کان ٻئي زندان ڏانهن منتقل ٿيندا رهيا امام موسیٰ ڪاظمؑ کي مختلف زندانن موڪلڻ جو هڪ سبب اهو هيو ته هارون جنهن ۾ زندان بان کي چئي پيو ته موسیٰ بن جعفرؑ کي قتل ڪر!! ته هو مختلف بهانن سان هارون جي حڪم مڃڻ کان انڪار پيا ڪن اهو ئي سبب آهي جو جڏهن موسیٰ ڪاظمؑ کي جڏهن بصري جي زندان موڪليو ويو ته ان قيد خاني جو رئيس عيسیٰ بن جعفر هيو جڏهن امامؑ کي بصري واري زندان ۾ هڪ سال پورو ٿيو هارون عيسیٰ بن جعفر کي خط لکيو ته موسیٰ بن جعفرؑ کي قتل ڪري ڇڏ !
عيسیٰ جڏهن پنهنجن ويجهن دوستن سان ان بابت مشورو ڪيو ته انهن ڪيس اها صلاح ڏني ته ان ڪَمَ ۾ هٿ نه وجهه ۽ هاورن کي خط لک ته توکي ان ڪم کان معاف ڪري.

## عيسیٰ جو هارون ڏانهن خط

عيسیٰ هارون کي خط لکيو ته جڏهن کان موسیٰ ڪاظمؑ منهنجي زندان ۾ آهي مان ڪيس آزمايو آهي مان ڪيس صرف عبادت ۾ مشغول ۽ مصروف پاتو اهي ۽ مان هن جي دعائون ٻه ٻڌيون آهن ڪنهن ٻه دعا ۾ توکي بددعا نٿو ڪري صرف الله کان رحمت جون دعائون گهرندو رهي ٿو هاڻي ڪنهن کي موڪل ته جيئن مان ان سان موسیٰ بن جعفر کي اوهان ڏانهن موڪليان مان ان کان وڌيڪ ان کي هتي نٿو رکي سگهان جيڪڏهن ڪنهن کي نه موڪليندين مان ان کي آزاد ڪري ڇڏيندس. [١٤١]

## فضل بن ربيع جو امام جي قتل ڪرڻ کان انڪار

بصري کانپوءِ امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام کي بغداد منتقل ڪيو ويو فضل بن ربيع (جيڪو هارون جو وزير ٻه هيو اهو ان قيد خاني جو وڏو هو) کي هارون چيو ته امام کي قتل ڪر فضل بن ربيع ٻه عيسیٰ وانگر ان ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو .

---

[١٣٩] رهبران معصوم ص ٥١٢ ا، اعلام الوریٰ ج٢ ص ٢٩٦
١٤٠ سوگنامہ آل محمد ص، ص٩٦.
[١٤١] الإرشاد فی معرفة حجج الله علی العباد ، ج٢، ص٢٣٢-٢٣١

### فضل بن يحييٰ برمکي جي قيد ۾

هارون فضل بن ربيع کي لکيو تہ موسيٰ ڪاظم کي فضل بن يحيىٰ بن خالد برمڪي جي حوالي ڪر فضل بن يحيىٰ، مولاؑ کي پنهنجي گهر جي هڪ ڪمري ۾ جڳهہ ڏني ۽ هڪ ماڻهو بہ مولا جي نگهباني لاءِ رکيائين تہ جيئن مولا جي ڪمن کي نظر ۾ رکي سگهجي .

امام ڏينهن رات عبادت ۾ مصروف هوندا هئا ڪڏهن نماز شب تہ ڪڏهن ڊگهو سجدو تہ وري ڪڏهن قرآن جي تلاوت مولا ڏينهن جو روزي سان هوندا هئا.

فضل بن ربيع جڏهن مولا جي ان طور طريقي کي ڏٺو مولا جو احترام ڪرڻ لڳو مولا جي آرام جا وسائل فراهم ڪيائين جڏهن هارون کي يحيىٰ جي ان طور طريقي جي خبر پئي هارون يحيىٰ ڏانهن خط لکيو تہ امام کي قتل ڪري، يحيىٰ بہ مولا جي قتل ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو، هارون حڪم ڏنو تہ يحيىٰ کي ان انڪار جيڪري سزا ڏني وڃي.[142]

### سندي بن شاهڪ جو زندان ۽ امام جي شهادت

سندن شهادت جي تاريخ ٢٥ رجب ١٨٣ ھ قمري مشهور آهي، سندن شهادت بغداد ۾ سندي بن شاهڪ جي قيدخاني ۾ ٿي. ڪن مؤرخن رجب مهيني جي پنجين تاريخ ڄاڻائي آهي، شهادت وقت سندن ڄمار پنونجاھ سال هئي. ڪافي جي روايت مطابق چوونجاھ سال هئي.[143]

امام موسيٰ ڪاظمؑ کي خارڪن ۾ زهر ڏنو ويو ۽ جڏهن مولا جي اڳيان ان رات جو ڪاڌو پيش ڪيو ويو مولا ان کان پهريان جو ان مان ڪجهہ کائن آسمان ڏانهن نهاري فرمايو ! الله سائين گواھ رهجان مان مجبور آهيان ان جي کائڻ تي. ان کان بعد مولا جي لاءِ حڪيم گهرايو ويو تہ جيئن ماڻهن کي اهو فريب ۽ ڌوڪو ڏجي تہ اسان ڏسو ڪيترو موسيٰ ڪاظمؑ جو خيال ڪري رهيا آهيون پر حڪيم جڏهن قيد خاني ۾ آيو. امام کان پڇا ڪيائين اوهان کي ڇا ٿيو آهي؟!! امامؑ پنهنجو هٿ ڏيکاريو جيڪو سجو سائو ٿي چڪو هو ان کان پوءِ ان حڪيم انهن کي مخاطب ٿي ڪري چيو! اوهان موسىٰ بن جعفرؑ کي زهر ڏنو آهي ۽ ڪيس توهان کان وڌيڪ ان شيءِ جي خبر آهي.[144]

هڪ روايت مطابق مولا کي هڪ قالين يا ڪپڙي ۾ ويڙهي ايڏو تہ زور ڏنو ويو جو مولا جو روح پرواز ٿي ويو جڏهن مولا جي شهادت ٿئي سندي ڪجهہ مزدورن کي گهرائي انهن کي چيائين تہ موسيٰ ڪاظم جي جنازي کي قريش جي قبرستان ڪٺي هلو ۽ اهو اعلان ڪندا هلو هذا امام الرفضة فاعرفوه هي رافضين جو امام آهي ان کي سڃاڻيو .

### اعجاز امامت سان مديني روانگي ۽ امام رضا ع کي وصيت

شهادت کان ٿئي ڏينهن پهريان مولا اعجاز امامت سان بغداد کان مديني ويا ۽ امامت واريون امانتون امام رضا عليہ السلام جي حوالي ڪري زندان واپس موٽي آيا ، مسيب ! مان اڄوڪي رات ناني رسول الله جي مديني ويندس تہ جيئن عهد امامت کي پنهنجي پٽ علي رضا ع جي حوالي ڪري سگهان ، جيئن منهنجي والد اهو عهدو منهنجي حوالي ڪيو هو ، مان پڇا ڪيو منهنجا مولا ! مون کي اهو ڪيئن حڪم ٿا ڏيو تہ مان سيني جي سامهون زندان جو قفل (تالو) ڪوليان جڏهن تہ مامون جي طرفان مقرر ڪيل نگهابن بيٺا آهن پاڻ جواب ۾ فرمايائون ! اي مسيب ! تنهنجو الله تي ايمان ۽ يقين ضعيف ۽ ڪمزور آهي ان کان بعد پاڻ دعا گهريائون

---

142 الارشاد في معرفة الله حجج الله علىٰ العباد ، ج٢، ص٢٣١-٢٣٢

143 منتهىٰ الآمال ص ٢٧٩

١٤٤ انوار البهيہ محدث قمي ، ص ٢٠٩- ٢١٢، عيون اخبار الرضا ، ج ١ ، ص ١٠٨، ڪمال الدين ، ج ١ ، ص ١١٨

۽ اچانڪ غائب ٿي ويا، مان حيران ٿي ويس مان اجان اتي ئي بيٺو هيس ته ڏٺم ته مولا ساڳي جاءِ تي واپس موٽي آيا آهن ۽ زنجيرن کي پاڻ تا بينا پائن جڏهن مان ڪرامت جو مشاهدو ڪيو ته سجدي ۾ ڪري پيس . مولا ع مون سان مخاطب ٿي ڪري فرمايو: اي مسيب ! سر مٿي ڪڻ !ٽن ڏينهن ڪانپوءِ منهنجي شهادت ٿي ويندي مان هن دنيا مان هليو ويندس مان جيئن ئي اها خبر ٻڌي مان روئڻ لڳس ، مولا فرمايو : گريو نه ڪر، علي منهنجو فرزند مون ڪان بعد تنهنجو امام آهي، امام ٽين ڏينهن تي مون کي گهرايو مان الله ڏانهن وڃي رهيو آهينا جڏهن به توڪان پاڻي گهران ۽ پاڻي پيئڻ ڪان پوءِ بدن جو رنگ هيڊو ۽ زرد ٿي وڃي، ان ڪانپوءِ ڳاڙهو ۽ سائو ٿي وڃي . هارون (ظالم) کي منهنجي شهادت جي خبر ڏجان. مان ڏاڍو غمگين هئس ايتري ۾ مولا مونکان پاڻي گهريو ۽ اهي نشانيون جيڪي مولا ڏسيون هيون مولا جي بدن اطهر ۾ ظاهر ٿيڻ لڳيون ، امام ع فرمايو : اي مسيب ! هي سندي بن شاهڪ ملعون ائين ٿو سمجهي ته منهنجو غسل ڪفن ان جي ذمي آهي پرَ هر نبي ۽ امام کي غسل صرف نبي يا ان جو وصي ڏيندو آهي ( مطلب ته منهنجو غسل ۽ ڪفن جو بندوبست به علي رضا ع (منهنو پچڙو ڪندو) [١٤٥]

## هوڏانهن مديني جو حال ۽ ام احمد جو ماتم

مسافر نالي هڪ مولا جو غلام هيو اهو چئي ٿو ته جڏهن امام موسیٰ ڪاظم ع کي قيد ڪرڻ آيا ته مولا امام رضا ع کي وصيت ڪيائون جيستائين مان ناهيان منهنجي گهر جي آڳر ۾ توهانجي سمهندا ڪيو مسافر چئي ٿو روزانو مولا ايندا هئا ۽ اتي آرامي ٿيندا هئا پر هڪ ڏينهن مولا نه آيا رات گذري وئي جڏهن ٻئي ڏينهن مولا ع جي آمد ٿئي ام احمد کي چيائون اها امانت جيڪا بابا اوهانجي حوالي ڪئي هئي اوهان مون کي ڏيو ، مولا جو اهو چوڻ هيو ام احمد منهن مٿو پٽي ڪري روئي ڪري چوڻ لڳي منهنجي امام جي وفات ٿي وئي پرَ امام رضا ع کيس روڪيو ته اوهان نه روئو جيستائين مديني جي حاڪم کي خبر نه ٿي پئي ان راز کي پنهنجي سيني ۾ سانديو،مسافر چئي ٿو ان ڪان بعد مولا رضا ع گهر نه ايندا هئا ڪجهه ڏينهن ڪانپوءِ مديني خبر پهتي ته امام موسیٰ ڪاظم ع شهيد ٿي ويا آهن [١٤٦]

## مان شهيد آهيان

امام موسیٰ ڪاظم ع جي شهيد ڪرڻ ڪان بعد سندي بن شاهڪ ماڻهن کي گهرائي اها خبر پيو هلائي ته ڏسو اسان موسیٰ ڪاظم ع کي نه ماريو آهي هو پنهنجي طبعي موت سان هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو آهي ايتري ۾ ڪجهه شيعيان حيدر ڪرار مولا جي جنازي ڏانهن مخاطب ٿي ڪري چيو : مولا ڇا هي سچ ٿو چئي ؟؟! مولا جي جنازي مان آواز آئي قتلا قتلا يعني مون کي قتل ڪيو ويو آهي [١٤٧]

## بغداد جي غريب جو جنازو ۽ سليمان جي عزاداري

شيخ صدوق ره روايت نقل ڪن ٿا ته چار ماڻهو مقرر ڪياويا ته هو منادي ڪن اي لوگو! جيڪو موسیٰ بن جعفر کي ڏسڻ چاهي ٿو ٻاهر نڪري اچي اهو ٻڌڻ سان شهر ۾ هل مچي ويو سليمان بن جعفر (جيڪو هارون جو چاچو هو) پنهنجي محل ڪان ٻاهر آيو سليمان پنهنجو عمامو لاهي هيٺ اڇلايو پنهنجو گريبان چاڪ ڪيو ۽ پيرين اگهاڙو سندن ع جي جنازي سان هليو ۽ حڪم ڪيو ته جنازي جي اڳيان هي منادي ڪئي وڃي جيڪو طيب بن طيب ( پاڪ ڪان پاڪ جي فرزند) جي جنازي کي ڏسڻ گهري ٿو اهو موسیٰ بن جعفر جي جنازي کي ڏسي ١٤٨

---

[١٤٥] عيون اخبار الرضا، ج ١، ص ٩٥.
١٤٦ اصول ڪافي، ج ١، ص ٣٨١.
[١٤٧] سوگنامہ آل محمد ص، ص٩٦ .
[١٤٨] منتهیٰ الآمال ص ٢٨٨

## امام رضا ع جو اعجاز امامت سان بغداد اچڻ

مسيب چئي ٿو سندي بن شاهڪ امام کي غسل ڏيڻ پئي چاهيو ته جيئن اهو ظاهر ڪري ته اسان موسىٰ ڪاظم جو وڏو احترام ٿا ڪيون پر اهو ان ڪم ۾ ڪامياب نه ٿي سگهيو ايتري ۾ امام رضا عليه السلام جي آمد ٿئي امام رضا ع مون کي مخاطب ٿيندي فرمايو : اي مسيب ! اڄ کان پوءِ مان تنهنجي حق جو امام آهيان منهنجي پيروي الله تون تي فرض ڪئي آهي مان حجت خدا آهيان منهنجي اطاعت ڪجان ڪڏهن به منهنجي پيروي ڪرڻ کان نه ڪيٻائجان ، ان کان بعد امام ع جن پنهنجي بابي کي غسل به ڏنو ڪفن به ڏنو ۽ ان جاءِ تي دفن ڪيائون جتي هاڻي ڪاظمين ۾ مولا جي مزار مقدس آهي[١٤٩]

١٤٩ ساڳيو، ج ١، ص ٩٥.

# امام زمانه (عج) جي خاص صحابين جي فضيلت ۽ خاصيتون

**نويد حسين چنہ**

اڄ تائين بشريت، هڪ خورشيد جي نوراني شعائن ۽ ڪرڻ جي انتظار ۾ زندگي گهاري رهيو آهي، دير نہ ٿيندي جو هي انتظار پنهنجي پڄاڻي تي پهچندو ۽ ان آفتاب امامت جو ظهور، بشريت جي اوڻائين ۽ مونجهارن کي مات ڏيندو، جتي منافقن جي زندگي پنهنجي پڄاڻي تي پهچندي، اتي ظالمن جو رستو پڻ سوڙهو ٿي ويندو، ۽ انساني عقل پنهنجي ارتقاء ۽ انتها تي پهچندو ۽ دنيا عدل سان پرجي ويندي ۽ مڙني انبياء ۽ اوصياء ۽ أولياء جا ڪمال هڪ ئي ذات اندر تجلي ٿيندا ۽ اهو دور مڙني ڪمالات جي ظهور جو مرڪز بڻجي ويندو ۽ ائين ئي انسانيت جي هڪ عظيم دور جو آغاز ٿي ويندو.

جڏهن حضرت مهدي، صاحب الزمان عج، جن ايندا تہ هن جهان جي حاڪميت ۽ سياسي نظام کي خدائي رنگ سان رنگي، ظلم، استعماريت، بربريت، ڪفر، شرڪ ۽ نفاق جون پاڙون پٽي اڇلائيندا. ۽ رسول اڪرم ﷺ جي آئين کي برپا ڪندي جهان کي توحيد جي پرچم هيٺ سعادت جي ڪمال تائين پهچائيندا، امينت برقرار ٿي ويندي ۽ پورو جهان شاداب ۽ خوشحال ٿيندي برڪتن پريو ٿي ويندو.

واضح آهي تہ باطل تي حق جي ان ڪاميابي ۽ اهڙي انقلاب ۾ هڪ معصوم انسان جي قيادت، رهبري ۽ پوري جهان کي شامل ٿيندڙ ۽ جامعيت رکندڙ هڪ مڪمل نظام ۽ ٿيوري کان علاوه ڪجھ لائق ساٿين جو هجڻ بہ ضروري آهي، ان اعتبار سان، هن مقالي ۾ تمام مختصر انداز ۾ حضرت مهدي عج جن جي اهڙن خاص ساٿين ۽ اصحاب جي خصلتن کي بيان ڪندا سين:

**حضرت مهدي جا اصحاب ۽ ساٿي**

امام جا اصحاب ۽ ساٿي مختلف ٽولن ۾ تقسيم ٿين ٿا:

1. هڪ ٽولو انهن جو آهي جيڪي امام عج جي خاص ساٿين ۽ صحابين ۾ شمار ٿيندا ۽ امام عج جي لشڪر جي سپہ سالاريءَ انهن جي ئي هٿ هوندي، جن جو تعداد ٣١٣ هوندو ۽ جيئن ئي مولا جن جو ظهور ٿيندو تہ هي مڪي ۾ ظاهر ٿيندا ۽ امام عج جن سان اچي ملندا.

2. ٻيو ٽولو انهن ماڻهن جو آهي جن جو تعداد حديثن جي مطابق ١٠ يا ١٢ هزار هوندو. جڏهن امام عج جو لشڪر پنهنجي خاص ساٿين سان تيار ٿي ويندو تہ ان وقت هي بہ اچي امام جي لشڪر ۾ شامل ٿيندا.

3. ٽيون گروه انهن ماڻهن جو هوندو جيڪي قيام جي شروع ٿيڻ کان پوءِ آهستي آهستي لشڪر ۾ شامل ٿيندا ويندا ۽ لشڪر جو تعداد وڌندو ويندو.

هتي انهن منجهان پهرئين ٽولي، يعني امام جي خاص ساٿين جي عظمت ۽ سندن صفتن ۽ خصلتن کي روايتن جي روشنيءَ ۾ بيان ڪنداسين:

**الف) امام عج جي خاص ساٿين جي حقيقت**

حضرت مهدي عج جن جا خاص ساٿي ڪير آهن ۽ ڪهڙي عظمت ۽ صفتن جا مالڪ آهن؟ ڪجھ روايتن جي مطابق، امام جن جي اهڙن ساٿين جي تفصيل هڪ صحيفي ۾ درج ٿيل آهي جيڪو خود حضرت مهدي عج جن وٽ آهي.[١٠٠] جيئن تہ امام محمد تقي عليه السلام جن فرمائن ٿا:

---

[١٠٠]. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ٣١٠،

حضرت مهديؑ جن وٽ هڪ مُهر ٿيل صحيفو آهي جنهن ۾ سندس خاص ساٿين ۽ صحابين جا نالا، خاصيتون، شهر ۽ ڪنيت لکيل آهي.[151]
امام جي خاص ساٿين ۽ صحابين جو تعداد، اصحاب بدر ۽ حضرت طالوت جي اصحاب جي تعداد برابر، ٽي سؤ تيرهن نفر، ذڪر ٿيو آهي، جڏهن حضرتؑ قيام ڪندا تہ هي مولا جن سان اچي گڏ ٿيندا.[152]
البتہ ڪجھ حديثن ۾ مولاؑ جن جي انهن خاص صحابين جي شهرن جا نالا پڻ ذڪر ٿيا آهن. جيئن تہ امام محمد باقرؑ جن فرمايو:
«اهل بدر جي تعداد برابر، ٽي سو ڪجھ ڄڻا، رڪن ۽ مقام جي درميان حضرت مهديؑ سان بيعت ڪندا، جن ۾ مصر جا نجيب، شام جا ابدال ۽ عراق مان اخيار موجود هوندا.[153]
ڪجھ حديثن ۾ امامؑ جي ان خاص صحابين کي هنن عنوانن ۽ لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي:

«رِجال اِلٰهيون»: خدائي مرد، «رِجَال مُسَوّمة»: ....، «اَصحاب الالوية»: پرچمدار، «اَمَراء»: حڪومت ڪندڙ، «وُزَراء»: وزير «خَيرُ الامّة»: امت جا بهترين افراد، «نقباء»: ....، «خَواص»: خاص ۽ چونڊيل انسان «حُکّام اللهِ في اَرضہ عَلي خلقہ»: الله طرفان سندس زمين ۾ سندس مخلوق تي حاڪم، وغيره. اهڙين ڪجھ روايتن کي هيٺ بيان ڪيون ٿا:
امام عليؑ فرمائن ٿا:
« وله رجال الهيّون ويقيمون دعوته وينصرونه، هم الوزراء له، يحمّلون اثقال المملكة عنه، ويعينونه على ماقلّده الله»:
«ان جي اردگرد ڪجھ خدائي مرد جمع ٿيندا، جيڪي ان جي دعوت کي لبيڪ ڪندا ۽ ان جي مدد ڪندا، اهي ان جا وزير هوندا، جيڪي علائقي جي مسئلن جو بار پنهنجي ڪلهي ڪڻندا، ۽ اهي پنهنجي امامؑ جي ان ڪم ۾ مدد ڪندا جيڪو الله کيس حوالي ڪيو آهي»[154]
امام صادقؑ پڻ فرمائن ٿا:
«هم النّجباء والقضاة والحكّام والفقهاء فی الدّين....:اهي نجيب، قاضي، حاڪم ۽ دين ۾ فقيہ هوندا...»[155]
بهرحال، مذڪوره روايتن ۽ ڪجھ ٻين روايتن مان چڱي ريت معلوم ٿئي ٿو تہ اهي سندن ذات ۽ حقيقت ۾ ڪي معمولي افراد ناهن، بلڪہ اهڙا خدائي انسان آهن جيڪي امام زمانؑ جن جي صحابي ۽ سندن رازدار ساٿي ٿيڻ جي قابل آهن.

**ب) سندن ذميواري**

امامؑ جن جي ان خاص ساٿين ۽ صحابين جي شناخت ۾ انهن روايتن جو مطالعو وڏي اهميت رکي ٿو جن ۾ حضرت مهديؑ جن جي حڪومت ۾ انهن خاص صحابين جي ذميوارين کي بيان ڪيو ويو آهي، سو ان

---

[151]. الزام الناصب، شيخ علي يزدي حائري،ص ٦٣،
[152]. ساڳيو، ص ١٩٩.
[153]. بحار الانوار،ج ٥٢، ص ٣٣٤
[154]. ينابيع المودّة، قندوزي،ج ٣، ص ٩٥ و ٣٧.
[155]. منتخب الاثر،لطف اللهؒ صافي، ص ٤٨٥.

ڪري هتي اهڙين روايتن جي روشنيءَ ۾ سندن ذميوارين کي بيان ڪنداسين تہ جيئن انهن جي حقيقت ۽ عظمت کي وڌيڪ پرکي سگهجي:

**1. ظالمن سان جهاد**

سندن پهرين ذميواريءَ، جهان جي ظالمن ۽ مستڪبرن سان وڏي پئماني تي جنگ ڪرڻ آهي، امامؑ جن جا هي ساٿي ان جنگ ۾ اهڙا تہ شجاع ۽ بهادر سپاهي هوندا جو پنهنجي امام جي رڪاب ۾ مڪمل فداڪاري سان حضرتؑ جي فرمان تي لبيڪ چوندا ۽ الله جي رضايت ۽ خوشنوديءَ ماٽيندي دشمنن کي نابود ڪندا.

جيئن تہ امام محمد باقرؑ جن حضرتؑ کي جهاد ۾ پنهنجي نانا سان تشبيهہ ڏيندي فرمائن ٿا:

«قائم آل محمدﷺ، انبياء منجهان پنج نبين سان ڪجهہ شباهتون رکن ٿا... پر پنهنجي نانا رسول اللهﷺ سان سندن شباهت، پنهنجي تلوار ۽ الله جي راهہ ۾ سندس ان رعب ۽ خوف سان (جيڪو ظالمن جي دل ۾ وڌو ويندو) جهاد ڪرڻ، خدا ۽ نبي جي دشمنن کي نابود ڪرڻ، ظالم ۽ سرڪش ماڻهن کي پڻ هلاڪ ڪرڻ آهي.»[156]

۽ امام محمد تقيؑ جن پڻ سندن صحابين جي عظيم جهاد ڏانهن اشارو ڪندي فرمائن ٿا:

«جڏهن (حضرتؑ جي ساٿين ۽ صحابين جو) عدد يعني ڏهہ هزار نفر تائين ڪامل ٿيو تہ الله جي اذن سان قيام ڪندا، بنا ڪنهن دير جي خدا جي دشمنن کي نابود ڪندا ايستائين جو الله جي رضايت حاصل ٿئي.»[157]

الله سائين امامؑ جي ان ساٿين ذريعي دنيا جي ظالم ۽ جابر انسانن کي نابود ڪندو ۽ کين جهان جي مشرق ۽ مغرب تي غلبو ڏيندو. جيئن تہ امام محمد باقرؑ فرمائن ٿا:

«جڻ مان قائمؑ جي ساٿين کي ڏسي رهيو آهيان تہ خاور ۽ باخترگيتي تي ڪنترول ڪري ويا آهن ۽ ڪابہ شيءِ ناهي مگر انهن جي فرمان جي اطاعت ڪري ٿي.»[158]

**2. دين جي غلط بياني، انحراف ۽ تحريف جو مقابلو**

سندن ٻي اهم ذميواريءَ، دين جي حقيقتن ۽ مطلبن جي غلط بياني ۽ ان ۾ تحريف ۽ قيرقار ڪندڙن جو مقابلو ڪري حقيقت کي واضح ڪرڻ آهي. جيئن تہ امام صادقؑ جن ان باري ۾ فرمائن ٿا:

«آخري زمان ۾ قائمؑ جيڪا تڪليف ۽ آزار ڏسندو اهو ان تڪليف ۽ آزار کان بہ سخت هوندو جيڪو جاهليت جي زماني ۾ ماڻهن، رسول اڪرمﷺ جن کي رسايو هو. راوي، مولا جن کي عرض ڪيو: اهو ڪيئن ٿيندو؟ امامؑ جن فرمايو: جڏهن رسول اڪرمﷺ ماڻهن جي درميان آيا تہ ماڻهو پٿر ۽ ڪاٺي جي نهيل بتن جي پوڄا ڪندا هيا، پر جڏهن قائمؑ (آخري زماني ۾) قيام ڪندو تہ ماڻهو ان آڏو، قرآن مان پئي دليل آڻيندا ۽ (پنهنجي حق ۽ مفاد ۾) قرآني آيتن جي تاويل ۽ توجيهہ ڪندا»[159]

ظهور جي ابتدائي اهڙي ماحول ۾ امامؑ جن جي هن خاص ساٿين جو ڪم، منحرف فڪرن ۽ نظرين جو منطقي انداز ۾ جواب ڏيڻ، سنئين سڌي واٽ کان هٽيل رستن جي نشاندهي ڪرڻ آهي، امامؑ جا هي

---

[156]. ڪمال الدين، شيخ صدوق، ج ۱، ص ۳۲۷.
[157]. بحار الانوار،ج ۵۱، ص ۱۵۷.
[158]. موسوعة الامام المهدی، ج ۳،ص ٤٥٤.
[159]. غيبت، نعماني، ص ۲۹۷.

صحابي جيڪي امام﷣ جي تربيت هيٺ تعليم پرائيندا سي سڀ جا سڀ گڏجي اسلام جي ان خالص تعليمات جي ترويج ۾ پاڻ پتوڙيندا ۽ اهي دين شناسيءَ ۽ اسلام سان لاڳاپيل مسئلن ۾ سٺا ماهر هوندا جن جو شمار فقيهن مان هوندو. جيئن ته امام صادق﷣ جن فرمائن ٿا:

«اهي افراد جيڪي قيام مهل امام﷣ سان گڏ هوندا سي سڀ نجيب، قاضي، شرعي حاڪميت رکندڙ، فقيہ ۽ دين شناس هوندا ۽ مسحہ الهي پائيندا، اهڙي طرح جو ڪو بہ حڪم انهن مٿان مُنجهيل نہ هوندو.» [160]

### 3. شهرن ۽ ملڪن کي آباد ۽ عدالت کي برپاء ڪرڻ

سندن هڪ ٻي اهم ذميواريءَ اها هوندي جو جڏهن امام﷣ جن قيام ڪري جهان مٿان ڪنٽرول ڪندا ۽ پنهنجي حاڪميت قائم ڪندا تہ سندن ان عالمي حڪومت ۾ هي خاص صحابي، علائقن ۽ ملڪن جي سربراهي جي ذميواريءَ سنڀاليندا، منجهائن هر هڪ ڪنهن هڪ علائقي ڏانهن اماڻيو ويندو ۽ منجهائن هر هڪ امام﷣ جن جي هن عالمي حڪومت جون پاڙون مضبوط ۽ محڪم ڪرڻ ۾ ڪوشان رهندا ۽ ان عالمي حڪومت ۾ امام﷣ جن جا بهترين مددگار هوندا ۽ پوري جهان ۾ امنيت ۽ عدالت قائم ڪرڻ ۾ وسان ڪونہ گهٽائيندا. جيئن تہ ذڪر ٿيو آهي:

«إِذَا قَامَ الْقَائِمُ بَعَثَ فِي أَقَالِيمِ الْأَرْضِ فِي كُلِّ إِقْلِيمٍ رَجُلًا يَقُولُ عَهْدُكَ فِي كَفِّكَ فَإِذَا وَرَدَ عَلَيْكَ أَمْرٌ لَا تَفْهَمُهُ، وَ لَا تَعْرِفُ الْقَضَاءَ فِيهِ فَانْظُرْ إِلَى كَفِّكَ وَ اعْمَلْ بِمَا فِيهَا» [161]

«جڏهن قائم﷣ قيام ڪندو تہ هر ملڪ لاءِ هڪ (پنهنجي خاص صحابين مان) سربراهہ معين ڪندو ۽ ڪيس فرمائيندو: قانون ۽ نظام تنهنجي هٿ جي تري ۾ آهي، جڏهن بہ ڪو واقعو رونما ٿئي ۽ توکي ان جو ڪو حڪم معلوم نہ هجي ۽ تون ان بابت ڪو فيصلو نہ ڪري سگهين تہ پوءِ پنهنجي هٿ جي تري ۾ ڏس، جيڪو ڪجهہ ان ۾ هجي ان مطابق عمل ڪر.»

۽ امام صادق﷣ جن پڻ ان باري ۾ فرمائن ٿا تہ:

«حضرت مهدي﷣ سندن ساٿين کي هر شهر ۾ ڦهلائي ڇڏيندو ۽ کين اهو حڪم ڪندو تہ عدل ۽ احسان کي پنهنجو شيوو ۽ طريقو قرار ڏين ۽ حضرت﷣ کين جهان جي ملڪن جو سربراهہ بڻائيندو ۽ کين فرمان ڏيندو تہ شهرن کي آباد ڪن.» [162]

مٿين روايتن ۾ غور ويچار سان اها پروڙ پئي ٿي تہ: امام مهدي﷣ جن جا هي خاص ساٿي ۽ صحابي تمام انسانن مان بهترين انسان هوندا جن کي هن جهان ۾ قائم ٿيندڙ عالمي حڪومت ۾ چونڊيو ويندو، ۽ اهي ان عالمي حڪومت جا محڪم ستون هوندا، جيئن تہ روايت ۾ پڻ کين اخلص الوزراء ۽ افضل الوزراء سان ياد ڪيو ويو يعني اهي جيڪي خالص ترين وزير ۽ با فضيلت ترين وزير هوندا.[163]

### ج) سندن صفتون

---

[160]. منتخب الاثر، ص ٤٨٥

[161] ابن أبي زينب، محمد بن ابراهيم، الغيبة للنعماني - تهران، چاپ: اول، ١٣٩٧ق.

[162]. الامام المهدي، علي محمد علي دخيّل، ص ٢٧١

[163]. ينابيع المودّة، ج ٣، ص ١٣٣

جيتوڻيڪ گذريل مطلبن ۾ بيان ٿيل روايتن مان امامؑ جن جي هن خاص صحابين ۾ ساٿين جون ڪجھ صفتون ۾ خصلتون پڻ ظاهر ٿي وڃن ٿيون، پر ڪجھ اهڙين روايتن کي بيان ڪرڻ ضروري آهي جنهن ۾ انهن جي خاصيتن ڏانهن واضح نموني اشارو ڪيو ويو آهي. انهن روايتن ۾ بيان ٿيل سندن خاصيتن کي ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

❖ **ظاهري خاصيتون:**

ڪجھ اهڙيون روايتون آهن جيڪي هنن جي ظاهري صفتن ڏانهن اشارو ڪن ٿيون، جهڙوڪ: انهن جو تعارف ته اهي ڪير آهن؟ ۾ ڪهڙن شهرن منجهان آهن؟ جن کي بيان ڪري آياسين.

۾ ڪجھ روايتون اهي آهن جيڪي انهن جي ان ظاهري صفتن ڏانهن اشارو ڪندي انهن جي سنّ ۾ عمر کي بيان ڪن ٿيون ته اهي سڀ جا سڀ جوان هوندا، جيئن ته هڪ روايت ۾ ان سلسلي ۾ ذڪر ٿيو:

«إِنَّ أَصْحَابَ الْقَائِمِ شَبَابٌ لَا كُهُولَ فِيهِمْ إِلَّا كَالْكُحْلِ فِي الْعَيْنِ أَوْ كَالْمِلْحِ فِي الزَّادِ وَ أَقَلُّ الزَّادِ الْمِلْحُ»

«قائمؑ جن جا خاص صحابي جوان آهن منجهن ڪوبہ پوڙهو ناهي، مگر اک ۾ سرمي ۾ غذا ۾ نمڪ برابر، ۾ غذا ۾ سڀ کان گهٽ مقدار واري شيءِ نمڪ آهي.» [١٦٤]

ڪجھ روايتن ۾ انهن جي رنگ، قد ڪاٺ ۾ سونهن ۾ لباس ڏانهن اشارو ڪيو ويو آهي:

«اهي سڀ هڪ رنگ ۾ هڪ ئي قد ڪاٺ وارا آهن ۾ سندن لباس ۾ جمال پڻ هڪجهڙو آهي» [١٦٥]

۾ ڪجھ روايتن ۾ ذڪر ٿيو آهي ته منجهائن ڪجھ عورتون هونديون، جن جو انگ ٥٠ بيان ٿيو آهي.[١٦٦]

۾ ڪجھ روايتن ۾ انهن منجهان هر هڪ جي طاقت ۾ قدرت کي چاليھ ڄڻن جي قدرت ۾ طاقت برابر بيان ڪيو ويو آهي.[١٦٧]

۾ هڪ روايت ۾ وري هن ريت بيان ٿيو تہ:

«منجهائن هڪ نفر کي چاليھ ڄڻن جي طاقت عطا ڪئي ويندي ۾ ان جي دل هڪ فولاد جي ٽڪڙي کان بہ مضبوط ٿي ويندي ايستائين جو جيڪڏهن ڪنهن لوهه جي پهاڙ مٿان پون تہ ان کي ريزه ريزه ڪري ڇڏين» [١٦٨]

❖ **باطني خاصيتون**

سندن ظاهري خاصيتن جيان، ڪيترن ئي روايتن ۾ سندن معنوي ۾ باطني خاصيتن جهڙوڪ: علم، معرفت، ايمان، خدائي خوف، پاڪيزگيءَ، تقوا، زهد، بصيرت، بندگيءَ، ذڪر ۾ دعا ۾ مشغول رهڻ، استغفار، راتين جو جاڳڻ وغيره، کي پڻ بيان ڪيو ويو آهي. منجهائن ڪجھ خاصيتن کي جن مان ڪجھ کي هتي بيان ڪنداسين:

**١. ايمان**

حضرت مهدي (عج) جن جي عالمي حڪومت ۾ جيڪو عنصر باقي سڀني عنصرن کان وڌيڪ اهميت جو حامل آهي اهو «ايمان» جو عنصر آهي، جيڪو انساني ارادي کي قوت بخشيندو آهي ۾ دلين کي پڻ محڪم ڪندو آهي اهڙي طرح جو دنياوي ڪي بہ واقعا ان کي متزلزل نٿا ڪري سگهن، حضرت مهديؑ جي حڪومت ۾

---

[١٦٤]. الغيبة للنعماني، النص، ص: ٣١٦

[١٦٥]. الملاحم و الفتن، ابن طاووس، ص ١٤٨

[١٦٦]. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ٢٢٣.

[١٦٧]. ساڳيو، ص ٣٧٢.

[١٦٨]. ساڳيو، ص ٣٢٧.

اهڙي قسم جا ماڻهو عهدن تي فائز هوندا جن جا ارادا ۽ دليون ايمان سان محڪم هونديون، جيئن تہ امام محمد باقرعليه السلام جن فرمائن ٿا:

«أَلَا وَهُمُ الْمُؤْمِنُونَ حَقًّا..: آگاھ رهو تہ اهي حقيقي مومن آهن...» [169]

ان اعتبار سان قرآن ۾ جيڪي اوصاف حقيقي مومنن لاءِ بيان ٿيا آهن سي پڻ هنن ڪي شامل ٿيندا.
ڪن روايتن ۾ انهن ڪي حقيقي توحيد پرست جي عنوان سان ياد ڪيو ويو آهي. [170] ۽ ڪڏهن وري انهن جي دلين جي مضبوطي ڪي لوھ سان شباهت ڏيندي چيو ويو:

«... وَرِجَالٌ كَأَنَّ قُلُوبَهُمْ زُبَرُ الْحَدِيدِ لَا يَشُوبُهَا شَكٌّ فِي ذَاتِ اللهِ أَشَدُّ مِنَ الْحَجَرِ...» [171]

« اهڙا مرد آهن جن جون دليون، لوھ جي ٽڪرن جيان آهن جو خدا جي ذات جي عقيدي ۾ منجهن ترديد ايجاد نٿي ٿي سگهي، اهي پٿر کان بہ محڪم آهن»

### ٢. تقواءِ پاڪيزگي

امام حسن عسڪريعليه السلام جن سندن ان خاصيت ڪي بيان ڪندي فرمائن ٿا:

«..بَرَأَهُمُ اللهُ مِنْ طَهَارَةِ الْوَلَاءِ وَنَفَاسَةِ التُّرْبَةِ مُقَدَّسَةً قُلُوبُهُمْ مِنْ دَنَسِ النِّفَاقِ مُهَذَّبَةً أَفْئِدَتُهُمْ مِنْ رِجْسِ الشِّقَاقِ لَيِّنَةً عَرَائِكُهُمْ لِلدِّينِ خَشِنَةً ضَرَائِبُهُمْ عَنِ الْعُدْوَانِ وَاضِحَةً بِالْقَبُولِ أَوْجُهُهُمْ نَضِرَةً بِالْفَضْلِ عِيدَانُهُمْ يَدِينُونَ بِدِينِ الْحَقِّ وَأَهْلِهِ..»

«الله سائين ڪين پاڪ نطفي ۽ پاڪ فطرت ۽ طينت سان پاڪيزه بڻايو آهي، جن جون دليون نفاق جي آلودگيءَ کان پاڪ ۽ اختلاف جي گندگيءَ کان صاف، پنهنجي روح ۽ جان سان دين جي حڪمن ڪي قبوليندڙ هونديون... حق جي آئين ڪي ونندا ۽ اهل حق وارن سان هوندا» [172]

### ٣. معرفت الهي

حضرتعجل الله تعالى فرجه الشريف جا هي خاص ساٿي، خدا جي راھ جا سالڪ، معنويت ۽ روحانيت جي عظيم مقام تي فائز ۽ خدائي معرفت جي وڏي درجي تي هوندا. جيئن تہ امام صادقعليه السلام جن فرمائن ٿا:

يبايعه العارفون بالله تعالى من اهل الحقائق عن شهود وكشف بتعريف الهى

«مڪاشفي ۽ مشاهدي ذريعي، خدا جي شناخت رکندڙ اهل حقيقت مان الله جا عارف پانها ان جي بيعت ڪندا» [173]
۽ امام محمد باقرعليه السلام فرمائن ٿا:

«جن الله ڪي معرفت جو حق ادا ڪندي سڃاتو آهي اهي حضرت مهديعليه السلام جا آخري زماني ۾ انصار ۽ مددگار هوندا» [174]

---

[169]. ساڳيو، ص ٢١٧.
[170]. ينابيع الموده، ج ٣، ص ٩٥.
[171]. بحار الانوار،ج ٥٢، ص ٣٠٨
[172]. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ٣٥؛ ڪمال الدين و تمام النعمة، ج٢، ص: ٤٤٩
[173]. ينابيع المودة،ج ٣، ص ٢٧ ۽ ٦٢
[174]. بحار الانوار، ج ٥١، ص ٨٧

ڪن روايتن ۾ آهي ته اهي عمل جي ميدان ۾ ايترا ته عارف انسان هوندا جو جڏهن بيعت لاءِ ايندا ته زمين سندن پيرن هيٺان ويڙهبي ويندي ۽ وڏي ۾ وڏو سفر به جلدي ۾ طي ڪندا.[١٧٥]
يا هڪ روايت ۾ آهي ته منجهائن ڪجهه اهڙا به هوندا جن کي جُهڙن تي سير ڪندي ڏٺو ويندو.[١٧٦]

### ۴. عبادت ۽ بندگيءَ

امام جوادعليه‌السلام سندن بندگيءَ ۽ عبادت بابت فرمائن ٿا:

هم کرّارون مجدّون فی طاعه الله...

«اهي الله جي اطاعت ۾ قائم ۽ ڪوشان هوندا» [١٧٧]

امام صادقعليه‌السلام جن پڻ انهن جي راتين جاڳڻ ۽ خدا جي بارگاه ۾ گريه زاري کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

«اهي اهڙا مرد هوندا جيڪي راتين جو ڪونه سمهندا، سندن نمازن جو آواز، ماکيءَ جي مکن جي پونياٽ جيان ڪن تائين پيو پهچندو ۽ اهي ائين ئي سڄي رات جاڳي گذاريندا» [١٧٨]
ڪن روايتن ۾ آهي ته خدا جي خوف خاطر راتين ۾ سندن گريي جو آواز ائين هوندو جيئن جوان پٽ جي موت تي هڪ ماءُ روئندي هجي، اهي راتيون ائين جاڳندا ۽ ڏينهن جو روزي سان هوندا.[١٧٩]

### ۵. بصيرت

حضرت مهديعليه‌السلام جن جا هي صحابي ۽ خاص ساٿي، زمان ۽ مڪان جي آگاهي جي لحاظ کان وڏي بصيرت رکندڙ هوندا، ڪجهه روايتن ۾ سندن ان خاصيت کي چراغ سان تشبيهه ڏيندي چيو ويو ته سندن دليون انهن جيان هونديون.[١٨٠]

### ٦. صبر ۽ حوصلو

حضرتعجل‌الله‌تعالیٰ‌فرجه‌الشريف جي اهي خاص صحابي ۽ مددگار ساٿي، عظيم صبر ۽ حوصلو رکندڙ هوندا، جيڪي پنهنجي وجود ۾ پختا ۽ مضبوط هوندا، ايتري تائين جو بعض روايتن ۾ ذڪر ٿيو ته: انهن جون دليون لوهه جي مضبوطي جيان محڪم هونديون[١٨١] جو غمن ۽ مصيبتن جا پهاڙ انهن کي هلائي نه سگهندا ۽ هر مشڪل تي غالب اچي ويندا، جيڪڏهن اهي پهاڙن تي ڪاهه ڪن ته انهن کي پورا پورا ڪري ڇڏين.[١٨٢]

### ٧. شهادت جو شوق ۽ جذبو رکندڙ

اهي شهادت جا عاشق ۽ پنهنجي خالق حقيقي جي لقاء جا هميشه آرزومند هوندا:

«....يتمنّون ان يقتلوا فی سبيل الله.»

«اهي آرزو رکندا ته الله جي راهه ۾ قتل ڪيا ويا وڃن» [١٨٣]

#### ❖ سندن عملي ۽ ڪرداري خاصيتون

سندن ڪرادر ۽ عمل ۾ جن خاصيتن جا مالڪ آهن تن کي هيٺ ڪجهه نڪتن ۾ بيان ڪيون ٿا:

---

[١٧٥]. منتخب الاثر، ص ٤٦٥
[١٧٦]. بحار الانوار،ج ٥٢، ص ٢٨٦ ۽ ٣٦٨.
[١٧٧]. الزام الناصب، ص ٦٣
[١٧٨]. بحار الانوار،ج ٥٢، ص ٣٠٨.
[١٧٩]. ينابيع المودة،ج ٣،ص ٩٥.
[١٨٠]. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ٣٠٨
[١٨١]. بحار الانوار،ج ٥٢، ص ٣٧٢
[١٨٢]. ساڳيو، ص ٣٠٨.
[١٨٣]. بحار الانوار، ج ٥٢،ص ٣٠٨

### ۱. ساديءَ

حضرتؑ جا اهي صحابي ظاهري طور تي ساديءَ سان رهڻ وارا آهن جنهن ڪري اهي زمين تي ماڻهن ۾ سڃاتا ڪونہ ويندا پر آسمان تي ملڪوتي هستين جي درميان مشهور ۽ ناميارا هوندا، حضرت عليؑ جن سندن اهڙي ساراهہ ۾ فرمائن ٿا:

«فِي الْأَرْضِ مَجْهُولُونَ وَفِي السَّمَاءِ مَعْرُوفُونَ»

«اهي زمين تي نامعلوم ۽ آسمان ۾ مشهور هوندا» [۱۸۴]

### ۲. ولايت جو عشق [ولايتمداري]

امامؑ جا ساٿي، پنهنجي وقت جي امام جي چڱي ريت معرفت رکندا ۽ ان جي امامت جا معتقد هوندا،[۱۸۵] سندن اها معرفت، هڪ شناختي ڪارڊ واري معلومات جيان ناهي بلڪ معرفت جو حق ادا ڪندي پنهنجي امامؑ کي سڃاڻيندا، سندن دليون پنهنجي امام جي عشق ۽ محبت سان لبريز هونديون، اهي جنگ جي درميان پڻ پنهنجي آقا جي چوڌاري ائين ڦري رهيا هوندا ۽ محافظت ڪري رهيا هوندا جيئن هڪ پروانو شمع جي چوڌاري گهمندو آهي. جيئن تہ ذڪر ٿيو آهي:

«يَتَمَسَّحُونَ بِسَرْجِ الْإِمَامِ ع يَطْلُبُونَ بِذَلِكَ الْبَرَكَةَ وَ يَحُفُّونَ بِهِ يَقُونَهُ بِأَنْفُسِهِمْ فِي الْحُرُوبِ...» [۱۸۶]

.........................

سندن اها ولايتمداريءَ، پنهنجي امام جي اطاعت ۽ پيروي ۾ چڱي ريت ظاهر هوندي، اهي پنهنجي آقا جي هر فرمان جي اطاعت ڪري رهيا هوندا: مجدّون في طاعة الله و طاعتہ: الله جي اطاعت ۽ امام جي اطاعت ۾ ڪوشان هوندا.

اهي امام مهديؑ جن کي پنهنجي هر ڪم ۽ هر چرپر جو محور قرار ڏيندا ۽ ان جي ئي واٽ ۾ قدم کڻي رهيا هوندا: «هُمْ أَطْوَعُ لَهُ مِنَ الْأَمَةِ لِسَيِّدِهَا: اهي امت مان سڀ کان وڌيڪ پنهنجي آقا جي اطاعت ڪندڙ آهن» [۱۸۷]

### ۳. اتحاد ۽ ڀائپاري

امامؑ جن جا اهي صحابي، اهڙا انسان آهن جن جون دليون هڪٻئي سان ڳنڍيل ۽ جڙيل هونديون: يُؤَلِّفُ اللَّهُ قلوبُہم: الله سندن دلين ۾ محبت قائم ڪندو» [۱۸۸]

۽ اهڙي طرح انهن ۾ برادري، ڀائپاري، اعتماد، همدلي جو هڪ ئي رنگ ڇانيل هوندو، سندن سوچون ۽ فڪر هڪ هونديون. هڪٻئي سان پيار محبت ۽ نيڪ نيتي سان پيش ايندا، منجهن دوستيءَ ايتري قدر محڪم ۽ مضبوط هوندي جو ڄڻ هڪ پيءُ ۽ ماءُ منجهان هجن:

«كَانمّا رَبّاهُم أَب واحد، و اُمّ واحدة، قلوبهم مجتمعة بالمحبة و النصيحة» [۱۸۹]

.........................

---

[۱۸۴]. نهج البلاغہ، خطبہ ۱۰۱
[۱۸۵]. منتخب الاثر، ص ۲٤٤
[۱۸۶]. بحار الانوار، ج ۵۲،ص ۳۰۸
[۱۸۷]. بحار الانوار، ج ۵۲،ص ۳۰۸
[۱۸۸]. منتخب الاثر، ص ١٦٦.
[۱۸۹]. ينابيع المودة،ج ۳، ص ۹۵.

### ۴. بهادري ۽ شجاعت

اهي اهڙا بهادر ۽ شجاع هوندا جو ڪين روايت ۾ «ڪرّار» جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو.[190] ۽ اهي ظالمن مٿان غضب ڪندڙ ۽ خدائي غضب ۽ ڪاوڙ جا مظهر هوندا جيڪي پنهنجي امام‌عجل‌الله‌فرجه‌الشريف جن جي مدد لاءِ پهچندا:

«جَيْشَ الْغَضَبِ... أُولَئِكَ قَوْمٌ يَأْتُونَ فِي آخِرِ الزَّمَانِ...؛ (ظالمن مٿان) ڪاوڙيل لشڪر... اهي اهڙي قوم هوندي جيڪا آخري زماني ۾ ايندي» [191]

اهي جنگ ۾ اهڙا شير هوندا جو جيڪڏهن ارادو ڪن ته پهاڙ کي به پنهنجي جاءِ تان هلائي وجهن:

كُلُّهم ليوث، قَدخَرجُوا مِن غَاباتِهم، لَو اَنّهُم هَمّوا بِازَالةِ الجِبالِ لَاَزالُوها مِن مَواضِعِها» [192]

«اهي سڀ جا سڀ شير آهن جيڪي پنهنجي جنگلن مان ٻاهر ايندا، جيڪڏهن اهي پهاڙ کي هٽائڻ چاهين ته ان کي پنهنجي جاءِ تان هٽائي وجهن.»

اهي امام حسين‌عليه‌السلام جن جي خون جي انتقام جو نعرو هڻندي ميدان ۾ لهندا ۽ ظلم ۽ استعمار جون پاڙون پٽي اڇلائيندا، جن جي رعب ۽ دٻدٻي جو آواز انهن کان اڳيان اڳيان پڙلاءُ ڪري رهيو هوندو، جيڪو دشمن جي دلين کي خوف ۾ وڪوڙي ڇڏيندو، الله تعالىٰ اهڙن انسانن جي ذريعي پنهنجي حجت حضرت مهدي‌عجل‌الله‌فرجه‌الشريف جي مدد ۽ نُصرت فرمائيندو.

« شِعَارُهُمْ يَالَثَارَاتِ الْحُسَيْنِ إِذَا سَارُوا يَسِيرُ الرُّعْبُ أَمَامَهُمْ مَسِيرَةَ شَهْرٍ... يَنْصُرُ اللَّهُ إِمَامَ الْحَق» [193]

..................

**نتيجو:**

١. حضرت مهدي‌عجل‌الله‌فرجه‌الشريف جن پنهنجي ظهور سان ڪائنات ۾ عالمي تبديليون ۽ انقلاب آڻيندا.

٢. ان عالمي حڪومت جي بنياد ۾ سندن ڪي خاص ساٿي نصرت ۽ مدد ڪندا.

٣. سندن خاص ساٿين جو انگ ٣١٣ آهي جيڪو جنگ بدر ۾ پيغمبر اڪرم‌صلي‌الله‌عليه‌وآله جن جي سپاهين جو تعداد هو.

٤. منجهائن ٥٠ عورتون هونديون.

٥. اهي تمام انسانن منجهان بهترين افراد هوندا جن منجهه ملڪن جي سربراهي ڪرڻ ۽ هلائڻ جي قابليت هوندي.

٦. روايتن ۾ ڪين: «خدائي انسان، پرچمدار، امير، وزير، چونڊيل، خدائي حاڪميت رکندڙ وغيره» جهڙن لقبن سان ياد ڪيو ويو آهي.

٧. انهن مٿان امام‌عجل‌الله‌فرجه‌الشريف جن طرفان عظيم ۽ وڏيون ذميواريون سونپيون وينديون.

٨. جهان جي ظالمن سان جنگ، دين ۾ بدعت ۽ تحريف جي خلاف مقابلو ڪندي حقيقتن کي بيان ڪرڻ، ملڪن ۽ علائقن کي آباد ڪري منجهن عدالت برپا ڪرڻ وغيره سندن ذميواريون هونديون.

٩. سندن خاصيتن کي هن ٽن محورن ۾ پرکي سگهجي ٿو: ظاهري، معنوي ۽ ڪرداري (عملي) خاصيتون.

١٠. ظاهري خاصيتن جي لحاظ کان: جوان، طاقتور وغيره جهڙيون خاصيتون رکن ٿا.

---

[190]. الزام الناصب، ص ١٧٨.

[191]. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ٣٤٦ و ٣٦٨؛ الغيبة للنعماني، النص، ص: ٣١٢

[192]. ينابيع المودة، ج ٣، ص ٩٥

[193]. بحار الانوار، ج ٥٢، ص ٣٠٨

١١. ايمان، پاڪيزگيءَ، تقوا، علم، معرفت، عرفان، معنويت، بصيرت، صبر، شهادت طلبي وغيره ڪي سندن معنوي ۽ روحاني خاصيتن جي عنوان سان بيان ڪيو ويو آهي.
١٢. سادگيءَ، پنهنجي ڪمن ۾ هميشہ ڪوشان رهڻ، ولايتمداري ۽ ولايت سان عشق، اتحاد ۽ پائيداريءَ، شجاعت ۽ بهادري وغيره جهڙيون خاصيتون سندن عمل ۽ ڪردار ۾ بيان ڪيون ويون آهن.

## توحيد صفاتي

توحيد صفاتي، اعتقادي ۽ فڪري لحاظ کان توحيد جو هڪ ٻيو قسم آهي، جيڪو مومنن جي عقيدي ۽ ايمان سان لاڳاپيل آهي، ڪيترين ئي روايتون ۽ عقلي دليلون، ڪجهه صفات ۽ اسماء جهڙوڪ: علم، قدرت، حيات وغيره کي الله تعالیٰ ڏانهن نسبت ڏين ٿيون، ان اعتبار سان ته الله سائين ڪمال کي بيان ڪندڙ اهڙيون صفتون رکندڙ آهي، پر بحث ان ڳالهه ۾ آهي ته الله تعالیٰ ڪهڙي اعتبار ۽ ڪهڙي ڪيفيت ۾ ان صفتن سان متصف آهي، ڇا اهي ڪمالي صفتون سندس عين ذات آهن؟ جنهن کي توحيد صفاتي جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو، يا ائين ناهي بلڪ اهي صفتون سندس وجود ۾ عين ذات نه آهن بلڪ سندس کان جدا آهن؟

ان باري ۾ مختلف رايا آهن جن ۾ هيٺ ٽن اهم نظرين کي بيان ڪري صحيح نظر بابت وضاحت ۽ دليل بيان ڪنداسين.

### توحيد صفاتي بابت نظريا

پهريون: شيعه اثناعشري جو نظريو

شيعه مذهب جو اهو عقيدو آهي ته: الله تعالیٰ جون ثبوتي ۽ ڪمالي صفتون سندس وجود ۾ عين ذات آهن. جنهن جو مطلب هي آهي ته:

الله تعالیٰ جيڪو سندس ذات ۾ بسيط آهي؛ يعني جنهن جي ذات جزن جو مجموعو ناهي، ان ذات جون ثبوتي ۽ ڪمالي صفتون جهڙوڪ: علم، قدرت، حيات وغيره، حقيقت ۽ واقع ۾ ان جون عين ذات آهن، سندس ذات نه صفت کان جدا آهي ۽ نه ئي صفت سندس ذات کان، بلڪ ان جي ذات عين علم ۽ سندس علم، عين ذات آهي ۽ اهڙي ئي طرح سندس ذات ۾ علم، عين قدرت آهي، جيئن سندس ذات لامحدود آهي تيئن اهي صفتون لامحدود ۽ سندس عين ذات آهن.

**وضاحت:**

گذريل مطلبن ۾ بيان ڪري آياسين ته الله تعالیٰ، سندس ذات جي لحاظ کان واجب الوجود آهي؛ يعني ان جو وجود ذاتي ۽ سندس ذات جي تقاضا آهي، ان جو لازمو اهو آهي ته سندس ذات ڪجهه اهڙن صفتن جي حامل آهي جن جو هجڻ ان لاءِ ڪمال ۽ نه هجڻ ان لاءِ نقص آهي، جهڙوڪ: علم، قدرت وغيره جهڙيون صفتون. پوءِ اهو سوال اڀري ٿو ته: اهڙي قسم جي صفتن جو سندس ذات سان ڪهڙو لاڳاپو آهي؟ ڇا اهڙين صفتن منجهان هر هڪ صفت، حقيقت ۽ واقع ۾ ان جي عين ذات آهي يا ائين ناهي بلڪ هر صفت جو سندس ذات کان الڳ هڪ مستقل وجود آهي جنهن سان الله جي وصف ڪجي ٿي.

ان مطلب جي واڪي ٿيڻ لاءِ هڪ مثال پيش ڪجي ٿو ته: انسان ڪڏهن ڪجهه صفتن سان متصف ۽ آراسته ٿيندو آهي، مثال جي طور تي اڳ ۾ عالم نه هو جڏهن پڙهيو لکيو ته عالم بڻجي ويو، مطلب ته «علم» بعد ۾ سندس صفت بڻي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته اها صفت ان انسان جي عين ذات ناهي؛ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اها صفت سندس عين ذات هجي ها ته هو جڏهن کان هو تڏهن کان عالم هجي ها ۽ ان جي ذات ۽ صفت جي وچ اهڙي جدائي جو تصور نه هجي ها. جڏهن ته مسئلو ان انسان جي حوالي سان ائين ناهي، پوءِ ڇا جڏهن الله تعالیٰ جي لاءِ اهڙيون ڪجهه ڪمالي ۽ ثبوتي صفتون جهڙوڪ علم وغيره، بيان ڪجن ٿيون ته ان جو مطلب به ائين آهي؟ يا نه بلڪ الله تعالیٰ جي حوالي سان اهڙيون صفتون هڪ ٻي معنیٰ ۾ آهن؟

تنهن جو جواب هي آهي ته جهڙي ريت انسان لاءِ سندس عالم هجڻ جو تصور آهي، جو ڪڏهن سندس ذات علم کان آجي آهي ته وري هڪ مرتبو علم متس عارض ٿئي ٿو ۽ هو عالم بڻجي ٿو، الله جون صفتون سندس ذات لاءِ ائين نه آهن، بلڪ جيتوڻيڪ علم جو مفهوم قدرت جي مفهوم کان جدا آهي ۽ مفهوم ۽ معنیٰ جي

اعتبار سان اهي صفتون هڪ ٻئي کان جدا تصور ٿين ٿيون جو هڪ صفت کي علم ته ٻي کي قدرت جي مفهوم سان ياد ڪجي ٿو، پر الله جي ذات سندس اهڙين ثبوتي ۽ ڪمالي صفتن سان حقيقت ۽ واقع ۾ وحدت رکي ٿي، اهڙي طرح جو سندس ذات عين علم آهي، عين قدرت آهي، ۽ اهڙي ئي ريت وري اهي صفتون به پاڻ ۾ ائين آهن جو علم سندس ذات ۾ عين قدرت آهي. حقيقت ۽ واقع ۾ سندس ذات ۽ صفتن جي درميان ان وحدت ۽ اهڙي ئي ريت سندس صفتن جي هڪٻئي درميان موجود وحدت کي علمي اصطلاح ۾«**عيني ۽ وجودي وحدت**» سان ياد ڪيو ويندو آهي؛ يعني اها ذات ۽ ان جون صفتون هڪ ئي وجود کي بيان ڪندڙ آهن.

ان مان معلوم ٿيو ته توحيد صفاتي جي بيان ۾ ٽي مطلب موجود آهن:

1. الله جي ذات ۽ سندس صفتون معني ۽ مفهوم جي اعتبار سان هڪ ٻئي کان جدا آهن، ان کري ئي مثال جي طور تي هڪ صفت کي علم جي مفهوم سان ته ٻي کي وري قدرت جي معنيٰ ۽ مفهوم سان ياد ڪيو وڃي ٿو.

2. الله جي ذات ۽ سندس صفتن جي درميان وجودي وحدت موجود آهي؛ يعني الله جو وجود عين علم آهي ۽ اهڙي ئي ريت باقي ثبوتي صفتون.

3. الله جون تمام اهڙيون صفتون هڪٻئي سان پڻ حقيقت ۽ واقع ۾ وحدت رکن ٿيون؛ يعني الله تعالىٰ سندس ذات ۾ عين علم، عين قدرت آهي ۽ اهڙي طرح سندس قدرت عين علم آهي ۽ علم عين قدرت ۽ اهڙي ئي ريت باقي ثبوتي صفتون.

سو ان مان معلوم ٿيو ته الله جي ذات ۾ توحيد صفاتي جو مطلب اهو آهي ته سندس ذات عين صفات آهي، هو علم جي لحاظ کان عالم يا سندس صفت قدرت جي لحاظ کان قادر ناهي بلڪ سندس ذات جي لحاظ کان عالم ۽ قادر آهي. مفهوم ۽ معنىٰ جي اعتبار سان صفتن جي اها ڪثرت منجهس ذات ۾ ڪثرت کي ايجاد نٿي ڪري؛ ڇاڪاڻ ته وجود جي لحاظ کان ذات ۽ صفت ۾ وحدت موجود آهي.

### الف) توحيد صفاتي جا عقلي دليل

توحيد صفاتي بابت مختلف طريقن سان دليل بيان ڪيا ويا آهن جن مان، آسان مقدمن تي مشتمل ڪجھ اهم دليلن کي هتي بيان ڪيون ٿا:

*پهريون دليل:*

جيڪڏهن الله جون صفتون، سندس ذات کان جدا فرض ڪبيون ته ان جو لازمو اهو ٿيندو ته الله جي ذات مرتبي جي لحاظ کان صفات کان اڳ هجي ۽ اهي صفتون پوءِ ان سان متصف ٿين، ان جو نتيجو اهو نڪرندو ته الله سائين پنهنجي ذات ۾ انهن صفتن کان آجو هجي، ڇوته فرض اهو آهي ته هن جون صفات عين ذات ناهن، ۽ اهو مطلب الله تعالىٰ جي واجب الوجود هجڻ سان مطابقت نٿو رکي؛ ڇاڪاڻ ته الله جو ذاتي لحاظ کان واجب الوجود هجڻ جو مطلب اهو آهي ته اها ذات هر لحاظ کان واجب ۽ ان جو وجود هر لحاظ کان ذاتي آهي جنهن جي تقاضا اها آهي ته ڪنهن به اعتبار سان منجهس نقص نه هجي، تنهن کري ضروري آهي ته ان ڳالھ جا قائل ٿيون ته الله سائين پنهنجي ذات ۾ اهڙن صفتن جو حامل آهي ۽ اهي صفتون سندس عين ذات آهن.[١٩٤]

---

١٩٤. لاهيجي، گوهر مراد، ٢٤٢.

ٻيو دليل:

هي دليل پڻ ڪجھ مقدمن تي مشتمل آهي:

١. الله تعالىٰ جي ذات پنهنجي ذات ۽ وجود ۾ واجب الوجود آهي؛ يعني ان جو وجود ذاتي آهي، ۽ اها ذات ٻين سڀني موجودات جي خالق ۽ علت آهي، سندس ذات کان سواءِ ٻي هر شيءِ يا بنا ڪنهن واسطي جي يا واسطي سان، ان ئي ذات جي ذريعي وجود پائي ٿي، جنهن کي علمي اصطلاح ۾ ”علة العلل“ يعني ٻين تمام علتن ۽ سببن جي علت چيو ويندو آهي.

٢. هر علت، پنهنجي علت ۽ سببيت واري مرحلي ۾ معلول (جنهن شيءِ کي هو وجود بخشيندي آهي ان) جي مڙني وجودي ڪمالات کي اعلىٰ اعتبار سان پنهنجي اندر رکندي آهي؛ ڇوته جيڪڏهن علت ۽ سبب پاڻ اهڙو ڪمال نه رکندي هجي ته اها ٻي شيءِ کي ڪيئن ٿي ڪمال عطا ڪري سگهي؟ ۽ ٻيو اهو ته الله تعالىٰ جو سندس ذات ۾ واجب الوجود هجڻ ٻه ان جي ئي تقاضا ڪري ٿو ته منجهس هر ڪمال جهڙوڪ: علم، قدرت وغيره موجود هجي ۽ نقص کان پاڪ ۽ منزه هجي.

٣. ۽ اڳي ۾ توحيد ذاتي جي باب ۾ بيان ڪري آياسين ته الله تعالىٰ پنهنجي ذات ۾ بسيط محض آهي؛ يعني هو سندس ذات ۾ واحد ۽ اڪيلو آهي جو منجهس ڪابه ترڪيب ۽ ملاوٽ ناهي.

٤. انهن تمام مقدمن جو نتيجو اهو آهي ته هاڻي جيڪڏهن ڪنهن ڪمال جهڙوڪ علم، قدرت وغيره کي الله تعالىٰ جي صفت قرار ڏنو ويندو ته اهي صفتون سندس عين ذات آهن؛ ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ان صفتن کي ان جي ذات کان جدا فرض ڪيو وڃي ته ان صورت ۾ اهو لازم ايندو ته:

سندس ذات اهڙن ڪمالات کان خالي هجي ۽ اهو الله تعالىٰ جي ذاتي لحاظ کان واجب الوجود هجڻ ۽ ان جي علة العلل هجڻ سان مطابقت نٿو رکي. ۽ پڻ اهو لازم ايندو ته الله پنهنجي ذات ۾ واحد ۽ اڪيلو نه هجي.[١٩٥]

ٽيون دليل:

جيڪڏهن الله تعالىٰ جون صفات ذاتي ۽ ثبوتي، ان جي عين ذات نه هجن ته ٻه احتمال وجود رکن ٿا:

١. يا الله تعالىٰ جون صفتون سندس ذات جو جز هونديون ۽ منجهس ترڪيب لازم ايندي.

٢. يا الله تعالىٰ جون صفتون سندس ذات جو غير ۽ ڪانئس جدا هونديون.

**پهريون احتمال:**

اهو ته الله جون صفتون سندس ذات جو جز آهن، هي هڪ باطل احتمال آهي؛ ڇاڪاڻ ته ته اسان توحيد ذاتي ۾ بيان ڪري آياسين ته الله بسيط محض آهي؛ يعني هو پنهنجي ذات ۾ اڪيلو آهي جو ڪنهن به لحاظ کان منجهس مختلف جزن جي ڪابه ترڪيب ۽ ملاوٽ نه ٿي پاتي وڃي؛ ڇاڪاڻ ته ترڪيب جي صورت ۾ هو پنهنجي ذات ۾ اجزاء جو محتاج ٿي پوندو، ۽ محتاجي ان جي واجب الوجود هجڻ سان مطابقت نٿي رکي.

**ٻيو احتمال:**

اهو ته هي صفتون الله جي ذات جو غير ۽ ان کان جدا آهن، هي احتمال ٻه صورتون رکي ٿو:

الف) هڪ اها ته جڏهن هي صفتون الله جي ذات جو غير آهن ته پوءِ اهي واقع ۽ حقيقت ۾ سندس ذات جي لحاظ کان يا ته واجب الوجود آهن؛ يعني انهن جو وجود ذاتي آهي.

ب) يا ممڪن الوجود آهن؛ يعني ڪنهن انهن صفتن کي ان ذات الهي ۾ وجود بخشيو آهي.

جيڪڏهن صفتن جو وجود ٻه ذاتي فرض ڪيو ويندو ته ان جو لازمو اهو ٿيندو ته ڪائنات ۾ هڪ کان وڌيڪ واجب الوجود ۽ خدا فرض ڪيا وڃن، جن کي ڪنهن وجود نه بخشيو هجي، بلڪ انهن جو وجود پنهنجو ۽ ذاتي هجي، جڏهن ته اهو مطلب خدا جي توحيد ذاتي واري مطلب جي خلاف آهي ۽ اسان ثابت ڪري آيا آهيون

---

١٩٥. طباطبائي، ص ٢٨٥.

تہ الله تعاليٰ پنهنجي ذات ۾ واحد ۽ اڪيلو آهي تنهن جو مطلب تہ هڪ کان وڌيڪ بہ خدا ۽ ذاتي لحاظ کان بہ واجب الوجود فرض نٿا ڪري سگهجن، نتيجو اهو تہ هي صفتون پنهنجي ذات جي لحاظ کان واجب الوجود نٿيون ٿي سگهن.

پر جيڪڏهن ان صفتن جو وجود ممڪن الوجود فرض ڪيوسين؛ يعني ذاتي ناهي بلڪ ڪنهن انهن کي وجود ۾آندو آهي تہ ان صورت ۾ هي سوال اڀرندو تہ تہ اها ڪهڙي ذات آهي جنهن هن صفتن کي وجود بخشيو آهي؟

- جيڪڏهن الله تعاليٰ لاءِ ان صفتن کي وجود بخشيندڙ ڪابہ اهڙي ذات آهي جيڪا پڻ واجب الوجود آهي، تہ ان صورت ۾ پڻ مٿين ڳالهہ جيان لازم ايندو تہ هڪ کان وڌيڪ واجب الوجود ۽ بہ خدا فرض ڪيا وڃن جڏهن تہ اهو ان جي توحيد ذاتي جي مخالف آهي، ڇاڪاڻ تہ ان جو ڪو مثل بہ ناهي، تہ بس ڪا بہ ذات ناهي جنهن الله لاءِ اهي صفتون خلق ڪيون هجن.
- ۽ جيڪڏهن اهو فرض ڪجي تہ الله سائين پاڻ پنهنجي ذات ۾ انهن صفتن کي وجود بخشيو آهي، تہ پوءِ اهو چئبو تہ ان صفتن جهڙوڪ علم، قدرت وغيره کان اڳ الله سائين عالم بہ نہ هيو ۽ قادر بہ نہ هيو؛ ڇاڪاڻ تہ هنن صفتن کي بعد ۾ وجود ۾ آندائين. اهو بہ مطلب باطل ۽ غير معقول آهي؛ ڇوتہ هڪ عقلي قاعدي جي آڌار تي جيڪا علت ڪنهن شيءِ (معلول) کي وجود عطا ڪندي آهي، ضروري آهي تہ پهرين اهو ڪمال منجهس موجود هجي، ورنہ اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو تہ هڪ شيءِ پاڻ هڪ ڪمال کان آجي هجڻ جي باوجود ٻي شيءِ کي اهو ڪمال عطا ڪري، سو اهو ممڪن نہ ٿي سگهندو جو هڪ ذات پاڻ حيات، علم ۽ قدرت نہ رکندي هجي پر اها حيات ۽ علم ۽ قدرت کي وجود بخشي، تہ بس ائين ناهي جو الله پنهنجي ذات ۾ هن صفتن کي بعد ۾ خلق ڪيو هجي، مثال جي طور تي عالم نہ هو ۽ بعد ۾ عالم بڻيو هجي.

تہ بس معلوم ٿيو تہ اهي سڀ احتمال درست ناهن، نہ اهي صفتون الله جو جز آهن جو منجهس ذات ۾ ترڪيب ايجاد ٿي ۽ نتيجي ۾ اها جزن جي محتاج بڻجي وڃي، نہ اهي صفتون ان جي ذات کان جدا آهن جو ذاتي اعتبار سان بہ واجب الوجود يعني بہ الله فرض ڪرڻا پون، بلڪ اهي صفتون سندس عين ذات آهن، سندس ذات ۽ اهي صفتون هڪ ئي وجود کي بيان ڪندڙ آهن جنهن ۾ ڪنهن بہ اعتبار سان ترڪيب ۽ ڪثرت ناهي.[١٩٦]

ب) توحيد صفاتي روايات ۾

عقلي دليلن سان اها ڳالهہ واضح ٿي وئي تہ: توحيد صفاتي يعني الله تعاليٰ جون ڪمالي ۽ ثبوتي صفتون ان جي عين ذات آهن، ۽ اهي صفتون سندس ذات سان وجودي ۽ عيني وحدت رکن ٿيون اهڙي ريت جو ذات ۽ صفات هڪ ئي وجود کي بيان ڪندڙ آهن، سندس ذات، عين علم آهي، عين قدرت آهي، اهڙي ئي ريت سندس علم بہ عين قدرت آهي ۽ ساڳيءَ ريت باقي صفتون، ان آڌار تي الله تعاليٰ جون صفات سندس ذات جيان ازلي، ابدي ۽ لامحدود آهن ۽ صفات جي ان ڪثرت سان سندس ذات ۾ ڪنهن بہ قسم جي ڪثرت وجود نٿي رکي.

ائمہ معصومينعليهم السلام جن جي زماني ۾ پڻ توحيد صفاتي جو اهو عقيدو سوال هيٺ رهيو آهي، ان زماني ۾ پڻ هڪ نظريو اهو رائج هو تہ الله جون صفات سندس ذات کان جدا آهن، پر ائمہ معصومينعليهم السلام ان نظريي کي غلط قرار ڏيندي الله تعاليٰ کي سندس ذات ۾ اهڙين صفتن جو حامل قرار ڏين ٿا جو اهي صفتون ان جي ذات جي تقاضا آهن ۽ سندس عين ذات آهن. هيٺ ان روايتن ڏانهن اشارو ڪيون ٿا:

امام عليعليه السلام جن سندن هڪ بيان ۾ توحيد صفاتي جي حقيقت تان پردو کڻندي، الله تعاليٰ جي صفات جي لامحدود هجڻ کي بيان ٿا ڪن، فرمائن ٿا:

---

[١٩٦]. مصباح يزدي، آموزش عقايد، ص ١٣٦؛ سعيدي مهر، ڪلام إسلامي، ج١، ص ٩٣.

«الَّذِي لَيْسَ لِصِفَتِهِ حَدٌّ مَحْدُودٌ وَ لَا نَعْتٌ مَوْجُود» [197]

اها ذات جنهن جي صفت لاءِ ڪا حد ناهي جيڪا بيان ڪئي وئي هجي، ...................

امام جعفر صادق عليه السلام جن پڻ هڪ روايت ۾ الله تعالىٰ جي صفات کي سندس عين ذات قرار ڏيندي فرمائن ٿا:

«لَمْ يَزَلِ اللَّهُ جَلَّ وَ عَزَّ رَبَّنَا وَ الْعِلْمُ ذَاتُهُ وَ لَا مَعْلُومَ وَ السَّمْعُ ذَاتُهُ وَ لَا مَسْمُوعَ وَ الْبَصَرُ ذَاتُهُ وَ لَا مُبْصَرَ وَ الْقُدْرَةُ ذَاتُهُ...» [198]

«خدا ازل کان هو، علم سندس ذات هئي جڏهن ته (ڪائنات ۾ اجا) معلوم نه هو، ٻڌڻ (واري صفت) سندس ذات هئي جڏهن ته اهڙي ڪا شيءِ نه هئي جنهن کي ٻڌو ويو هجي، ڏسڻ سندس ذات هئي جڏهن ته اهڙي ڪا شيءِ نه هئي جنهن کي ڏٺو ويو هجي ۽ قدرت سندس ذات هئي ... »

اهڙي ئي ريت امام رضا عليه السلام جن کان روايت آهي ته:

«لَمْ يَزَلِ اللَّهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالَى عَلِيماً قَادِراً حَيّاً قَدِيماً سَمِيعاً بَصِيراً فَقُلْتُ لَهُ يَا ابْنَ رَسُولِ اللَّهِ إِنَّ قَوْماً يَقُولُونَ إِنَّهُ عَزَّ وَ جَلَّ لَمْ يَزَلْ عَالِماً بِعِلْمٍ وَ قَادِراً بِقُدْرَةٍ وَ حَيّاً بِحَيَاةٍ... فَقَالَ ع مَنْ قَالَ ذَلِكَ وَ دَانَ بِهِ فَقَدِ اتَّخَذَ مَعَ اللَّهِ آلِهَةً أُخْرَى وَ لَيْسَ مِنْ وَلَايَتِنَا عَلَى شَيْءٍ ثُمَّ قَالَ ع لَمْ يَزَلِ اللَّهُ عَزَّ وَ جَلَّ عَلِيماً قَادِراً حَيّاً قَدِيماً سَمِيعاً بَصِيراً لِذَاتِهِ تَعَالَى عَمَّا يَقُولُ الْمُشْرِكُونَ وَ الْمُشَبِّهُونَ عُلُوّاً كَبِيراً.» [199]

مولا جن فرمايو: «الله تعالىٰ ازل کان عالم، قادر، حيّ، قديم، سميع ۽ بصير آهي. راوي چيو مون حضرت عليه السلام کي عرض ڪيو: اي رسول الله صلى الله عليه وآله جا فرزند! ماڻهن جو هڪ ٽولو چوندو آهي ته: الله تعالىٰ ازل کان علم جي ذريعي عالم، قدرت جي ذريعي قادر ۽ حيات جي ذريعي حيّ...هو، ته سندس جواب ۾ امام عليه السلام جن فرمايو: جنهن ائين چيو ۽ اهڙو عقيدو رکيائين، تنهن الله سان گڏ ڪجهه ٻين کي پڻ خدا طور قبوليو، اهڙي قسم جو شخص ڪنهن بہ اعتبار سان اسان جي ولايت مان ناهي، پوءِ فرمايائون: الله تعالىٰ ازل کان پنهنجي ذات جي لحاظ کان (بنا ڪنهن صفت جي واسطي جي) عالم، قادر، حيّ، قديم، سميع ۽ بصير آهي، ۽ ان تمام ڳالهين کان جيڪي مشرڪ ۽ الله جي تشبيهه ڪندڙ چون ٿا پاڪ منزہ آهي.»

ان حديث مان ظاهر آهي تہ امام عليه السلام جن اهڙي عقيدي کي غلط چئي رهيا آهن جنهن ۾ الله جي صفات کي ان جي ذات کان جدا سمجهيو وڃي ۽ اهي صفتون الله جي لاءِ ڪنهن واسطي سان ثابت ڪيون وڃن، ۽ تاڪيد ڪن ٿا تہ الله جون صفتون ازل کان سندس ذات جي تقاضا آهي، سندس ذات ۽ ان صفتن جي وچ ڪابہ جدائي ناهي بلڪ ذات ۽ صفات حقيقت ۾ هڪ ئي وجود کي بيان ڪندڙ آهن.

### صفات جي نفي ڪندڙ روايتون ۽ مراد

گذريل روايتن مان اهو ثابت ٿيو تہ تمام ڪمالي ۽ ثبوتي صفتون جهڙوڪ: علم، قدرت حيات وغيره الله تعالىٰ جون عين ذات آهن: يعني الله جيڪو پنهنجي ذات ۾ واحد ۽ اڪيلو آهي نہ ان جي ذات ۾ ترڪيب آهي

---

[197]. نهج البلاغہ، خطبو ١.
[198]. التوحيد (للصدوق)، ص: ١٣٩؛ الكافي (ط - الإسلامية)، ج١، ص: ١٠٧ .
[199]. التوحيد (للصدوق)، ص: ١٤٠

۽ نہ سندس ذات جو ڪو مثل آهي، اهو پنهنجي ذات ۾ وحدانيت رکندي ڪمال کي بيان ڪندڙ ان تمام صفتن جو حامل آهي، اهڙي طرح جو منجهس نہ ئي ڪا ترڪيب ايجاد ٿئي ٿي ۽ نہ ئي ڪا ڪثرت.
پر ڪجھ بيون اهڙيون روايتون پڻ موجود آهن جيڪي ظاهري طور الله کان هر صفت کي نفي ڪندي نظر اچن ٿيون؛ يعني الله تعاليٰ جي ذات ڪنهن بہ صفت جي حامل ناهي. انهن روايتن جو ڇا مطلب آهي ڇا حقيقت ۾ هر صفت جي نفي ڪن ٿيون؟ يا اهڙين صفتن جي نفي ڪن ٿيون جن کي الله جي ذات کان جدا تصور ڪيو وڃي ٿو ۽ سندس وجود ۾ عين ذات ناهن؟ ان بابت هيٺ اهڙين روايتن کي بيان ڪري مسئلي کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪنداسين:

امام علي عليه السلام جن پنهنجي هڪ خطبي ۾ توحيد صفاتي کي بيان ڪندي، خدا جي توحيد ۾ اخلاص جي ڪمال کي ان مطلب ۾ سجهن ٿا تہ ان ذات کان هر صفت جي نفي ڪئي وڃي. فرمائن ٿا:

«وَ كَمَالُ تَوْحِيدِهِ الْإِخْلَاصُ لَهُ وَ كَمَالُ الْإِخْلَاصِ لَهُ نَفْيُ الصِّفَاتِ عَنْهُ لِشَهَادَةِ كُلِّ صِفَةٍ أَنَّهَا غَيْرُ الْمَوْصُوفِ وَ شَهَادَةِ كُلِّ مَوْصُوفٍ أَنَّهُ غَيْرُ الصِّفَة» [٢٠٠]

«سندس توحيد جو ڪمال، ان لاءِ اخلاص آهي ۽ اخلاص جو ڪمال ان کان صفتن جي نفي ڪرڻ آهي، ڇاڪاڻ تہ هر صفت گواهي ڏي ٿي تہ اها موصوف جو غير آهي ۽ هر موصوف گواهي ڏي ٿو تہ هو صفت جو غير آهي»

مولا عليه السلام جن مذڪوره جملي ۾ الله کان هر صفت جي نفي جي بيان ۾ جيڪا علت بيان فرمائي آهي تنهن ۾ فرمائن ٿا:

«فَمَنْ وَصَفَ اللَّهَ سُبْحَانَهُ فَقَدْ قَرَنَهُ وَ مَنْ قَرَنَهُ فَقَدْ ثَنَّاهُ وَ مَنْ ثَنَّاهُ فَقَدْ جَزَّأَهُ وَ مَنْ جَزَّأَهُ فَقَدْ جَهِلَهُ ٧٣ وَ مَنْ جَهِلَه» [٢٠١]

«جيڪو بہ الله تعاليٰ جي وصف ڪندو تنهن ان ذات کي سندس صفت سان رکيو، ۽ جنهن ان ذات کي سندس صفت سان رکيو، ان خدا کي (واحد نہ بلڪ) بہ ٺاهيو، ۽ جنهن ان کي بہ ٺاهيو ان کيس جز جز ڪيو ۽ جنهن کيس جز جز ڪيو ان کيس نہ سڃاتو...»

ان بيان ۾ امام عليه السلام جن ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪن ٿا تہ هر صفت بيان ڪندڙ آهي تہ اها موصوف جو غير آهي؛ يعني موصوف ۽ صفت جي درميان جدائي ۽ ڪثرت آهي، صفت جو مطلب اهو آهي تہ اها هڪ الڳ شيءِ آهي ۽ موصوف هڪ جدا ذات آهي، تنهنڪري الله جي وصف ڪرڻ حقيقت ۾ ان جي ذات ۾ ڪثرت ۽ محدوديت جو قائل ٿيڻ آهي ۽ ان سان انسان الله جي شناخت پيدا نہ ڪري سگهندو.

اهڙي ئي ريت هڪ حديث ۾ امام رضا عليه السلام جن پڻ توحيد جي حقيقت کي الله کان هر صفت جي نفي ۽ انڪار ڪرڻ ۾ بيان ڪن ٿا:

«نظام توحيد الله نفي الصفات» [٢٠٢]

«خدا جي وحدانيت جو نظام ان کان صفات جي انڪار ڪرڻ آهي»

۽ هڪ ٻي حديث ۾ پڻ امام عليه السلام توحيد جي ڪمال کي صفات جي نفي ۾ سمجهن ٿا، فرمائن ٿا:

---

[٢٠٠]. نهج البلاغہ، خطبو ١.
[٢٠١]. نهج البلاغہ، خطبو ١.
[٢٠٢]. توحيد، باب ٢، حديث ٢، ص ٣٦.

«كمال التوحيد نفي الصفات عنہ» [٢٠٣]

«توحيد جو ڪمال ۽ حقيقت الله کان صفات جي نفي ۽ انڪار ڪرڻ آهي»

مذڪوره روايتن جي تحليل ۽ ڇنڊڇاڻ:

ڇا اهي روايتون حقيقت ۾ الله تعالىٰ کان هر صفت جي نفي ڪن ٿيون يا اهڙين صفتن جي نفي ۽ انڪار مقصود آهي جيڪي خدا جي ذات کان جدا تصور ڪجن، نہ اهي صفتون جيڪي عين ذات خدا آهن؟ ان بابت ڪجھ نڪات ۾ هنن روايتن جو مقصود واضح ڪنداسين:

**1. مخالف نظرين جي رد ۾**

ائمہ جي زماني ۾ ان نظريي کي رواج پئي ڏنو ويو تہ الله جون هي صفات جيڪي سندس ڪمال ڏانهن اشارو ڪندڙ آهن، سي ان جي ذات کان جدا آهن؛ يعني اهي صفات، الله تعالىٰ جون عين ذات ناهن ۽ پڻ ان نظريي سان اهو نظريو بہ بعض وٽ رائج هو تہ الله پنهنجي ذات ۾ اهڙيون صفتون نٿو رکي پر ان جا ڪم ۽ ان جو هر فعل هڪ عالم، قادر شخص جي فعل جيان عالمانہ آهي، ان ٻن غلط نظرين (جنهن جي تفصيل بيان ڪئي ويندي) جي مقابلي ۾ ائمہ معصومين﷈ هڪ تہ صفات کي عين ذات ڄاڻايو آهي جنهن جو ذڪر روايات جي روشنيءَ ۾ گذري ويو، ان اعتبار سان، جڏهن ڪجھ روايتن ۾ الله لاءِ صفات جو ذڪر ٿيو آهي ۽ اهو بہ ذڪر ٿيو آهي تہ اهي صفتون سندس عين ذات آهن تہ پوءِ جيڪڏهن ڪجھ روايتن ۾ صفات جي نفي ڪئي وئي آهي تہ ان جو هرگز اهو مطلب ناهي تہ الله سائين ڪابہ صفت نہ ٿو رکي، بلڪ اهو انڪار ۽ نفي بہ حقيقت ۾ ان ٻن غلط نظرين جي نسبت سان آهي تہ جيڪي چون پيا: الله اهڙيون صفات رکي ٿو پر اهي صفات ان جي ذات کان جدا آهن، انهن جي مقابلي ۾ امام هن قسم جي روايتن ۾ اهڙين صفتن جي نفي ۽ انڪار ڪن ٿا جن کي الله جي ذات کان جدا سمجهيو وڃي.[٢٠٤]

**2. الله جي ذات کان زائد ۽ جدا صفات جي نفي جو مقصود هجڻ**

ان کان علاوه، الله تعالىٰ جي ذات کان هر صفت جي نفي ڪندڙ ڪن روايتن ۾ ان نفي ۽ انڪار جي علت بہ موجود آهي جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ منجهائن مقصود اهڙين صفتن جي نفي ڪرڻ آهي جيڪي الله جي ذات کان جدا هجن، جيئن تہ امام علي﵇ جن کان جيڪا روايت بيان ٿي جنهن ۾ فرمايائون تہ «۽ اخلاص جو ڪمال ان کان صفتن جي نفي ڪرڻ آهي» ۽ امام﵇ جيڪا ان نفي ۽ انڪار جي علت بيان ڪئي تنهن ۾ فرمايائون: «جيڪو بہ الله تعالىٰ جي وصف ڪندو تنهن ان ذات کي سندس صفت سان رکيو، ۽ جنهن ان ذات کي سندس صفت سان رکيو، ان خدا کي (واحد نہ بلڪ) بہ ناهيو، ۽ جنهن ان کي بہ ناهيو ان ڪيس جز جز ڪيو ۽ جنهن ڪيس جز جز ڪيو ان ڪيس نہ سڃاتو...» ان مان اها ڳالهہ چڱي ريت واضح ٿي وڃي ٿي تہ صفت جي نفي مان سندن مراد اهي صفتون آهن جيڪي الله تعالىٰ جون عين ذات ناهن بلڪ سندس ذات کان جدا تصور ڪيو وڃن ٿيون،[٢٠٥] ڇاڪاڻ تہ اهي ئي اهي صفتون آهن جيڪي موصوف جو غير آهن ۽ ان سان وحدت نہ ٿيون

---

[٢٠٣]. التوحيد، باب٢، ح ١٤، ص ٥٦_٥٧.
[٢٠٤]. قراملڪي، محمد حسن قدردان، خدا در حکمت و شريعت، ص ٣٥١
[٢٠٥]. مجموعہ آثار استاد شهيد مطهرى، ج٢، ص: ١٠٢

رکن بلڪ سندس ذات ۾ ڪثرت ۽ ترڪيب کي ايجاد ڪندڙ آهن ۽ توحيد ذاتي جي بيان ۾ ثابت ڪري آياسين تہ الله پنهنجي ذات ۾ اڪيلو آهي جنهن ۾ نہ ڪا ترڪيب آهي ۽ نہ ان جو ڪو مثل ۽ شبيهہ آهي.[206]

ٻيو: اشاعره جو نظريو:

اشاعره مذهب جو اهو نظريو آهي تہ: الله تعالىٰ جون صفات ان جي ذات کان جدا ۽ سندس ذات جيان قديم آهن.[207]

ان جو مطلب هي آهي تہ الله تعالىٰ جون صفات سندس وجود ۾ عين ذات ناهن بلڪ ڪمال کي ظاهر ڪندڙ اهي صفات سندس ذات کان جدا آهن، جهڙي طرح انسان علم جي صفت سان آراستہ ٿئي ٿو جو ان انسان جي ذات سندس صفت کان جدا آهي اهڙي ئي ريت الله تعالىٰ جون اهي صفتون سندس ذات کان جدا آهن فرق رڳو ان ڳالهہ ۾ آهي تہ انسان جڏهن علم جهڙي صفت سان آراستہ ٿئي ٿو تہ اها ان جي صفت قديم ناهي، پر الله جيئن پاڻ سندس ذات ۾ قديم آهي سو هنن جي نظر ۾ ان جون صفات پڻ قديم ۽ سندس ذات کان جدا آهن.
جيئن تہ ان باري ۾ اشعري چئي ٿو:

«الله تعالىٰ علم ذريعي عالم آهي، حيات ذريعي زندہ آهي، قدرت ذريعي قادر آهي، ارادي ذريعي مريد (ارادو ڪندڙ) آهي، ڪلام ذريعي ڳالهائيندڙ آهي، ٻڌڻ جي جي قوت سان ٻڌي ٿو ۽ ڏسڻ جي قوت سان ڏسي ٿو، قديم صفتن منجهان ان جون هي صفتون آهن.» [208]
تفتازاني پڻ الله تعالىٰ لاءِ انهن صفتن کي سندس ذات کان جدا سمجهندي چوي ٿو:

«ان جو صفتون سندس ذات مٿان عارض (يعني ذات کان جدا) آهن، هو عالم آهي ان لاءِ علم آهي، هو قادر آهي ان لاءِ قدرت آهي، زندہ آهي ان لاءِ حيات آهي، اهڙي طرح ٻيون صفتون...» [209]

*هن نظريي تي اشڪال:*

هن نظريي تي  پيش ايندڙ هڪ اهم اشڪال هن ريت آهي تہ:
جيڪڏهن صفات کي الله تعالىٰ جي ذات کان جدا ۽ قديم سمجهيو ويندو جيئن ان نظريي ۾ سمجهيو ويو آهي تہ ان جو لازمو اهو ٿيندو تہ هڪ کان وڌيڪ قديم ۽ ازلي وجود فرض ڪيا وڃن، جنهن جو نتيجو شرڪ آهي: ڇاڪاڻ تہ صفات کي قديم ۽ ازلي چوڻ جو مطلب اٺ شين کي قديم ۽ ازلي سمجهڻ آهي هڪ خدا ۽ باقي ان جون ست ذاتي ۽ ڪمالي صفتون. جڏهن تہ توحيد ذاتي جي باب ۾ اهو ثابت ٿيو تہ هڪ ئي واجب الوجود آهي ۽ فقط الله جي ذات ئي قديم ۽ ازلي آهي ۽ باقي سڀ مخلوق ۽ حادث ۽ بعد ۾ إيجاد ٿيندڙ آهن.[210]
۽ ٻيو اشڪال هي پيش ايندو تہ:

---

[206]. جن بزرگن ان روايات کي اهڙي طرح جمع ڪيو آهي انهن منجهان ڪجهہ هي آهن: ملا صدرا، اسفار، ج٦، ص ١٤٠_١٤١ ؛ ملا عبد الله زنوزي، لمعات الهيہ، ص ٢٥٤؛ علامہ طباطبائي، نهاية الحكمة، مرحلو: ٻارهون، فصل ٩؛ الميزان،ج٦، ص ٩٣. سعيدي مهر، ڪلام إسلامي، ص ٩٧.
[207]. اشعري، أبو الحسن، رسالة الي اهل الثغر، ص ٢١٠_٢١٢.
[208]. «انّ الله تعالىٰ عالم بعلم، حيّ بحياة، قادر بقدرة، مريد بإرادة، متكلم بكلام، سميع بسمع، بصير ببصر، و لہ هذہ الاوصاف من هذه الصفات القديمة...»
[209]. «صفاتہ زائدة علي الذات فهو عالم لہ علم، قادر لہ قدرة، حيّ لہ الحياة، الي غير ذلک...» تفتازاني سعد الدين، شرح المقاصد.
[210]. ملا صدرا، العرشيہ، ص١٦٠.

جڏهن الله تعالیٰ پنهنجي ذات ۾ ان صفات جو حامل ناهي ته پوءِ هو سندس ڪمالات جهڙوڪ: علم، قدرت وغيره ۾ پنهنجي ذات کان جدا هڪ ٻي شيءِ جو محتاج ٿي پوندو ۽ اهو مطلب ان لامحدود الله تعالیٰ جي ذات سان مطابقت نٿو رکي.

ٽيون: معتزله جو نظريو

معتزلي مذهب جا ڪجهه معتبر عالم، الله جي ذات ۾ اهڙين ڪمالي ۽ ثبوتي صفتن جو انڪار ڪندي نظر اچن ٿا. سندن نظر ۾ الله پنهنجي ذات ۾ انهن صفتن جو حامل ناهي،[٢١١] البته ان جا سڀ فعل ۽ ان جو هر ڪم ائين آهي جيئن اهو اهڙين صفتن واري کان صادر ٿيندو هجي، مثال جي طور تي الله تعالیٰ سندس ذات ۾ علم جهڙي صفت نٿو رکي پر ان جا ڪم ۽ ان جو هر فعل عالمانه آهي، اهڙي ئي طرح هو سندس ذات ۾ قدرت جهڙي صفت نٿو بلڪ ان جو فعل قدرت رکندڙ واري ذات وانگر آهي. ٻين لفظن ۾ ان جي ذات اهڙن صفتن جي جانشين آهي ۽ ان صفتن وارو ڪم انجام ڏئي ٿي.

هن نظريي مٿان اهم اشڪال هي آهي ته:

*هن نظريي تي اشڪال*

جيڪڏهن الله تعالیٰ جي ذات لاءِ صفات جو انڪار ڪري سندس ذات کي ان صفتن جو نائب ۽ جانشين ٻڌايوسين ۽ چيوسين ته ذات جيتوڻيڪ مثلا عالم ناهي پر سندس هر فعل عالمانه آهي ته ان جو لازمو اهو ٿيندو ته الله تعالیٰ سندس ذات جي لحاظ کان، ڪمالي ۽ ثبوتي صفتن کان خالي هجي، اهو ان جي واجب الوجود هجڻ سان ٺيڪ نٿو رکي.

چوٿون: ڪراميه جون نظريو

الله جون صفتون سندس ذات کان جدا ۽ حادث آهن: يعني الله ازل کان انهن صفتن جو حامل نه هو بلڪ اهڙين صفتن بعد ۾ سندس ذات ۾ وجود پاتو. مثال جي طور تي: هو اڳ ۾ عالم نه هو بعد ۾ عالم ٿيو.[٢١٢]

عقلي طور تي جيڪي توحيد صفاتي بابت دليل پيش ڪيا ويا تن مان هن نظريي جو ٿوڙ ۽ باطل هجڻ به چڱي ريت واضح ٿي وڃي ٿو

---

[٢١١]. شهرستاني، ملل و نحل، ج١، ص ٤٤.

[٢١٢]. هي نظريو ڪراميه فرقي سان تعلق رکي ٿو جيڪي ابوعبدالله محمد بن ڪرّم (وفات جي تاريخ ٢٥٥ ق.) جا پوئلڳ آهن، جن جي اهم عقيدن منجهان هڪ الله لاءِ جسم جو قائل ٿيڻ ۽ ان کي سندس مخلوقات سان شباهت ڏيڻ آهي.

## سوال:

**اسلام ۾ ڪهڙي خاصيت آهي جو ڪنهن به هڪ زماني يا هڪ خِطي سان مخصوص نه آهي بلڪه هميشه رهندو ۽ هر زماني ۾ ايندڙ ماڻهن جي لاءِ آهي؟**

**جواب:**

جواب کان اڳ هن ڳالهه ڏانهن ڌيان ڏيڻ لازمي آهي ته جيڪي به شريعتون يا دين نبين طرفان انسان ذات لاءِ آيا اَهي سڀ جا سڀ پنهنجي پنهنجي زماني ۽ وقت ۾ حق هئا پر نئين شريعت جي اچڻ سان ئي پهرين شريعت تي هلندڙن جي ذميواري آهي ته نئين آيل دين کي قبول ڪن.ٻين لفظن ۾ ڪجهه شريعتون اهڙيون هيون جن کي مقرر ئي ڪجهه عرصي لاءِ ڪيو ويو هو جئين ئي انهن جو وقت پورو ٿيندو هو ته الله جي طرفان نئين شريعت آندي ويندي هئي پوئين شريعت نسخ (ختم) ٿي ويندي هئي هاڻ ان مطابق پنهنجي زندگي کي هلائڻ خدا وٽ قابل قبول نه هوندو. انهي جي ڪري جيڪي به نبي آدم ع کان پوءِ آيا اهي اڳين شريعتن يا ڪنهن شريعت تي هلڻ وارن کي پنهنجي دين ۽ شريعت جي دعوت ڏيندا هئا.

ان کان علاوه اسان جو عقيدو آهي ته آخري دين، اسلام آهي ۽ آخري نبي حضرت محمد مصطفي ص آهن جنهن جي اچڻ سان اڳيون هڙ شريعتون ختم ٿي ويو لهذا انهن تي عمل ڪرڻ به صحيح نه هوندو. هنن ڪجهه ڳالهين کي جيڪڏهن صحيح نموني سان ڏٺو وڃي ته معلوم ٿيندو دين اسلام ڪنهن هڪ زماني يا ڪنهن هڪ خطي سان مخصوص نه آهي.

البت دينِ اسلام جي بلندي ۽ فضيلت جو سبب خود ان ۾ موجود خاصيتون آهن جيڪي پاٽيون ٿيون وجن.يقين سان چئي سگهجي ٿو ته ڪير به هجي ڪٿان جو به هجي جيڪڏهن اک تي ساڙ_دشنمي ۽ نفرت جي عينڪ نه پاتل هجيس ته انکي اسلام جي حڪمن،بلند ڳالهين ۽ تعليمات جي خبر پئجي ويندي ۽ اسلام جي مُک صفتون هي آهن جن جي ڪري ڏهاري قيامت تائين رهندو ۽ ڪنهن به زماني سان مخصوص نه هوندو:

**اسلام جون مُک صفتون هي آهن:**

**1. اسلام جو عقل جي مطابق هجڻ:**

مسلمان عالمن[٢١٣] سڳورن جو نظريو آهي ته جيڪي به اسلامي اصول،۽ عقيدتي بنيادون آهن انهن سيني کي عقلِ سليم قبول ڪري ٿو ۽ عقلِ سليم ان عقل کي چئجو ٿو جيڪو نفساني خواهشن ۽ محسوسات جي قيد کان آجو هجي.اهو عقل توحيد کان نبوت ۽ قيامت تائين هڙني اصولن کي قبول ڪري ٿو.توحيد بابت اهڙا نوس ثبوت پاتا وجن ٿا جو هر انصاف پسند شخص انکي قبول ڪندو. ۽ پاڻ سڳورن ص جي نبوت تاريخ ۽ عقل جي ثبوتن سان هر سالم عقل رکندڙ ۽ تاريخ جي پنن کي پرهڻ واي لاءِ ثابت آهي. اسلام جو دائمي معجزو قرآن شريف آهي جيڪو مخالفن کي چيلنج ڪري ٿو. ته توهان هن قسم جو بلند،اونهائي رکندڙ ۽ غيب جي خبر ڏيندڙ قانون جهڙو ٻيو ڪو قانون پيش نه ٿا ڪري سگهو. لهذا چئي سگهجي ٿو تو اسلام جي بنيادي ۽ اعتقادي مسئلن ۾ ڪوبہ اهڙو عنصُر نه ٿو پاتو وڃي جيڪو عقل جي خلاف هجي.ها تي سگهي ٿو نفساني خواهشن ،ڪٽر قبيلي جي ريتن رسمن ۾ جڪڙيل عقل کي اسلام جي ابتدائي اصول سمجهه ۾ نه اچن ۽ اهو وري اصولن کي عقل کان بعيد سمجهڻ لڳي. اهڙي

---

[٢١٣] . جوادی آملی، عبدالله، شریعت در آینه معرفت، تهران، رجاء، ١٣٧٢، ص١٢٧_١٣٥.

ريت ڪافي ديني ڳالهين ۾ خاص طور تي فقهي ۽ قيامت جي جزئي مسئلن ۾ عقل سگهہ نہ ٿو رکي انهن کي سمجهن جي پر عقلِ سليم سمجهي ويندو تہ اسلامي ڪلي احڪام عقل جي ڪلي اصولن سان ٽڪراءُ نہ ٿا رکن.

**2. دينِ اسلام ۾ تحريف (هير ڦير) جو نہ هجڻ:**

اڳاٽي زماني جي انسان ۾ فڪري اعتبار سان ترقي نہ هئي نہ ئي وري ايتري سمجهہ هئي جنهن جي ڪري انهن وٽ آيل آسماني ڪتاب ۽ تعليمات جي حفاظت ڪرڻ جي سگهہ نہ ٿي هئي جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو آيو جو خدا جي موڪليل دين ۾ تحريف ٿي جهڙوڪ عيسائن جي ڪتابِ انجيل ۾ اهڙيون ڳالهيون آيل آهن جيڪي عقل سان بلڪل نہ ٺيون ٺهڪن، انهن مان تثليث (ٽن خدائن)جي ڳالهہ، عيسي ع جو امت جي گناهن مٿان قربان ٿيڻ، ۽ خدا جي جسم رکڻ وارو مسئلو وغيره ان تحريف ٿيل ڪتاب ۾ موجود آهن. يا وري آن ۾ لکيو اٿن تہ خدا هيٺ لهي ايندو آهي ۽ هڪ ڳالهہ هي بہ آهي تہ حضرت يعقوب ع سان مَلهہ ڪيٽندو آهي.

پر قرآن شريف جيڪو آسماني آخري ڪتاب آهي هھڙي قسم جون ڳالهيون بلڪل ان ۾ نہ ٿيون پاتيون وجن. ٻي ڳالهہ هي تہ قرآن اهڙي زماني ۾ نازل ٿيو جنهن ۾ انسانيت عقل جي ترقي جا ڪافي مرتبا طي ڪري چڪي هئي. ۽ ان ۾ ايتري سگهہ اچي وئي هئي جو علمي ۽ ديني ميراث جي حفاظت ڪري سگهي انهي ڪري آخري آسماني ڪتاب ۾ ڪنهن بہ قسم جي تحريف پيش نہ اچي سگهي ۽ نہ ئي اچي سگهندي،جوجو جيڪڏهن قرآن ڪريم تحريف ٿئي تہ پوءِ ٻيو نبي جيڪو ماڻهن کي سڌو رستو اچي ڪري ٻڌائي نہ ايندو جنهن جو نتيجو اهو ٿيندو جو ماڻهو گمراهہ ٿي ويندا ۽ ان گمراهي ۾ انهن جي ڪابہ ڪوتاهي نہ هوندي بلڪہ هي گمراهي انجي ڪري ٿي جو خدا قرآن جي حفاظت نہ ڪئي ۽ اها ڳالهہ جي ذات سان نہ ٿي نهي ڇاڪاڻ جو ان سان ڇڻ خدا پنهنجي مقصد کي پاڻ ٽوڙي ٿو ۽ اها ڳالهہ خدا جي حڪمت جي خلاف آهي.[214]

**3. دين اسلام جو دائمي هجڻ:**

اسلام قانون ۽ احڪام ناهڻ ۾ ڪجهہ اهڙن عنصرن جو خيال ڪيو آهي جيڪي اسلام جي باقي رهڻ ۽ شريعت جي تازگي جو سبب آهن ۽ اسلامي احڪام کي قانون جي صورت ۾ هميشهہ لاءِ قرار ڏيئي ڇڏيو اٿس.[215] مثال جي طور تي هڪ خاصيت جنهن کي شهيد مطهري اسلام جي هڪ بهترين صفت قرار ڏنو آهي ۽ دين ۾ انکي معجزو سمجهيو آهي اها هي آهي تہ اسلام ۾ انسان جي گُهرجن لاءِ ڪجهہ اهڙا حڪم ناهيا ويا آهن جيڪي ثابت آهن ۽ هر زماني ۾ قائم دائم رهندا وري ڪجهہ حُڪم اهڙا اٿس جيڪي زماني جي تبديل ٿيڻ سان ۽ انسان جي حالات جي تبديل ٿيڻ سان پڻ تبديل ٿيندا رهندا ۽ انسان جون ضرورتون بہ انهن ٻن صورتن کان خالي نہ آهن يا انجون ضرورتون هميشهہ ثابت ۽ دائمي آهن يا زماني يا جڳهہ جي تبديل ٿيڻ سان تبديل ٿينديون رهنديون پوءِ جيڪي انسان جون تبديل ٿيندڙ گهرجون آهن انهن جو جواب انهن ثابت گهرجن ۾ رکيو آهي ۽ انهن سيني ۾ انصاف ۽ عدل جي روش اختيار ڪري انسان جي روحاني ۽ جسماني گهرجن جو خيال رکي ڪري جواب مقرر ڪيو آهي تہ جئين انسان حقيقي سعادت ماڻي سگهي.

**4. دينِ اسلام جو پوري جهان لاءِ هجڻ:**

نبي پاڪ ص جي رسالت پوري جهان لاءِ هئي ڪنهن خاص قوم يا ملڪ سان مخصوص نہ هئي ۽ اها ڳالهہ دينِ اسلام جي ضروري ڳالهہ آهي جنهن کي ثابت ڪرڻ لاءِ لاءِ هي ڳالهہ آهي تہ قرآن هدايت ،پلائي

---

[214] . مصباح يزدی، محمدتقی، قرآن‌شناسی، قم، انتشارات مؤسسه آموزشی و پژوهشی امام(ره)، ۱۳۷۶، ج۱، ص۲۱۶.

[215] . مطهری، مرتضی، اسلام و مقتضيات زمان، تهران، صدرا، ۱۳۶۲، ص۱۳۰_۱۲۰.

وغيره ڏانهن عمومي سڏ ڏنو آهي.ان کان علاوه اسلامي احڪامن کي جڏهن اسان ڏسون ٿا معلوم ٿئي ٿو ته هي احڪام ڪنهن به قوم يا ٽولي سان مخصوص نه آهن.

نتيجو: بس ثابت ٿيو ته اسلام جي قيامت تائين بقاءَ انجي ڪري آهي جو هن ۾ اهڙو سسٽم الله سائين رکيو آهي جو انسان جون گُهرجون ڪيتريون به تبديل ٿين انهن سيني جو ڪُلي صورت ۾ جواب پنهنجي دائمي يا عارضي اصولن ۾ مقرر ڪري ڇڏيو آهي.ٻي ڳالهه هي ته ٻيا آسماني ڪتاب توڙي جو آسماني پر هيا ئي مقرر عرصي لاءِ پر اسلام ۽ قرآن جيڪو اسلامي ثابت ۽ دائمي منشور آهي اهو هميشه لاءِ مقرر ڪيو ويو.ٽين ڳالهه هي ته جڏهن ڏهاڙي قيامت تائين دينِ اسلام کي رکڻو هو ته لازمي آهي ته انجي حفاظت ۽ بقاءَ جو به ڏهاڙي قيامت تائين بندوبست ڪندو رهي.

بس اهڙو آئين ئي هوندو جنهن ۾ انسان جي دنياوي ۽ اخروي گُهرجون پاتيون وينديون.

## اندر کي اجارڻ رمضان المبارک جي روشني ۾

## پاڻ سنوارڻ مقام معظم رهبري جي نگاهه ۾

عاشق علي معصومي

رمضان مبارک صبر، مهر ۽ محبت، رحمت، اميد ۽ عظيم نعمت آهي. الله جي پرهيزگار بندن لاءِ عيد ۽ قرآن ڪريم لاءِ بهار آهي، هي مبارک مهينو دعائن جي قبوليت ۽ پاڻهن لاءِ آب حيات آهي، مناجات لاءِ مهڪندڙ باغ ۽ نيک بندن لاءِ خدا جي محبت سان سيراب ڪندڙ چشمو آهي، هي عظيم مهينو هوا ۽ هوس جي زنجيرن ۾ جڪڙيل قيدن لاءِ آزاديءَ جو پيغام آهي، عبد لاءِ پنهنجي معبود سان ملاقات جو ذريعو آهي ۽ هن روشن دنيا ۾ رهندڙ نامعلوم ۽ انڌيري واسين کي نور ۽ حق سان ملائڻ جو مهينو آهي، هن جون راتيون خدا جي نور سان روشن، برڪت، سعادت، ۽ ڪرامت سان پر آهن، هن بابرڪت مهيني ۾ اسين الله پاڪ جي خاص دسترخوان تي مهمان آهيون جيڪو اسان کي شهوات ۽ نفساني خواهشات کان محفوظ رکي ٿو، ۽ انهن نفساني خواهشات تي ڪنٽرول تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي روحاني ۽ جسماني طور تي الله جو مطيع بڻايون ۽ پنهنجو پاڻ کي الله جي رحمت ۽ نعمات جي لائق بڻايون.

### رمضان المبارک جنت الفردوس جو حصو

هي عظيم مهينو جنت جو هڪ حصو آهي، جنهن کي الله پاڪ هن دنيا ۾ ( جيڪا جهنم وانگر ساڙيندڙ ۽ شعلي دار اهي ) قرار ڏئي ڪري انهن ماڻهن لاءِ جيڪي خواهشات نفساني جي زندان ۾ قيدي آهن موقعو فراهم ڪيو آهي ته جيئن اهي آزاد ٿي ڪري هن جنت ۾ داخل ٿي سگهن. پوءِ ڪجهه ماڻهو فقط ٽيهه ڏينهن جنت ۾ داخل ٿين ٿا، ته ڪجهه وري انهن ٽيهن ڏينهن جي برڪت سان پوري زندگي ان جنت م سڪون حاصل ڪن ٿا ۽ ڪجهه وري اهڙا آهن جيڪي غفلت جي اهڙي ته ننڊ ۾ آرامي آهن جو سندن کي ان جنت جو اندازو ئي نٿو ٿئي گويا ڪ اهي مردن وانگر آهن ۽ اهي  شيطاني خيالن ۾ رهي ڪري پنهنجي حقيقي مالڪ ۽ خالق جي محبت کان محروم رهجي وڃن ٿا. هالانڪ اگر هي انسان ٿورڙو به فڪر ڪري ته هن انسان کي قادر پنهنجي قدرت سان ڪيترو نوازيو آهي ۽ هر قسم جون نعمتون عطا ڪيون آهن، پوءِ به انسان ناداني ۽ ڪم ظرفي جو مظاهرو ڪندي الله جي هن عظيم دسترخوان تي مهمان بڻجڻ کان غافل آهي، جو ته هي مهينو ( الله جي مهماني ) جو شرف بخشيندڙ آهي ۽ هن جون راتيون مقدرن کي سنواريندڙ آهن.[1]

### روزو، باهه کان ڍال

رسول اڪرمﷺ جن کان صحيح ۽ معتبر حديث نقل آهي ته:

«اَلصّومُ جنّة مِن النّار: روزو باهه کان ڍال آهي.»

ان ئي موضوع تي اهل سنت جي ڪتابن ۾ اهڙي قسم جي حديث مختلف الفاظن ۾ نقل ٿي آهي:

«اَلصّيامُ جَنّةَ العَبدُ المُومِن يوم القِيامَة كَما يقي أحدكم سلاحة فِي الدنيا: جهڙيءَ طرح اوهان دنيا ۾ هٿيارن ذريعي پنهنجو دفاع ڪريو ٿا اهڙيءَ طرح آخرت ۾ به روزي جي ذريعي اوهين جهنم جي باهه کان بچڻ لاءِ پنهنجو دفاع ڪندو.»

آخر روزي جي ڪهڙي خاصيت آهي جو روزي کي ( جَنّة مِنَ النّار) يعني جهنم جي باهه کان ڍال يا جهنم جي باهه کان دفاع جو هٿيار چيو ويو آهي؟ ان سوال جو جواب هن طرح آهي ته: روزو برائين ۽ بڇڙاين کان تحفظ آهي، نفس کي شيطان مردود جي غلامي کان روڪي ٿو، نفس کي هوا ۽ هوس کان بچائي ٿو، گناهن جي

---

[1]. رمضان مبارک جي پهرين تاريخ تي هدايات ٢٣_١١_١٣٧٢

مقابلي ۾روزو صبر جو مظهر آهي. جهڙيءَ طرح هن آيت ۾ روزي کي صبر سان تشبيهه ڏني وئي آهي ( وَاستَعِينُوا بِالصَّبرِ وَالصَّلواة ). جڏهن تہ روزي جو وقت ٿورو آهي يعني هڪ ڏينهن ۾ ڪجهہ گهڙيون يا هڪ سال ۾ ڪجهہ ڏينهن، مگر ان ٿورڙي وقت ۾ بي حساب برڪت ۽ انسان جي قردارکي ڪمال تائين پهچائڻ جي صلاحيت ڪينئن آهي..؟ جو تہ نفساني خواهشات ۽ انهن جي غلامي هڪ اهڙوصفر آهي جيڪوانسان کي گناهن جو قيدي بڻائي ڇڏي ٿو، ۽ ائين بہ نہ آهي تہ نفساني خواهشون ۽ گناهہ هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هجن بلڪ ڪافي انسان جون خواهشون حلال آهن پر نفس کي بي لغام ڇڏڻ جي ڪري خود انسان پنهنجي نفس جي هٿان اسير ٿيو ٿو وڃي..

جهڙيءَ طرح اميرالمومنين علي ابن ابي طالب﷣ جن نهج البلاغہ ۾ فرمائن ٿا: «حمل عليها اهلها»

.................................................................................................................

گناهہ الله پاڪ جي عذاب جو سبب بڻجن ٿا ۽ هن دنيا ۾ بہ گناهہ الله جي عذاب جي صورت آهن، جهڙيءَ طرح آيت ۾الله پاڪ جو فرمان آهي تہ «اِنَّ الذِينَ يَاكُلُونَ اَموالَ اليَتامي ظلما اِنَّما يَاكلُونَ فِي بطونِهم نارا» يعني اهي ماڻهو جيڪي يتيمن جو مال ڪائن ٿا ظاهري طور تي تہ هو پنهنجو پيٽ حرام سان پري رهيا آهن مگر باطن ۾ اگر ڏٺو وڃي تہ هو پنهنجو پيٽ جهنم جي باهہ سان پُر ڪري رهيا آهن، جيڪو حرام مال جي لذت کي شيرين محسوس ڪري هڙپ ڪري ٿو ان کي اها مناس ظاهري محسوس ٿئي ٿي مگر باطن ۾ هو پنهنجي پيٽ ۾ جهنم جي باهہ جو آڙاهہ بڻائي رهيو آهي، ۽ جڏهن هن جا شيطاني پردا کنيا ويندا تہ پوءِ هن ظاهري دنيا ۾ بہ ان کي خبر پئجي ويندي تہ آءٌ ڇا ڪري رهيو هوس. «هُنالک تبلو کل نفس ما اسلفت» ان ڏينهن اهي دنيائي سڀ لذتون عذاب ۽ دوزخ جي سزا بڻجي وينديون، اُهو اهڙو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن حقيقتون ظاهر ٿينديون. «هُنالک تبلو کل نفس ما اسلفت» ۽ جيڪو ڪجهہ انسان هن دنيا ۾ انجام ڏنو آهي حقائق، باطن، ۽ انهن جا ملڪات ان ڏينهن ظاهر ٿي ويندا. اسان جو روح، ملڪات ۽ اسان جي وجود جون تمام حقيقتون ان ڏينهن پنهنجو پاڻ کي ظاهر ڪنديون. مولوي ( مولانا روم) فرمائي ٿو:

.................................................................................................................

وحشي حيوانن جا اهي هٽ جن حضرت يوسف کي تڪليفون ڏنيون ۽ اهي انسان جيڪي مظلوم انسانن کي پنهنجي پيرن هينان چيپاٽين ٿا انهن جو ظاهر تہ انسانن وانگر آهي مگر باطن ۾ اهي بگهيڙ آهن، بس اهي انسان ناهن. اهو باطن ان ڏينهن پنهنجي حقيقت کي ظاهر ڪندو، اسين هرگز قيامت کي نہ وساريون: قيامت هڪ قطعي حقيقت آهي. اسين هميشہ قيامت کي ياد رکون ۽ قيامت کان خوف ڪريون [1]

## رمضان المبارڪ، الله جي مهماني جو مهينو

رمضان المبارڪ جيڪو الله جو بابرڪت مهينو آهي الله جي طرفان بندن لاءِ هڪ عظيم نعمت آهي ۽ پنهنجي رب کي راضي ڪرڻ لاءِ هڪ قيمتي فرصت آهي، هيءَ فرصت اسان کي ان ڪري عطا ڪئي وئي آهي تہ جيئن اسين هن فرصت جي ذريعي الله پاڪ جا مهمان ٿي سگهون ۽ پوري سال ۾ هن فرصت جي مثل ڪابہ گهڙي نہ آهي... اسين پوري سال جي طولاني مسافرت ۾ نفساني خواهشات، گناهن سان پريل ماحول، ۽ گمراهيءَ جي پيچرن ( جيڪي اسان پاڻ درست ڪيا آهن )انهن تان گذر ڪندا آهيون، ڪڏهن ڪڏهن انسان دعا گهرڻ لاءِ آمادا ٿئي ٿو، ۽ ڪڏهن وري الله جو قرب حاصل ڪرڻ لاءِ روئڻ ٿو چاهي، مگر اهو سڀ ڪجهہ نٿو ڪري سگهي چو تہ راهہ مشڪل آهي، پنهنجي گناهن ۽ نافرمانين ۾ قيدي ٿي وڃون ٿا ۽ اهڙي طرح جڪڙجي ٿا وڃون جو آزاد ٿيڻ لاءِ راهہ ئي نظر نٿي اچي... مگر رمضان الله جي دسترخوان جو اهڙو لقمو آهي جنهن جي ذريعي مسافر مشڪلاتن جي باوجود بہ پنهنجي منزل ماڻي ٿو...پنهنجي خالق سان ملاقات واري مشڪل راهہ ۾ مجبور آهيون ڪڏهن پاڻيءَ مان گذر ڪريون ٿا ، ڪڏهن پيدل گذر ڪريون ٿا، ۽ ڪڏهن ڪڏهن تہ تمام

---

[1]. نظام جي مسئولين سان ملاقات دوران بيانات ٠٦_٠٨_١٣٨٣.

دشوار راهن مان گذر ڪرڻو تو پوي ۽ هڪ ڏينهن اهڙو ايندو جو اسين ايئر پورٽ تي پهچندو جتي اوهان کي پرواز ڪرائڻ لاءِ پهريان ئي جهاز تيار هوندو جيڪو ان طولاني سفر ۾ بغير ڪنهن تڪليف ۽ درد جي اوهان کي پنهنجي هدف تائين پهچائيندو، رمضان مبارڪ جي ابتدا اِن ايئر پورٽ تي پهچڻ آهي.[1]

## تقوا (پرهيزگاري) رمضان مبارڪ جي ڪيتي

پرهيزگاري رمضان مبارڪ جي ڪيتي ۽ اناج آهي: پاڻ کي آمادا ڪرڻ، پنهنجي حقيقت کي سمجهڻ، پنهنجي لاءِ تقوا ۽ پرهيزگاريءَ کي فراهم ڪرڻ هن عظيم مهيني جي برڪتن ۽ رحمتن جا مثال آهن: «لَعَلَّکم تتَّقون» رمضان مبارڪ اسان ۾تقوا پيدا ڪرڻ جو ذريعو آهي. ۽ اها تقوا خود بلند مقام حاصل ڪرڻ جو وسيلو آهي. ۽ تقوا هڪ اهڙي سواري آهي جيڪا اسان کي بلند مقام ۽ اعليٰ منزل تائين پهچائي ٿي.

«واتَّقُوالله لَعَلَّکُم تُفلِحُون»،[2] «فَاتَّقُواالله لَعَلَّکُم تُرحمُون»،[3] «وَاتَّقُوالله وَ يُعَلِّمُکُمُ الله»[4] تقوا جي ذريعي انسان کي علم، هدايت ۽ الله جي رحمت حاصل ٿيندي آهي ۽انسان لاءِ هر شيءِ کان افضل هن دنيا ۽ آخرت ۾ ڪاميابي آهي ۽ ڪاميابي کي حاصل ڪرڻ جو اهم ذريعو تقوا آهي.

منهنجا عزيز پيارو! هي تقوا جو خزانو جيڪو هن مبارڪ مهيني ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿو اگر اسين ذخيرو ڪريون ۽ هن عظيم مهيني ۾ الله ڪريم جي زيارت ۽ رحمت جي دسترخوان تان اگر فيض حاصل ڪريون ته لازم آهي ان کي پاڻ وٽ پوري زندگيءَ لاءِ محفوظ ڪريون، چوته اهو خزانو بي بها ۽ بي حد مفيد آهي. ان هاريءَ وانگر جيڪو ڪافي زحمتن ڪانپوءِ، پوک پچائي ڪري تيلو تيلو جدا جدا ڪري لٽي ٿو ته جيئن هڪ داڻو به ضايع نه ٿئي، ان ڪانپوءِ حاصل ٿيل اناج حفاظت سان رکي ٿو ته جيئن پورو سال ان مان استفادو ڪري ، اهڙيءَ طرح اسان جو خزانو ( تقوا ) اسان لاءِ پوري سال جو آهي، ۽ پورو سال شيطاني وسوسا، بغض ۽ ساڙ، شهوات، نفساني خواهشون ۽ گناه: اهي سڀ شيون هن عظيم خزاني ( تقوا ) لاءِ آفتون آهن اوهان هن قيمتي ذخيري کي ان خطرناڪ دشمنن کان محفوظ رکوءِ ان خزاني جي مقابلي ۾ اچڻ واري هرمصيبت جو مقابلو ڪري هڪ مضبوط ڍال بڻجي دفاع ڪريو.[5]

## رمضان مبارڪ. رحمت ۽ مغفرت جا دروازا کلڻ جو مهينو

هي مهينو الله پاڪ جي عظيم دربار ۾ مهمانيءَ جو مهينو آهي، ۽ الله ڪريم جي طرفان پنهنجي بندن لاءِ جيڪا خدمت آهي سا معنوي خدمت آهي، يعني الله پنهنجي رحمت ۽ مغفرت جا دروازا پنهنجن بانهن لاءِ کولي ڇڏي ٿو ۽ جيڪي الله جا نيڪ ۽ صالح بندا هن بابرڪت مهيني ۾ عبادت ڪن ٿا ته الله پاڪ انهن جي اجر ۽ ثواب کي دوبرابر ڪري عطا ڪري ٿو، هن مهيني ۾ خود روزو الله جي مهماني سان گڏوگڏ روح کي پاڪ ڪرڻ جو بنياد ۽ روزيدار لاءِ دل جي پاڪائي جو زمينو فراهم ڪري ٿو. امام زين العابدينؑ جن فرمائن ٿا:

«شَهرُ الطَّهُورُ وَ شَهرُ التَّمحِيص» رمضان پاڪ ٿيڻ، دل جي پاڪائي ۽ ۽ مغفرت جو مهينو آهي: چو ته خداوند متعال استغفار کي هن مهيني ۾ بين مهينن کان وڌيڪ قبوليت جو درجو عطا ڪيو آهي، هڪ روايت ۾ ذڪر ٿيو آهي ته: «فَمَن لَم يَغفِر لَہ في رَمضان فَفِي ايّ شَهر يَغفِر لَہ: اگر ڪو رمضان مهيني جنهن ۾ ( الله جي رحمت ۽ مغفرت جا دروازا بندن لاءِ کلي وجن ٿا ) الله جي رحمت ۽ مغفرت حاصل نه ڪري سگهي، ته پوءِ ڪڏهن ۽ ڪهڙي طره الله کان توفيق حاصل ڪندو»[6]

---

[1]. عيدالفطر جي نماز جي خطبات ۾ بيانات ٢٤_٠٨_١٣٨٣
[2]. سورت بقره : ( آيت : ١٨٩ جو آخري حصو ).
[3]. سورت انعام : آيت : ١٥٥.
[4]. سورت بقره : ( آيت : ٢٨٢ جو آخري حصو ).
[5]. عيدالفطر جي موقعي تي خطاب : ٢٤_٠٨_١٣٨٣.
[6]. تهران، جمعة المبارڪ جي نماز ۾ خطاب : ٢٩_٠٧_١٣٨٤.

## خود سازي، رمضان مبارڪ جو سڀ کان عظيم درس

رمضان مهيني جو سب کان عظيم درس خود سازي آهي ۽ خود سازي جو سڀ کان پهريون ۽ مهم يا ڏاکو اهو آهي تہ انسان پنهنجي اخلاق ۽ ڪردار تي نظرڪري، پنهنجي عيبن ۽ بدڪارين کي روشن نگاھ ۽ گهَري ديد سان ڏسي ۽ انهن کي ختم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري، اهو سڀ ڪجھ اسان جو فرض ۽ مهم ذميداري آهي.[1]

رمضان مهيني کي ڪهڙي سبب جي ڪري تقوا لاءِ عميق فرصت چيو وڃي ٿو..؟ ڇو تہ رمضان مهينو نفس کي روڪڻ جو مهينو آهي، گهٽ ۾گهٽ کائڻ، پيئڻ ۽ جسماني لذتن کان دور ڪرڻ جو ذريعو آهي، مگر زياده تر گناهن ۽ اخلاقي خطائن کان رڪاوٽ ذريعو آهي؛ اهو ٻو روزي جي معنائن ۽ وظآئف منجهان آهي. اگر روزو رکون، تہ روزي جي ذريعي جيڪي گناهن ۽ خراب ڪارين کان حفاظت لاءِ رڪاوٽون اچن ٿيون اسان کي پنهنجي حقيقي پالڻهار جي قريب ڪن ٿيون، ڇو تہ اگر پنهنجي حفاظت ڪنداسين تہ الله واري راھ ( صراط مستقيم ) تي هلڻ ۾ خطا ڪونہ ڪنداسين، گناهن کان دوري درس سان گڏوگڏ پنهنجي تحفظ لاءِ مظبوط هٿيار بہ آهي؛ يعني خطا نہ ڪرڻ آهي ۽ هن عظيم مهيني ۾ اسانجي اها اهم ذميداري آهي.

الله ربُّ العزّت هن مبارڪ مهيني ۾ پنهنجي برڪتن ۽ رحمتن کي نيڪ ٻانهن جي تقدير ۾ رکيو آهي، روايتن ۾ نقل ڪيو ويو آهي تہ: آسمانن جا دروازا هن مبارڪ مهيني ۾ ڪليل هوندا آهن، يعني انسان جو پنهنجي پالڻهار سان معنوي ۽ دلي رابطو وڌيڪ آسان ۽ گهَرو ٿي وڃي ٿو. روايتن ۾ آهي تہ هن مهيني ۾ جنَّت جا دروازا ڪليل رهن ٿا، يعني روزي جي برڪت سان روزيدار کي نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ الله کي راضي ڪرڻ جي فرصت مهيا ٿئي ٿي، مگر فرصت فقط اها نہ آهي تہ انسان پنهنجي هدف لاءِ انهن مخصوص ڏينهن ۾ ڪوشش ۽ تلاش ڪري پر ان جو مطلب اهو آهي تہ انسان ان فرصت مان ان حد تائين استفادو ڪري جو پوري زندگي پنهنجي هدف تائين پهچڻ ۽ پالڻهار سان ملاقات جو مشتاق رهي.[2]

## اگر ڪامل تياري سان هن مهيني ۾ حاضر ٿيون

اسان لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي حفاظت ڪريون، رمضان مبارڪ کان پهريان ٻارهن مهينن ۾ پنهنجو پاڻ کي معنوي ۽ دلي طور تي آماده ڪريون، اگر اسين ڪامل آمادگيءَ سان رمضان مبارڪ ۾ وارد ٿياسين، الله ڪريم جي مهماني مان اسين زياده بهرو وٺي سگهنداسين، ۽ ايندڙ سال لاءِ هڪ درجو، هڪ منزل، هڪ سطح ترقي ۾ قدم رکنداسين.ان وقت پنهنجي نفس، پنهنجي قلب، ۽ پنهنجي زندگي جي هر قدم تي محسوس ٿيندو تہ اسانجو صفر حقيقي مالڪ ڏانهن ئي آهي.

تربيت جو بنياد ۽ اسلام ۾ زندگيءَ جا سڀ برنامہ بہ انهن مواردن جي تابع آهن، جيڪڏهن هر هڪ پنهنجو پاڻ کي نصيحت ڪري، پنهنجي پاڻ حفاظت ڪري، پنهنجي خطا جو پاڻ محافظ ٿئي، پنهنجو پاڻ کي نيڪيءَ جي هدايت ۽ برائيءَ کان روڪي، ۽ پنهنجو پاڻ کي ( نيڪيءَ جي هدايت ۽ برائيءَ کان روڪ ) مقدم آهي ان کان تہ ڪير ٻيو اچي نصيحت ڪري. اصل ۾ اهائي تہ تقوا آهي جنهن جي انسان کان طلب ڪئي وئي آهي، تقوا جي حفاظت ڪريون ۽ هڪ ٻئي کي نصيحت ڪريون. آءٌ بہ اوهان ڀائرن ۽ ڀينرن کي نصيحت پيو ڪريان تہ : الله جي پرهيزگاري کي هرگز نہ وساريو، رمضان مبارڪ جو عظيم تحفو ۽ خزانو الله جي عبادت ۽ پرهيزگاري آهي، جيڪو ڪجھ اوهان حاصل ڪيو ان جي حفاظت ڪريو ۽ ايندڙ سال حتيٰ زندگيءَ جي آخري ساھ تائين ان ۾ واڌارو آڻيندا رهو.[3]

## رمضان مبارڪ، معنوي حيات لاءِ توانائي ۽ مادي حيات لاءِ خوشي

---

[1]. عيدالفطر جي موقعي تي خطاب : ٢٥_٠٩_١٣٨٠.

[2]. جمهوري اسلامي ايران جي حڪومتي نمائندن سان ملاقات دوران خطاب : ٢٠_٠٨_١٣٨١.

[3]. نمازِ عيدالفطر جي موقعي تي خطاب : ٠١_١٢_١٣٧٤

رمضان مبارڪ جي برڪت سان، مسلمانن لاءِ فرصت پيدا ٿئي ٿي جنهن ذريعي معنوي حيات لاءِ توانائي ۽ مادي حيات لاءِ خوشحالي حصل ٿئي ٿي رمضان مبارڪ جي درسن مان هڪ درس دعا ۽ قرآن ڪريم جي زياده تلاوت ڪرڻ آهي، بک ۽ پياس جي شدت کي محسوس ڪندي، پياسن جي
پياس، بکايلن جي بک ۽ غريبن ۽ فقيرن جو خيال ڪريون، رمضان مبارڪ جي دعائن ۾ هي چئون:
«اَللّٰهُمَّ اغنِ كُلّ فَقِيرٍ، اللّٰهُمَّ اشبع كُلّ جائعٍ، اَللّٰهُمَّ اكسِ كُلّ عُريان»
هيءَ دعا فقط پڑهڻ لاءِ نہ آهي بلڪ ان لاءِ آهي تہ اسين پنهنجو پاڻ کي غربت ۽ فَقر سان مقابلي ڪرڻ لاءِ آماده ڪريون ۽ ضرورتمندن جي چهرن تان فقر واري غبار کي هٽايون، ۽ اها نفس سان جنگ گر هڪ جو اهم وظيفو آهي. قرآن ڪريم ۾ اسين پڙهندا آهيون تہ:
«اَ رَاَيتَ الَّذي يُكَذّبُ باالدّين فَذالِک الَّذي يَدعّ اليَتيم. وَلا يَحضّ عَليٰ طعامِ المِسكِين»
دين جي نافرمانين مان هڪ نافرماني اها بہ آهي تہ انسان غريبن جي غربت ، فَقيرن جي فقر تي ڪو بہ توجہ نہ ڪري يعني هو پاڻ کي بلڪل ان جو ذميدار ئي نہ سمجهي تہ مون تي بہ ان فقيرن جي فَقر کي ختم ڪرڻ جي ذميداري آهي. هن بابرڪت مهيني ۾ روزي جي پر برڪت سان بک جي شدت، پياس جي پياسَ ۽ نفس جي چاهت جون شيون نہ پهچڻ جو تجربو ڪيوسين بک ۽ پياس جي شدت جو ذائقو بہ چکيوسين. هنن سختين کان پوءِ اسان کي خوب اندازو لڳائڻ گهرجي تہ هنن بي يارومددگا غريبن ۽ فقيرن کي اسان جي مدد جي ڪيتري سخت ضرورت آهي جنهن جي ذميداري اسان تي الله پاڪ جي طرفان پهريان کان ئي مقرر ٿيل آهي[1].
رمضان مبارڪ اهڙو مهينو آهي جنهن ۾ فڪر ۽ تدبُّر ڪرڻ سان انسان پنهنجي ڪيل گناهن جو ڀرپور جبران ڪري سگهي ٿو. «دعاء ابو حمزه» ۾ انسان جي ضمير کي جهنجهوڙڻ لاءِ ڪجهہ الفاظ اهڙا ذڪر ڪيا ويا آهن جن جي پڙهڻ کان پوءِ انسان پنهنجي حقيقي مالڪ سان ملاقات جو مشتاق ٿي وڃي ٿو:
«وَاَعلَم اَنّکَ لِلرَّاجي بِموضِعِ اِجابَة و لِلمَلهُوفِين بِمَرصدِ اغاثة وَ اِنَّ في اللهف اليٰ جودک والرِّضا بِقضائکَ عوضا من مَنعِ البَاخِلينَ و مندُوحَة عمّا في ايدي المُستَاثِرينَ و اِنَّ الرَّاحلَ اليک قَريب المسافةِ وَ اِنّکَ لا تَحتَجَب عن خلقِک الا اَن تحبَجَهم الاعمال دونک»
التجاع ڪرڻ وارو انسان ۽ الله جي حمد ۽ ثناء ڪرڻ وارو۽انهو فرمائي ٿو: «اي منهنجا خدا! آءٌ ٻين کان وڌيڪ تو تي اميد رکڻ کي ترجيح ڏيان ٿو، ٻين کان مدد گهرڻ جي بجاءِ توکان مدد گهرڻ کي وڌيڪ ٿو سمجهان ۽ آءٌ ڄاڻان ٿو تہ اگر ڪو بہ تنهنجي طرف اچي، ان لاءِ راه قريب آهي....»
جتي بہ آهيو، جيڪي بہ آهيو، جهڙي لباس ۾ آهيو، جهڙي عمر ۾ آهيو، اي جوانو! اي جوان مرد توڙي عورت! اي اڌ وهي وارا مرد ۽ عورت! اي ضعيف مرد توڙي عورت! اي فقراء! اي دولتمندو! اي علماء! اي پڙهيل توڙي اڻ پڙهيل! جيڪِي بہ آهيو اگر خداوند ڪريم جي ضرورت محسوس ڪريو ٿا! ۽ يقينن هر صحيح ۽ سالم انسان کي اهو فڪر ۽ احساس آهي....!
ياد رکو تہ خدا نزديڪ آهي، هڪ لهزو اوهان پنهنجي دلين کي خداوند ڪريم جي طرف متوجہ ڪريو، اگر جواب ٻڌڻ چاهيو ٿا تہ ٻڌو: اهو ممڪن ئي نہ آهي تہ ڪو بہ الله جي بابرڪت ذات سان دلي ۽ معنوي ڪلام ڪري ۽ الله ان جو جواب نہ ڏئي، خدا اسان کي جواب ڏئي ٿو، ڪڏهن ڪڏهن اوهان ڏسو ٿا تہ اچانڪ دل جو رخ الله جي طرف ڪشش ڪائي ٿو، اهوئي تہ الله جو جواب آهي، ڪڏهن ڪڏهن اوهان ڏسو ٿا تہ اوهان جي اکين مان اچانڪ لڙڪ جاري ٿي پون ٿا، اوهان جو روح خوشيءَ منجهان الله جي طرف سفر ڪرڻ شروع ڪري ٿو، جڏهن ڏسو اوهان جو پورو وجود سر کان پيرن تائين الله سان ملاقات لاءِ تڙپي رهيو آهي، سمجهي وجو تہ اهو رحمٰن جو جواب آهي[2].

---

[1]. نمازِعيدالفطر جي موقعي تي خطاب : ١٥_٠٩_١٣٨٣.
[2]. رمضان مبارڪ جي ٽين جمعي مبارڪ جي نماز ۾ خطاب : ١٤١٥هہ_ ١٤_١١_١٣٧٣

## حضرت زهرا عليها السلام جي سيرت جي روشني ۾ڪامياب زندگي جا سونهري اصول

تحرير: غلام قاسم تسنيمي

پاڪ پالڻهار پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان هن ڪائنات کي جوڙيو آهي، زمين جو فرش وڇايو ۽ آسمان جو شاميانو لڳايو آهي. پنهنجي مڙني مخلوقات مان انسان کي برتري عطا فرمائي آهي ۽ ڌرتيءَ تي ڪيس پنهنجو نمائندو مقرر ڪيو آهي. سندس مادي ۽ معنوي گهرجن جو مڪمل بندوبست ڪيو آهي ۽ ڪيس ظاهري ۽ باطني نعمتن سان سرفراز ڪيو آهي. ظاهر آهي ته رب پاڪ جون عظيم نعمتون، اهي معنوي نعمتون ئي آهن، جيڪي ٻاجهاري ڌڻي مومنن کي عطا ڪيون آهن، نه ته دنيوي ۽ مادي نعمتن ۾ ته پنهنجي اقراري ۽ انڪاري ۾ ڪو فرق نه رکيو آهي.

انهن عظيم معنوي نعمتن مان به دين هڪ نهايت عظيم نعمت آهي، جنهن ۾ رب پاڪ ڪامياب زندگي گذارڻ جا سڀ سونهري اصول ۽ انسان جي ضرورتن کي پوراءُ ڪرڻ جا طور طريقا نهايت دلڪش ۽ پيلي انداز سان بيان ڪيا آهن. البت آسماني دينن کي اها به هڪ فضيلت حاصل آهي ته انهن وٽ نه رڳو ڪتابي طور تي رب جو قانون موجود آهي، بلڪ وٽن الله سائين جا موڪليل اهي معصوم نبيءَ يا امام به آهن، جن ان قانون تي سهڻي نموني عمل ڪري ڏيکاريو.

پر چو جو دين هڪ فطري ضرورت آهي، جنهن جا ٻڌايل تمام قانون فطرت ۽ عقل جي مطابق آهن، ان حوالي سان پاڪ پالڻهار مرد ۽ عورت ۾ ڪو فرق نه رکيو آهي، ۽ جتي مردن مان چوند انسانن کي نبيءُ يا امام بڻائي موڪليو آهي، اتي عورتن لاءِ به ڪيترين ئي چوند ۽ مجيل هستين کي ٻين عام عورتن بلڪ مردن لاءِ به آئيڊيل ۽ بهترين نمونو بڻايو آهي. جيئن ته حضرت آسيا عليها السلام جي لاءِ ارشاد ٿئي ٿو ته:

﴿وَضَرَبَ اللَّهُ مَثَلاً لِلَّذِينَ آمَنُوا امْرَأَتَ فِرْعَوْنَ إِذْ قَالَتْ رَبِّ ابْنِ لِي عِنْدَكَ بَيْتاً فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِي مِنْ فِرْعَوْنَ وَعَمَلِهِ وَنَجِّنِي مِنَ الْقَوْمِ الظَّالِمِينَ﴾[٢٢٩]

۽ خدا ايمان وارن لاءِ فرعون جي زال (آسيه) جو مثال بيان ڪيو آهي ته جڏهن ان دعا گهري: پروردگار! منهنجي لاءِ پاڻ وٽ بهشت ۾ هڪ گهر بنائي! ۽ مون کي فرعون ۽ سندن ڪرتوتن کان پناهه ڏي ۽ مون کي ظالم ماڻهن (جي هٿن) کان ڇوٽڪارو عطا فرمائي.

ان ۾ به ڪو شڪ نه آهي ته جڳ جهان جي ڪا به عورت، خاتون جنت حضرت بيبي فاطمه الزهراء عليها السلام کان افضل نه آهي، سچي سائڻ رسول اڪرم ص جي متواتر حديث موجب ڪائنات جي عورتن جي سردار آهي. ۽ ائين ڀلا ڇو نه هجي، جڏهن ته نبين ۽ رسولن جي سرواڻ، ڪيس پنهنجي جگر جو ٽڪڙو ڪوٺيو آهي، ۽ فاطمه جي راضپي کي رب جو راضپو، ۽ سندس ناراضگي کي رب جو غضب ڄاڻايو آهي.

هاءُ! سچي سائڻ تمام عورتن ۽ مردن لاءِ بهترين نمونه عمل آهي، ان جي بهترين سند اها حديث آهي جنهن ۾ خاتم الاوصياءَ حضرت صاحب الزمان امام مهدي عجل الله تعالیٰ فرجه الشريف ارشاد فرمايو آهي ته: و لي في ابنة رسول الله اسوة حسنة. منهنجي لاءِ رسول الله صه جي نياڻي ۾ بهترين نمونه عمل آهي.[٢٣٠]

---

[٢٢٩]. سورت تحريم، آيت ١١

[٢٣٠]. بحار الانوار، ج٥٣، ص١٨٠

۽ ولايت جي يارهين چنڊ ۽ مولا حسين جي اٺين فرزند حضرت امام حسن عسڪري عليہ السلام فرمايو: اسان مخلوق جي الله تي حجت آهيون جڏهن تہ سائڻ فاطمہ اسان مٿان الله جي حجت آهي.[231]

هن مختصر لکڻي ۾ اسان هن عظيم الشان هستيءَ جي پاڪ سيرت جي روشني ۾، ڪامياب زندگي جا سونهري اصول بيان ڪنداسين. جن تي عمل پيرا ٿي ڪري اسان زندگي کي ڪامياب بڻائي، هن دنيا ۽ هن جهان ۾ سعادت ۽ سوڀ ماڻي سگهون ٿا.

## اجتماعي ۽ سياسي اصول

جيئن تہ مٿي بہ اشارو ڪيوسين تہ دين، زندگي گذارڻ جو هڪ جامع نظام آهي، دين ۾ جتي انفرادي ۽ ذاتي زندگي لاءِ قانون بيان ڪيا ويا آهن، اتي اجتماعي زندگي کي بہ نظر انداز نہ ڪيو ويو آهي. بلڪ ان حوالي سان تہ اجتماعي زندگي جو اثر وڌيڪ هوندو آهي، تنهنڪري دين بہ ان کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي. اهو ئي سبب آهي جو جتي نماز، زڪوات، روزي ۽ حج وغيره جي تمام گهڻي اهميت بيان ڪئي وئي آهي، اتي سيني کان وڌيڪ فضيلت ولايت کي ڏني وئي آهي. ڇو ولايت، نبوت جي محافظ ۽ شريعت جي پاسدار آهي. ان حوالي سان پاڪ سائڻ جي پاڪيزه سيرت ۾ اسان لاءِ ڪيترائي درس آهن.

جي ها! سچي سائڻ، رسول اڪرم صہ کان پوءِ ولايت جي دفاع جي لاءِ هلايل اجتماعي ۽ سياسي تحريڪ جو محور ۽ مرڪز هئي. پاڪ بيبي س ان تحريڪ جي رهنمائي پئي فرمائي. معاشري ۾ ٿيندڙ فڪري انحراف، اسلامي قانون جي پامالي، ۽ ڪجهہ ماڻهن جي من ماني ۽ پالڻهار جي بڌايل ولايت کان منهن موڙي پاڻ کي رهبر سڏرائي، ماڻهن کي پنهنجي پيروي ڏانهن سڏڻ تي، معصوم بيبي س خاموشي اختيار نہ ڪئي، بلڪ انهن آڏو مضبوط ديوار ۽ رڪاوٽ بڻجي وئي. الله جي چونڊيل هي ڪنيز ميدان ۾ آئي. مسجد ۾ ڏنل سندن خطبي ۽ نون اٿندڙ سوالن جي حوالي سان بيبي طرفان ڏنل جوابن، معاشري ۾ عورت جي اجتماعي ۽ سياسي سرگرمين جي حدن کي واضح ڪري ڇڏيو.

سائڻ نہ فقط رسول اڪرم ص کان پوءِ اجتماعي ۽ سياسي حوالي سان سرگرمين ۾ حصو ورتو. بلڪ نبيءَ جي هي نياڻي تہ پاڪ رسول ص جي زندگي ۾ ئي اسلام ۽ ڪفر جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگن ۾ حصو پئي ورتو. ۽ اهڙي نموني نبيءَ اڪرم لاءِ هڏڏوڪيءَ ۽ سندن غمن جي همدرد هئي. بيبي جي اها ئي وصف تہ الله جي نبيءَ کي ايتري پسند آئي هئي جو ڪين "ام ابيها" جو لقب ڏنو هو.[232]

بيبي نہ رڳو اسلام ۽ ڪفر جي وچ ۾ ٿيندڙ جنگن ۾ حصو ورتو، بلڪ اسلام ۽ ڪفر جي وچ ۾ ٿيندڙ سيني مقابلن ۾ سندس ڪردار نهايت نمايان رهيو هو، اهو ئي سبب آهي جو اسلام ۽ عيسائيت جي وچ ۾ ٿيندڙ علمي مقابلي ۽ حق ۽ باطل جي پرک لاءِ ٿيندڙ مباهلي ۾ عورتن جي ترجماني فرمائي. جنهن جو ذڪر تہ خود قرآن شريف ۾ آيو آهي:

﴿فَمَنْ حَاجَّكَ فِيهِ مِنْ بَعْدِ مَا جَاءَكَ مِنَ الْعِلْمِ فَقُلْ تَعَالَوْا نَدْعُ أَبْنَاءَنَا وَأَبْنَاءَكُمْ وَنِسَاءَنَا وَنِسَاءَكُمْ وَأَنْفُسَنَا وَأَنْفُسَكُمْ ثُمَّ نَبْتَهِلْ فَنَجْعَلْ لَعْنَتَ اللَّهِ عَلَى الْكَاذِبِينَ﴾ [233]

---

[231]. اطيب البيان، طيب، ج١٣، ص٢٢٥ .
[232]. زندگاني حضرت فاطمہ، شهيدي، ص٤٠
[233]. سورت آل عمران، آيت٦١

پوءِ جيڪي تو سان ان ۾ هن کان پوءِ (بہ) جهڳڙو ڪن جو تو وٽ علم (قرآن) پهتو تہ ڪين چئو تہ (چڱو ميدان ۾) اچو تہ اسين پنهنجن پٽن کي آڻيون توهان پنهنجن پٽن کي ۽ اسين پنهنجن زالن کي آڻيون توهين پنهنجين زالن کي ۽ اسين پنهنجن نفسن (جان جگرن) کي سڏيون ۽ اوهان پنهنجي نفسن کي وري زاريءَ سان دعا گهرون ۽ ڪوڙن تي خدا جي لعنت ڪريون.

پر سندس اهو سياسي ۽ اجتماعي ڪردار، رسول پاڪ اڪرم ص جي رحلت کان پوءِ وقت جي تقاضي مطابق نهايت سگهارو هو، پاڪ بيبي چاليهہ ڏينهن راتيون حسن ۽ حسين کي ساڻ ڪري، مولا علي عليہ السلام سان گڏ انصار ۽ مهاجرن جي گهرن ڏانهن تي وئي، ۽ مولا علي عليہ السلام جي ولايت ۽ وصي هجڻ بابت ڪين اصل حقيقت کان آگاهہ تي ڪيو. بيبي ڪين جنجهوڙيو تي تہ پنهنجي اجتماعي ۽ سياسي ذميواري کي سڃاڻو ۽ متس عمل ڪريو.

## ازدواجي زندگيءَ جا اصول

خاندان هر معاشري جو بنيادي جزءُ آهي، ۽ خاندان جي جوڙ جڪ هڪ مرد ۽ عورت سان ٿئي ٿي. اسلام ان ميلاپ کي تمام گهڻي اهميت ڏني آهي، ۽ نبيءِ پاڪ نڪاح کي پنهنجي سنت ڪوٺيو آهي، ۽ گهرواريءَ کي مڙس جي اڌ يا ٽي پاڱا بہ ايمان جو محافظ سڏيو آهي. ان حوالي سان سائڻ فاطمہ ڪيتري تہ با عظمت خاتون آهي جو پاڻ ”ڪل ايمان“ مولا علي عليہ السلام جي اڌ يا ان کان بہ وڌيڪ ايمان جون محافظ آهن.

اصل نڪاح جي اهميت پنهنجي جڳهہ تي، پر ڪامياب اهو انسان آهي جيڪو نڪاح جي ان ناتي کي سهڻي نموني نڀائي، ۽ ان رشتي جي عظمت کي سمجهندي ساٿس نينهہ نڀائي. سچي سائڻ جي پاڪيزهہ سيرت ان حوالي سان نمونہ عمل آهي، ۽ اسان کي سندس زندگي ۾ ان لاءِ ڪيترائي سونهري اصول ملن ٿا:

ڪامياب ازدواجي زندگي جو پهريون ڏاڪو ۽ هڪ اهم اصول، زال ۽ مڙس جو هڪٻئي سان ادب، احترام ۽ پيار محبت سان ڳالهائڻ جو انداز هوندو آهي. ان ڏس ۾ ولايت جي قدردان بيبي جي زندگي ۾ ملي ٿو تہ پاڻ مولا علي عليہ السلام کي هميشہ سندن ڪنيت سان مخاطب ٿيندي هئي يعني کيس ابو الحسن چئي ڪري سڏيندي هئي. ڪڏهن ڪڏهن پيار منهجان ڪيس ”چاچي جا پٽ“ بہ چونديون هيون.[٢٣٤]

پنهنجي زندگي جي ساٿي، ۽ پياري مڙس سان محبت جي اظهار جي حوالي سان هن معصوم بيبي جو هي جملو بہ ملي ٿو: علي سائين! مان تنهنجي روح تي قربان! منهنجي جان تو مٿان ايندڙ مصيبتن ۾ تنهنجي جان جي ڍال![٢٣٥]

بيبي جي پنهنجي مڙس سان محبت جو هڪ انداز هي بہ هو تہ پاڻ ڪڏهن بہ پنهنجي مڙس کان ڪا اهڙي فرمائش نہ ڪئي جنهن ڪري مولا علي عليہ السلام کي تڪليف ڪرڻي پوي يا ان گهرڻي اها پوري نہ ڪري سگهن.

## خاندان جي اقتصاد يا معيشت بابت اصول

خاندان جي زندگي کي بهتر ۽ ڪامياب ڪرڻ لاءِ، اقتصاد يا معيشت بابت جامع حڪمت عملي يا بهتر انتظام ۽ پلو بندوبست ضروري آهي. ظاهر آهي تہ هر انسان جون مالي حالتون مختلف هونديون آهن، پر ڪامياب انسان اهو آهي جيڪو پنهنجي محدود وسيلن ۽ آمدني جي ذريعن کي رکندي خاندان جي اقتصادي ضرورتن کي سهڻي نموني پورو ڪري سگهي.

---

[٢٣٤]. بحار الانوار، ج٤٣، ص١٩٢
[٢٣٥]. ڪوڪب الدري، حائري، ج١، ص١٩٦

سچي سائڻ ان حوالي سان بہ اسان لاءِ نمونہ عمل آهن. سندن پاڪ سيرت ۾ اسان کي ڪيترائي اهڙا اصول ملن ٿا، جن تي عمل ڪندي اسان پنهنجي خاندان جي اقتصادي ضرورتن کي بهترين نموني سان پورو ڪري سگهون ٿا.

بيبي پاڪ جي سادگي اسان جي لاءِ عظيم درس آهي. ان حوالي سان امام محمد باقر عليہ السلام جي روايت آهي تہ: حضرت فاطمہ گهر جي اندرين ڪمن کي پنهنجي ذمي ڪنيو هو، جهڙوڪ اٽو ڳوهڻ، ماني پچائڻ، گهر جي صفائي ڪرڻ وغيره. جڏهن تہ گهر جا ٻاهريان ڪم جهڙوڪ ڪاٺيون آڻڻ، گهر جي لاءِ ضرورت جو سامان خريد ڪرڻ وغيره مولا علي عليہ السلام جي ذمي هئا.

هڪ ڏينهن مولا علي عليہ السلام گهر آيا تہ فرمايائون: ڇا گهر ۾ ڪائڻ جي لاءِ ڪجھ آهي؟ بيبي عرض ڪيو تہ: قسم ان پالڻهار جو جنهن اوهان جي حق کي عظيم بڻايو آهي! ٽن ڏينهن کان اهڙي ڪا شي نہ آهي، جو اوهان جي ڪائڻ لاءِ ڪٽي اچان. امير المومنين فرمايو: مو کي ٻڌايو ڇو نہ اٿئي؟ وراڻيائون: بابا نبيءِ ص مون کي اوهان کان ڪجھ بہ گهر ڪرڻ کان جهليو آهي. ۽ فرمايو آهي: پنهنجي ڇاچي جي پٽ کان ڪجھ بہ گهر نہ ڪجان! سواءِ ان جي جو پاڻ تنهنجي لاءِ خريد ڪري اچي. [٢٣٦]

### ٻارن جي تربيت جا اصول

شادي جهڙي پاڪيزه ناتي جو ميوو، ثمر ۽ نتيجو پاڪ نسل آهي. اولاد رب جي عظيم نعمت آهي. پر انهن جي سهڻي تربيت ۽ کين معاشري جو بهترين ذميوار فرد بڻائڻ ماءُ پيءُ جي ذميواري آهي. ان حوالي سان پاڪ سائڻ جي سيرت ۾ ڪيترائي اصول ملن ٿا:

### 1. اولاد جي تعليم تي ڌيان ڏيڻ

تعليم انسان جي اهم ضرورت آهي، بلڪ انسان کي انسان بڻائڻ ۾ اهم ڪردار تعليم جو ئي آهي. سائڻ زهرا سلام الله عليها ان حوالي سان پنهنجي ٻارن جي تعليم جو تمام گهڻو خيال رکنديون هيون، پنهنجي ٻارن کي مسجد ڏانهن موڪلينديون هيون تہ جيئن وڃي ڪري نانا رسول الله جون ڳالهيون، حديثون، خطبا وغيره ٻڌن ۽ انهن کان علم حاصل ڪن. جڏهن گهر موٽي ايندا هئا تہ ڪائڻ سوال ڪنديون هيون تہ: اوهان جي نانا ڇا فرمايو؟ ۽ کين چونديون هيو تہ توهان جي نانا جيڪو ڪجھ فرمايو آهي، اهو مون کي ٻڌايو. [٢٣٧]

### 2. اولاد ۾ عبادت جو جذبو پيدا ڪرڻ

انسان جي تخليق ۽ پيدائش جو اهم مقصد پالڻهار جي بندگي ۽ عبادت آهي. جهڙي نموني رب جو فرمان آهي تہ:

﴿وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ﴾ [٢٣٨]

۽ مون جنن ۽ انسانن کي رڳو هن لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ منهنجي عبادت ڪن.

ٻارن ۾ عبادت ۽ بندگي جو جذبو پيدا ڪرڻ ۽ کين ان عظيم معنوي خزاني ڏانهن توجھ ڏيارڻ، ماءُ پيءُ جي هڪ اهم ذميواري آهي. ان حوالي سان پاڪ بيبي ٻارن جي خدا سان رابطي تي گهڻو ڌيان ڏيندي هئي،

---

٢٣٦. بحار الانوار، ج٤٣، ص٣١.
٢٣٧. سرمايہ سخن، سبزواري، ج١، ص٢٠
٢٣٨. سورت ذاريات، آيت ٥٦

مثال طور قدر جي راتين ۾ رات جو ڪنهن کي بہ سمهڻ نہ ڏيندي هئي. ان جي بدران ڏينهن جو ڪين فرمائيندي هئي تہ ڪجھ آرام ڪري ونو تہ جيئن قدر واري عظيم ۽ بابرڪت رات جاڳي ڪري پالڻهار جي بندگي ڪري سگھو. رات جو ڪين ڪاڌو بہ مختصر ڏينديون هيون تہ جيئن گھٽو ڪائڻ ڪري ڪين ننڊ تنگ نہ ڪري. ۽ فرمائينديون هيون: جنهن کي بہ اجوڪي رات جي ڀلائي نصيب نہ ٿئي، اهو محروم آهي.[٢٣٩]

### 3. ٻارن سان راند ڪرڻ

ٻارن جي ڀلي تربيت لاءِ ضروري آهي تہ انهن سان گهرو رابطو هجڻ گهرجي تہ جيئن ٻار اسان سان کلي ڪري پنهنجا مسئلا بيان ڪري سگھن، اسان جي ڳالهين کي غور سان ٻڌن ۽ اهي انهن ۾ اثرائتون بہ ٿين. راند، راند ۾ ٻارن جي سهڻي تربيت ڪري سگھجي ٿي ۽ ڪين تعليم بہ ڏئي سگھجي ٿي، جيڪا انهن کي هميشہ ياد رهندي.

سچي سائڻ جي سيرت ۾ اسان کي اهو اصول ڀلي نموني ڏسڻ ۾ اچي ٿو. پاڪ بيبي پنهنجي ٻارن سان راند ڪنديون هيون، ۽ ڳالهين ڳالهين ۾ ڪين زندگي جا اهم اصول ۽ ڪم ايندڙ ڳالهيون ٻڌائينديون هيون. ڪڏهن ڪڏهن تہ شعرن ۾ بہ اها سکيا ڏينديون هيون. سندن هڪ شعر آهي تہ: اي حسن پنهنجي بابا علي جيان ٿيءُ، ۽ حق جي ڳلي مٿان ٻڌل رسين کي کولي ڇڏ! يا فرمائينديون هيون: اي پيارا حسين ! تون پنهنجي نانا جو همشڪل آهين، پنهنجي بابا علي سان شباهت نٿو رکين.[٢٤٠]

### 4. اولاد جي نفسياتي تربيت

اولاد، والدين جي هر ڳالھ کي ذهن نشين ڪندي آهي، تنهنڪري چيو ويندو آهي تہ توهان جي اولاد اهڙي نہ ٿيندي جهڙو توهان چاهيو ٿا بلڪ اهڙي ٿيندي جهڙو توهان ڪريو ٿا. مطلب تہ اولاد اسان جي ڳالهين ڪان وڌيڪ اسان جي ڪردار ڪان سبق وٺندي آهي. اسان جون ڳالهيون انهن کي ياد ناهن رهنديون اسان جا رويا انهن کي ياد رهندا آهن.

ان بنياد تي اولاد جي ڀلي تربيت لاءِ لازمي آهي تہ سندن شخصيت کي اهميت ڏني وڃي، انهن کي عزت سان نوازيو وڃي، ساڻن اهڙو رويو اپنايو وڃي جيڪو انهن لاءِ يادگار هجي. سائڻ زهرا سلام الله عليها علمِ رباني جي وارثہ هجڻ سان گڏ خدائي عطا ڪيل عصمت جي درجي جي مالڪ بہ هئي، ان حوالي سان بيبي جي سيرت ۾ اسان کي اهڙا اصول بہ ڏسڻ ۾ اچن ٿا: بيبي ٻارن جي محبت کي هر ڪم ڪان وڌيڪ اهميت ڏينديون هيون، ۽ انهن کي هر ڪم تي مقدم ڪنديون هيون، بيبي ٻارن لاءِ ايتري تہ اهميت جون قائل هيون جو پنهنجي حياتي جي آخري گهڙين ۾ بہ انهن جي ڳڻتي هين، بيبي آخري مهل ۾ مولا علي عليہ السلام کي اها وصيت ڪئي تہ مون ڪان پوءِ امامہ سان شادي ڪجو، ڇو جو اها منهنجي ٻارن جي لاءِ مون جيان آهي.[٢٤١]

### 5. ٻارن جي اچڻ وڃڻ کي نوٽ ڪرڻ

سائڻ زهرا س کي پنهنجي فرزندن سان خاص محبت هوندي هئي، تنهنڪري سندن گهڻو خيال ڪندي هئي، انهن جي اچڻ وڃڻ تي سندن توجہ هوندي هئي. هڪ ڏينهن رسول اڪرم ص جن پاڪ سائڻ جي گهر آيا تہ ڪين پريشان ڏٺائون. سندن پڇڻ تي بيبي س ڪين ٻڌايو تہ: منهنجا ٻار صبح جو ٻاهر ويا آهن ۽ هينئر

---

[٢٣٩]. بحار الانوار، ج٩٧، ص١٠ .
[٢٤٠]. مناقب، ابن شهر آشوب، ج٢، ص٣٨٩ .
[٢٤١]. فاطمہ زهرا از ولادت تا شهادت، قزويني، ص٦٨٨ .

تائين نہ موٽيا نہ آهن. پاڻ ڪريم صہ جن کين ڳولڻ لاءِ روانا ٿيا. جيئن ئي غار حرا جي ويجهو پهتا تہ کين مزي سان راند ڪيڏندي ڏٺو. پوءِ کين ڪلهي تي کڻي بيبي س جي گهر پهتا.[٢٤٢]

### اجتماعي زندگي جا ڪجھ بيا اصول

اجتماعي زندگي جو هر گز اهو مطلب نہ آهي تہ مرد ۽ عورت ۾ موجود فطري ۽ شرعي فرق کي ختم ڪري ڇڏجي، اڄڪلھ جيڪو اهو نعرو لڳايو وڃي ٿو تہ عورت کي مرد سان ڪلهو ملائي هجڻ گهرجي، مطلب تہ ان فطري فرق کي اڻ ڏٺو ڪري ڇڏجي، اهو ڏوکي ڪان سواءِ ڪجھ بہ نہ آهي. ان نعري جو اصلي مطلب تہ سچي سائڻ ٻڌايو. پاڻ جتي فطري ۽ شرعي حدن جي حفاظت ڪئي اتي اجتماعي ذميوارين کي بہ پلي نموني پورو ڪيو. ان حوالي سان ڪجھ وڌيڪ اصولن ڏانهن اشارو ڪجي ٿو:

#### 1. نامحرم کان پاسو

هڪ پيري هڪ انڌو ماڻهو مولا علي کان اجازت وٺي سندس گهر ۾ داخل ٿيو، پاڻ سڳورن ڏٺو تہ سائڻ زهرا اٿي ڪري اندر وڃڻ چاهن ٿيون. پاڻ سڳورن فرمايو: زهرا هي ماڻهو تہ نابينا ۽ انڌو آهي. بيبي وراڻيو:

ان لم يكن يراني فاني اراه و هو يشم الريح

بابا سائين جيڪڏهن هو مون کي نٿو ڏسي سگهي (تہ ڇا ٿيو) مان تہ کيس ڏسي سگهان ٿي ۽ ٻيو هي تہ هو خوشبو تہ محسوس ڪري سگهي ٿو.

رسول ڪائنات ان ڳالھ ٻڌڻ کان پوءِ فرمايو: مان ڳواهي ڏيان ٿو تہ تون منهنجي جگر جو ٽڪڙو آهين.[٢٤٣]

#### 2. پردي جو خيال

پاڻ سڳورن سائڻ جي دروزاي کي کڙڪائيندي فرمايو: السلام عليكم ا ادخل؟ سلامتي هجي اوهان مٿان ڇا مان اندر اچان؟

جواب ٻڌائون تہ: عليك السلام يا رسول الله ادخل يا رسول الله،

اوهان مٿان بہ سلامتي هجي اي الله جا رسول، اندر هليا اچو.

رسول الله فرمايو: ا ادخل و من معي؟ ڇا مان ۽ جيڪو مون سان گڏ آهي، اندر اچون؟ بيبي عرض ڪيو: يا رسول الله ليس علي قناع؛ اي الله جا رسول جيڪڏهن اوهان سان گڏ ڪو ڌاريو آهي تہ هينئر اندر نہ اچو؛ ڇو جو مون تي چادر نہ آهي.

ٿوري دير ۾ چادر مٿي تي رکي چيائون هاڻي پلي اچو. رسول پاڪ ٻيهر سلام ڪيو ۽ فرمايو ڇا اسان اندر اچون؟ وراڻيائون: عيلك السلام يا رسول الله ادخل و من معك، اي الله جا رسول اوهان تي بہ سلامتي هجي پنهنجي ساٿي سان گڏ هليا اچو.[٢٤٤]

---

[٢٤٢]. جلوه هاي رفتاري حضرت زهرا، انصاري، ص ١٩٦ .
[٢٤٣]. بحار الانوار، ج٤٣، ص٩١
[٢٤٤]. ڪافي، ج٥، ص٥٢٨

### 3. مرڻ کان پوءِ بـ پردي جو خيال

اسماءِ بنت عميس نقل ڪري ٿي تہ سائڻ جي ندگي جا آخري ڏينهن هئا مان ساٽس گڏ هئم. هڪ ڏينهن ماين جي جنازي کڻڻ جي طريقي بابت پريشاني جو اظهار ڪندي مون کي فرمايائون: چو ماين جي جنازي کي تخت تي رکي، مرد کلهن تي کڻن ٿا؟ مون کي ڏاڏو بڇڙو لڳي ٿو جو ماين جي لاش مٿان ڪپڙو رکي تخت تي کڻن، جنهن سان ڏسڻ وارن کي سندس قد بت جو پتو لڳي ٿو. مونکي تخت تي ائين نہ رکجان منهنجي بدن کي چڱي نموني ڍڪجان، الله سائين تو کي جهنم جي باھ کان بچائيندو.

اسماءِ بنت عميس جو بيان آهي تہ: مون بيبي کي پريشان ڏٺي مولا علي کي ائين فرمائيندي ٻڌو: اوصيک يابن عم ان تتخذ لي نعشا فقد رايت الملائکہ صوروا صورتہ، مان توهان کي وصيت ڪريان ٿي تہ منهنجي لاءِ اهڙو تابوت ٺاهجو جهڙو مون کي ملائڪن ڏيکاريو هو.

مون بيبي کي عرض ڪيو تہ: حبشہ ۾ جنازي کڻڻ لاءِ اهڙو تابوت آٽيندا آهن جنهن سان ميت جو سمورو بدن ڍڪجي ويندو آهي. پوءِ وري مون ڪچين ٽارين ۽ سنهڙين ڪاٺين سان اهڙو ٺاهي ڪيس ڏيکاريو.

سائڻ ڏاڍي خوش ٿي ۽ فرمايائون: اصنعي لي مثلہ استرني سترک اللہ، منهنجي لاءِ بہ اهڙو تابوت ٺهراءِ، منهنجي ميت کي چڱي نموني ڍڪجان! الله تو کي جهنم جي باھ کان بچاءِ. [٢٤٥]

آخر ۾ دعا آهي تہ رب پاڪ اسان کي سائڻ جي ٻڌايل ۽ عمل ڪيل نوراني اصولن تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين!

---

[٢٤٥]. وسائل الشيعہ، ج٢، ص٨٧٦

# محقق ثاني، شيعن جو سرواڻ

**تحرير: نظير احمد بهشتي**

### ولادت

نائين صديءَ جو سج اڃا ڪان اڀرڻ کان اڳ اڃا ويوهئو، لبنان جي علائقي جبل عامل جي ڳوٺن منجهان هڪ ڳوٺ ڪرڪ جي هڪ گهر ۾ هڪ ننڍڙي ٻار جي ولادت ٿي. ٨٦٥ يا ٨٧٠ هجري سال هئو جو عزالدين حسين جو غريباڻو گهر هڪ ننڍڙي شيعہ جي نور جمال سان نوراني ٿيو. جنهن جو نالو سندس پيء علي رکيو. تشيع جي علامت طور زندگي جون شروعاتي وکون کڻي اڳتي وڌيو ۽ نور الدين لقب ماڻيائين. بابي جي ڪوشش ۽ امڙ جي تربيت سبب سندس ننڍپڻ تمام سٺو گزريو، ۽ گهر جي اسلامي ماحول منجهس بيپناه ۽ حيرت انگيز اثر ڪيو.

### تعليم

علي بن عبد العالي [٢٤٦] آهستہ آهستہ پڙهڻ واري عمر ۾ قدم رکيا ۽ پڙهڻ شروع ڪيو. ابتدائي تعليم کان پوءِ حوزه علميہ ڪرڪ ۾ اسلامي علوم جي واديءَ ۾ قدم رکيو. درس، بحث ۽ مطالعي کيس جوان ۽ دوست رکڻ جهڙو طالبعلم بڻايو. تحصيل دوران ئي تقوا ۽ تهذيب نفس لاءِ همت ڪيائين. ڪرڪ کان پوءِ ٻئي ڳوٺ مِيس ويو ۽ اڻٿڪ ڪوشش سبب ان حوزه جي استادن مان ڳڻجڻ لڳو. ان حوزه جي شاگردن منجهان شهيد ثاني بہ هڪ هئو جنهن وٽس شرايع الاسلام ۽ قواعد پڙهيو.[٢٤٧] محقق ثاني ڪجھ عرصو لبنان جي علائقي جبع ۾ تحصيل ۾ مشغول رهيو ۽ حوزه علميہ جبل عامل ۾ علوم ۽ تجربا حاصل ڪرڻ کان پوءِ دمشق جي حوزه علميہ جو رخ ڪيو. اتان کان بيت المقدس ڏانهن ويو ۽ ڪجھ وقت الخليل ٢ شهر ۾ تحقيق ۽ تعليم ۾ گزاريو. پوءِ اهل سنت جي حوزه علميہ مصر ڏانهن راهي ٿيو. مختلف علمي حوزن ڏانهن سفر کيس اهڙو دانشور بڻايو جو آخرڪار ڏهين صدي هجري جي عظيم عالمن منجھ سندس شمار ٿيڻ لڳو ۽ محقق ثاني، مولاي مروج، محقق ڪرڪي ۽ شيخ اعلائي جي لقبن سان شهرت ماڻي. مصر ۾ گهڻن دانشورن کان فيض پرايائين ۽ اتان جي عالمن جي محضر کي غنيمت سمجهندي، پنهنجي جان جهڙو بي بها موتي دنيا جي مال عوض نہ وڪيو ۽ معرفت ۽ ڪمال جي راھ ۾ بيپناھ ڪوشش ڪئي ۽ ان مدت ۾ اهل سنت جي عالمن کان حديث نقل ڪرڻ جا اجازه حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

علي بن عبد العالي جڏهن جبل عامل جي بلند مرتبہ دانشورن منجهان هئا تہ سندن علمي زندگي، سني، سهٽي ۽ علم ونديندي پئي گزري ۽ پاڻ ان ڪوشش ۾ هئا تہ ڪنهن ٻئي جڳھ تي وڃي بہ فيض رساني ڪن، تنهن ڪري عراق جي حوزه علميہ نجف ڏانهن اچڻ لاءِ مصر جو حوزو ترڪ ڪيائون ۽ معصوم امامن جي آستاني ۽ سرزمين تي پهچي ويا.

### سندس استاد

علي بن عبد العالي شيعن لاءِ معرفت جو خزينو ۽ تري تي جان رکي هلڻ وارو فقيھ بڻجي ويو، ليڪن اهو سڀ فضل کيس ايتري سولائي سان نصيب نہ ٿيو. لبنان کان مصر ۽ مصر کان نجف تائين دلسوز ۽ با معرفت استادن جي درس ۾ ويهڻ سبب ئي پنهنجي اندر علم ۽ تحقيق جو ٻوٽو پوکيائين، جنهن سخت محنت کان پوءِ فقاهت جي ميوي دار وڻ جو روپ ڌاريو ۽ اسان علم ۽ عمل جي انهن اعلىٰ نمونن منجهان ڪجھ جو ذڪر ڪريون ٿا جن جي محنتن سبب محقق ايڏو مقام ماڻيو.

علي بن هلال جزائري (محقق جو عظيم استاد)، محمد بن دائود بن موذن جزيني، شمس الدين محمد بن خاتون عاملي، سيد حيدر عاملي، احمد بن علي عاملي، زين الدين جعفر بن حسام عاملي، شمس الدين محمد بن احمد صهيوني.

---

٢٤٦ عربن ۾ رسم آهي تہ ٻار کي پنهنجي ڏاڏا ڏانهن نسبت ڏيندا آهن يعني علي بن حسين بن عبد العالي کي علي بن عبد العالي سڏيندا آهن.

٢٤٧ التنبيهات العليہ، شهيد ثاني، تحقيق صفاء الدين بصري، صفحو ٢٨ (ڇاپو پهريون، آستان قدس رضوي، ١٣٧١ شمسي

اهي سندس شيعہ استاد هئا انهن کان علاوہ اهل سنت جي عالمن يحيیٰ بن زکريا انصاري (متوفي ٩٢٦ هجري) ۽ ڪمال الدين ابراهيم بن محمد بن ابي شريف قرشي (متوفي ٩٢٣ هجري) کان بہ فيض پرايو.[٢٤٨]

**اصلاح ڪندڙ جي جاکوڙ**

محقق ڪرڪي نجف اشرف ۾ پڙهائڻ ۾ مشغول هئا جو ايران جي دربار ۽ شاھ اسماعيل صفوي جو قاصد وٽس آيو ۽ کيس ايران جي دربار ۾ پنهنجي علمي ڪاوشن کي انجام ڏيڻ جي دعوت ڏني. پاڻ ڏٺائون تہ ان فرصت منجهان شيعن کي سربلند ڪرڻ ۽ انهن جي پاڪ ثقافت کي معاشري ۾ عام ڪرڻ لاءِ استفادو ڪري سگهجي ٿو. ان ڪم لاءِ پڪو ارادو سندس زندگي ۽ شيعن جي زندگي کي بدلائي پئي سگهيو. تنهن ڪري اها دعوت قبول ڪيائون.

سال ٩١٦ قمري ڏاري هرات واري جنگ ۾ شاھ اسماعيل صفوي سان اچي مليو. ان حال ۾ جو سندس زندگي جون پنجاھ بهارون گزري چڪيون هيون اچي ڪري صفوي دربار جي صفا حساس ماحول ۾ ڪوشش ۽ مقاومت جي ميدان ۾ قدم رکيو. ان جي ۽ ٻين عالمن جي ڪاوش سبب صفوي سلسلي ۾ تمام گهڻي تبديلي آئي انهن جو فڪر صحيح ٿيو. چيو اٿن تہ شاھ تهماسب محقق کي چوندو هئو: توهان ملڪ جون واڳون سنڀالڻ ۽ حڪومت هلائڻ ۾ مون کان وڌيڪ قابليت رکو ٿا، ان ڪري جو توهان امام زمانہ عليہ السلام جا نائب آهيو ۽ آءُ اوهان جو هڪ حڪمران آهيان جيڪو اوهان جي امر ۽ نهي تي عمل ٿو ڪريان.[٢٤٩]

حقيقت ۾ صفوي حڪومت ۾ شيخ لطف الله ميسي، (شيخ بهائي جي سهري) شيخ علي منشار، (شيخ بهائي جي بابي) شيخ عبد الصمد، سيد ماجد بحراني، شيخ حر عاملي ۽ شيخ بهائي جهڙن جي موجودگي حڪمرانن جي حد کان وڌيڪ انحراف کي ٻنجو ڏنو ۽ تشيع کي ملڪ جو رسمي ۽ قانوني مذهب بڻايو جنهن سبب عوام ۽ حڪمران عالمن کي مانُ ڏيڻ لڳا، البتہ اهڙي ماحول جوڙڻ ۾ صفوين جي خانداني خصلتن جو بہ وڏو حصو هيو.

محقق ڪرڪي جي زندگي جو هڪ حساس حصو کيس ملڪ ايران جو قانوني ۽ رسمي شيخ الاسلام بڻائڻ ۽ کيس اختيارات ڏيڻ آهي جنهن سندس ذميواريون اڳ کان وڌيڪ سخت بڻايون ۽ ٻئي پاسي کان اهڙو فرمان صفوي بادشاهن جي درميان هڪ شيعہ رهبر جي عنوان سان سندس عظمت کي عيان ڪندڙ آهي.

اسان ان قصي جي اهميت جي پيش نظر شاھ تهماسب جي فرمان جو ڪجھ حصو هتي پيش ڪريون ٿا:

بادشاهي فرمان جاري ٿيو تہ: شريعت نبوي جو جهندو بلند ڪرڻ کي پنهنجي بنيادي ڪمن مان سمجهون ٿا ۽ پيغمبرن جي سردار جي ديني رسمن ۽ امامن جي روش زنده ڪرڻ کي امام زمانہ عليہ السلام جي ظهور جي مقدمن مان شمار ڪريون ٿا. بغير ڪنهن شڪ جي ديني عالمن جي پيروي ۽ اطاعت کان بغير اهو مقصد نہ ٿا ماڻي سگهون ۽ خاص طور تي اڄوڪي دور ۾ اهڙي وڏي مرتبي جي مالڪ عالم جي موجودگي ۾ جنهن ائمہ هدیٰ جي آستاني ۾ قدم رکيو آهي، ختم مجتهدين، نبين جي سردار جي علوم جي وارث، امير المومنين جي آئين جي نگهبان، اخلاص وارن متقين جي قبلي، دانشورن جي پيشوا، ماڻهن جي اڳواڻ، امام زمان عليہ السلام جي نائب علي بن عبد العالي لاءِ اعلان ٿا ڪريون تہ ايران جا سادات ۽ اشراف، وزير ۽ ٻيا حڪومتي عملدار کيس پنهنجو رهبر ۽ اڳواڻ سمجهن ۽ سيني ڪمن ۾ سندس اطاعت ۽ فرمانبرداري ڪن. ۽ شرعي امور سنڀاليندڙن ۽ حڪومت جي اهلڪارن منجهان جنهن کي بہ معزول ڪري اهو معزول سمجهيو ويندو ۽ جنهن کي بہ ڪا ذميواري ڏئي اهو ذميوار بڻجي ويندو ۽ سندس ڪمن جي تائيد ڪريان ٿو. طئي ٿيو آهي جيڪي بہ پراڻي زماني کان رائج سڪا آهن اهي سندس

---

[٢٤٨] فوائد الرضويہ، شيخ عباس قمي، صفحو٣٤١، المهاجرة العاملية، جعفر مهاجر، صفحو ١٢١ ۽ ١٢٢ بيروت ١٤١٠ هجري

[٢٤٩] مفاخر اسلام، علي دواني، جلد ٤، صفحو ٤٤٠

خدمت ۾ پيش ڪيا وڃن ۽ مدينة المومنين حل جو سڪو سندس نمائيندن جي خدمت ۾ پيش ڪيو وڃي ۽ سندس راءِ ڪان بغير سڪو نہ ناهيو وڃي ۽ هنن حڪمن جي مخالفت ڪان پرهيز ڪيو وڃي.[250]
محقق صفوي حڪمرانن جي مدد سان ايران ۾ تمام گهڻي محنت ڪئي ۽ حقيقت ۾ توحيد ۽ تشيع کي رائج ڪرڻ وارو هئو. اهڙو زمانو جنهن ۾ ايران جا حالات تمام خراب هئا محقق جهڙا جاکوڙي مرد ميدان ۾ لٿا. مذهبي امور کان بي اعتنائي جي گهرائي کي هڪ ليکڪ جي بيان ۾ جانچي سگهجي ٿو جنهن لکيو آهي تہ: ان زماني ۾ ماڻهو مذهب حقہ جعفريہ جي مسائل ۽ قوانين کان آگاهہ نہ هئا ۽ شيعہ پنهنجي ديني دستورن کان اڻڄاڻ هئا، ان ڪري جو اماميہ جا فقهي ڪتاب ئي موجود نہ هئا صرف علامہ حلي جي ڪتاب قواعد جو هڪ جلد هئو جنهن مان ديني مسائل جي تعليم ڏني ويندي هئي.[251] اهڙي زماني ۾ محقق قلم کنيو ۽ علمي حوزن ۽ ديني علوم جي ذخيري ۾ اضافو ڪيو ۽ علوم آل محمد عليهم السلام جي ترويج لاءِ پاڻ پتوڙيو. محقق پاران قواعد جي شرح، اخلاقي، عبادتي، اقتصادي، سماجي ۽ معاشرتي موضوعات تي ڪيترائي ڪتاب لکڻ ان ئي سلسلي جي ڪڙي هئا.
محقق جي مذهبي، سماجي ۽ معاشرتي خدمتن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب درڪار آهن. جبل عامل جو اهو عظيم انسان قابل ساراهہ آهي حقيقت ۾ مڪتب تشيع جي ان مروج کي سلام ڪرڻ گهرجي ۽ کيس ۽ سندس فڪر کي پلي نموني ياد ڪرڻ گهرجي. سال ٤٥٠ هجري ۾ سلطان طغرل بيگ سلجوقي جي بادشاهہ ٿيڻ کان وٺي ٩٠٦ هجري تائين ان ساڍن چار سئو سالن ۾ آذان اشهد ان عليا ولي الله ۽ حي علي خير العمل جي صدائن کان خالي هئي. صفوي حڪمرانن جي دور ۾ محقق جي فهم ۽ فڪر سبب ٻيهر آذانن ۾ اها صدا گونجڻ لڳي.[252]
محقق جي ڪارنامن منجهان حسن بيگ روملو هڪ ٻئي ڪارنامي جو هن ريت ذڪر ڪيو آهي:
جيئن تہ محقق جي ڪاوشن کي بيان ڪرڻ لاءِ ڪيئي ڪتاب درڪار آهن پر اسان هتي مختصر طور سندس ڪاوشن ڏانهن اشارو ڪريون ٿا. ايران ۾ صفوي حڪمرانن جي اثر رسوخ بابت چئي سگهجي ٿو تہ جيڪڏهن محقق جي درايت ۽ ان جي همت نہ هجي ها تہ صفوي حڪمران ڪڏهن بہ وڏا وڏا ڪارناما انجام ڏيڻ ۾ ڪامياب نہ ٿين ها ۽ مختلف ميدانن ۾ ملندڙ ڪاميابيون ديني عالمن جي اڻٿڪ ڪوشش جو نتيجو آهن. ان دور جي معاشري جي اخلاقي سڌاري بابت آيو آهي: شاهہ تهماسب محقق ڪرڪي جي مدد سان بدعتون ختم ڪيون ۽ شريعت کي رائج ڪيو، شراب خانہ برائين جا اڏا تباهہ ڪيا، برائين جي پاڙ پٽي ۽ جوا جا اوزار ٽوڙي ڇڏيا.[253]
جي ها! اهي اهڙاڪارناما هئا جن جي ڪري ماڻهن جا گهر گناهہ جي زهريلي دز کان پاڪ ٿيا ۽ نافرماني ۽ گناهہ وارو ديو قتل ٿيو.
محدث جزائري لکي ٿو: مون پاڙيسري ملڪن جي حڪمرانن ۽ بادشاهن ڏانهن محقق پاران لکيل ڪجهہ فرمان ۽ دستور ڏٺا آهن، جيڪي سڀ جا سڀ عدالت پريل قانونن، ذميوار افراد جي عام ماڻهن سان ڪهڙي ريت ملڻ، ڍل وٺڻ جي طور طريقي ۽ مقدار تي مشتمل آهن ۽ انهن ۾ دستور ڏنو ويو آهي تہ هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ هڪ پيش نماز مقرر ڪيو وڃي تہ جيئن ماڻهن کي نماز پڙهائي ۽ انهن کي ديني ۽ اسلامي احڪام سيکاري.[254]
ان عظيم مصلح جي ڪاوشن بابت احسن التواريخ ۾ آيو آهي تہ: خواجہ نصير الدين طوسي کان پوءِ ڪنهن بہ عالم محقق ثاني وانگر شيعہ مذهب جي سربلندي ۽ ائمہ معصومين عليهم السلام جي وات تي هلڻ لاءِ ڪوشش ۽ جاکوڙ نہ ڪئي آهي.[255]

---

[250] رياض العلماء و حياض الفضلاءِ، ميرزا عبد الله افندي اصفهاني، جلد ٣، صفحو ٤٥٥ کان ٤٦٠، روضات الجنات، سيد محمد باقر خوانساري، جلد ٤، صفحو ٦٤٦، دين و سياست در دوره صفوي، رسول جعفريان، صفحو ٤١٠
[251] مفاخر اسلام، علي دواني، جلد ٤، صفحو ٤٤٠
[252] احسن التواريخ، حسن بيگ روملو، تصحيح عبد الحسين نوائي، صفحو ٨٥
[253] حڪيم استرآباد (مير داماد) سيد علي موسوي مدرس بهبهاني، صفحو ١١ ۽ ١٢
[254] لولوة البحرين، شيخ يوسف بحراني، صفحو ١٥١
[255] احسن التواريخ، روملو، ٩٣١ قمري جي حادثن جي بيان ۾.

محققن جي جاکوڙ اتي ختم نہ ٿي ٿئي بلڪ علمي حوزن جي ترقي ۽ مضبوطي لاءِ بہ تمام وڏو اهتمام ٿا ڪن. هر سال شاهہ تهماسب کان ۷۰ هزار دينار شرعي وٺندو هئو تہ جيئن اسلامي علم پرائيندڙ شاگردن جي مدد ڪري ۽ ان طريقي سان شيعن جي عقيدتي بنيادن کي مضبوط ڪري.

جبل عامل جي نيڪين کي جيئدان ڏيندڙ ان عالم جو ٻيو ڪارنامو صفوين جي صوفياڻي روش جي اصلاح هئو ان ڪري جو انهن جو صوفيت سان اٽوٽ ناتو ڳنڍيجي ويو هئو، جنهن ڪري انحراف جو شڪار ٿي ويا هئا. شهيد مطهري صفوي حڪمرانن جي مقابلي ۾ ديني عالمن ۽ محقق جي ڪردار کي هن ريت بيان ڪري ٿو: ايراني صفويہ جي راهہ روش ۾ جبل عامل جي محقق جو وڏو ڪردار آهي...صفوي بادشاهہ درويش هئا. پنهنجي درويشي سنت مطابق شروع ۾ اهي جنهن رستي تي هلي رهيا هئا جيڪڏهن جبل عامل جي فقيهن جي ڪاوشن سبب انهي ۾ اعتدال نہ اچي ها تہ... ان مقام تي پهچن ها جنهن تي شام ۽ ترڪي جا علوي هئا.

جبل عامل جي فقيهہ جي ڪوششن وڏو اثر ڪيو جو هڪ تہ ايراني قوم ۽ حڪومت جي عمومي راهہ ۽ روش انحراف کان محفوظ رهي ۽ ٻيو تہ شيعي عرفان ۽ تصوف اعتدال وارو رستو اختيار ڪيو. تنهن ڪري جبل عامل جي فقيهن خاص ڪري محقق ڪرڪي ۽ ...جو هن ملڪ جي ماڻهن مٿان وڏو احسان ۽ حق آهي.[۲۵۶]

سال ۹۲۹ قمري ۾ محقق سڀ رسمي عهدا ڇڏي سماجي ڪمن کان هٽ ڪيئي نجف اشرف جي حوزه ۾ درس ۽ بحث ۾ مشغول ٿي ويو. شايد ان جي پاسي تي ٿيڻ جي سببن منجهان هڪ سبب مخالفن پاران آيل دٻاءُ هئو ۽ ايران جا ان زماني جا مذهبي ۽ سماجي حالات بہ ان نظرئي جي تائيد ڪن ٿا. حوزه علميہ نجف ۾ محقق ٦ سال آل محمد عليهم السلام جي علوم جي پياسن کي سيراب ڪيو ۽ حوزه نجف سندس فڪري چشمي مان سيراب ٿيو. ان کان پوءِ سال ۹۳۵ قمري ۾ ٻيهر سماجي ڪم شروع ڪيا ۽ ان زماني ۾ شاهہ اسماعيل اول جو پٽ شاهہ تهماسب تخت نشين هئو ۽ نئين حساس صورتحال هئي، ان ڪري جو ٻاهرين ماڻهن جي گهڻي نفوذ سبب اندريان مخالف گهڻي هلچل ۾ اچي ويا هئا.

**ولايت فقيهہ**

...دل ۾ مستضعفين جي حڪومت جو ٻج ڇٽڻ گهرجي ۽ ان کي عملي جامو پارائڻ لاءِ جاکوڙ ڪرڻ گهرجي. اسان جو اهو عقيدو آهي تہ جامع الشرائط فقيهہ اتي ۽ اسلامي معاشري جي سگهاري ۽ مضبوط رهبر جي عنوان سان حڪومت جون واڳون سنڀالي ۽ اسلام کي هڪ اهم سياسي ۽ سماجي فڪر ۽ نظرئي طور پيش ڪري ۽ انساني معاشرن کي هلائڻ لاءِ اسلام کي ڪامل نظام طور پيش ڪري. هڪبئي پنيان ايندڙ معصوم امام رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم وارا حڪومتي اختيار رکندڙ آهن ۽ جامع الشرائط فقيهہ معصوم امام جو نائب آهي ۽ ان جي سيني حڪومتي اختيارن جو مالڪ آهي. اهي عظيم فقيهہ محقق ڪرڪي جا ويچار هئا. ۽ ان عظيم فڪر کي نماز جمع رسالي ۾ هن طرح بيان ڪري ٿو: اماميہ دانشورن ۽ فقيهن جو اتفاق آهي تہ عادل ۽ امين فقيهہ جنهن ۾ فتوا ڏيڻ جا سڀ شرائط موجود هجن، اهڙو فقيهہ جنهن کي شرعي احڪام ۾ مجتهد ڪوٺيو وڃي، غيبت جي زماني ۾ هر ان ڳالهہ ۾ جنهن کي حڪومت جي بهتري لاءِ هڪ امام انجام ڏئي سگهي ٿو شيعن جي امامن جو نائب آهي. البتہ ڪجهہ عالمن قتل ڪرڻ ۽ حد جاري ڪرڻ کي استثنا ڪيو آهي.[۲۵۷]

**گفتاءِ نمونا**

انهن سيني احوالن ۽ اهو ڄاڻڻ کان پوءِ تہ محقق سماجي جاکوڙ ۾ يقين رکندو هئو، سندس اندروني احوال ۽ نازڪ روح کان غافل نہ رهڻ گهرجي. شيخ علائي جي جان جي ساحل تي جيڪي خوبصورتيون ظاهر ٿيون هيون اسان هتي انهن جي هڪ حصي ڏانهن اشارو ڪندا سين: صفوي بادشاهہ جي درٻارين ۽ ويجهن ماڻهن منجهان محمود بيگ هڪ هئو. جيڪو محقق ثاني سان ساڙ ڪندو هئو ۽ محقق جي مقام ۽ مرتبي کي ڏسي دل ۾ پيو پچرندو هئو ۽ ڪيس ڏاڍي تڪليف پهچندي هئي. ان جي اندر جي باهہ ڪيس ان ڳالهہ

---

[۲۵۶] آشنائي با علوم اسلامي، شهيد مطهري، چاپ جامعہ مدرسين، ۱۳٦۲ شمسي.

[۲۵۷] دين و سياست در دوره صفوي، صفحو ۳۲، ص ۳۱۲، رسائل محقق ڪرڪي، جلد هڪ، رسالو ٽيون.

تي اياريو تہ پنهنجي ڪجهہ ساٿين سان ملي محقق ڪي سندس گهر ۾ وڃي قتل ڪري. پنهنجي ان ارادي ڪي عملي جامو پهرائڻ ڪان هڪ ڏينهن اڳ تبريز جي صاحب العصر چوڪ تي دل ۾ اهو مذموم ارادو رکيون ملاڪڙي ۾ مصروف هئو ۽ شاهہ بہ ملاڪڙو ڏسڻ ۾ مصروف هئو. ٻئي پاسي ملڪ جو شيخ الاسلام ۽ عظيم محقق دعاءِ سيفي پڙهڻ ۾ مصروف هئو. دعاءِ سيفي پڙهڻ ڪان پوءِ امام حسين عليہ السلام ڏانهن منسوب مظلوم جي ظالم ڪا انصاف طلب ڪرڻ واري دعا پڙهڻ شروع ڪئي، اجا دعا پوري نہ ٿي هئي جو خبر آندائون تہ محمد بيگ مهردار گهوڙي تان ڪري گهوڙن جي سنبن جو شڪار ٿي مري ويو.[258]

نقل ڪيو اٿن تہ هڪ ڏينهن روم جي سفير دربار ۾ محقق ڪرڪي سان ملاقات ڪئي ان هوشياري جو مظاهرو ڪندي چيو: توهان جي مذهب جي تاريخ _سفير جي مراد صفوي بادشاهن جي سلسلي جي ابتدا سال ۹۰۶ هجري هئي_ حروف ابجد جي بنياد تي "مذهب ناحق" تي ٿئي. ۽ اهو تاريخي مادو خود گواهہ آهي تہ توهان جو مذهب باطل آهي. محقق بہ بنا ڪنهن دير جي جواب ڏنو تہ اسان عرب آهيون ۽ اسان جي زبان ۽ ادبيات بہ عربي آهي ۽ اسان جي مذهب جي تاريخ حروف ابجد جي حساب سان "مذهبنا حق" يعني اسان جو مذهب حق آهي بڻجي ٿي. سفير محقق جي ان حاضر جوابي منجهان صفا عجب ۾ پئجي ويو ۽ خاموشي اختيار ڪئي.[259]

علي بن عبد العالي پرهيزگاري جي دنيا ۾ بہ امير هئو ۽ دنيا جي محبت سندس دل مان دور ٿي چڪي هئي. اسلامي احڪام ڪي پاڻ مٿان واجب سمجهندو هئو ۽ انهن جي سختي سان پابندي ڪندو هئو. ليڪن ان سڄي پرهيزگاري، قناعت سان زندگي گزارڻ، دنيا ڪان دوري جي باوجود بہ قيامت ۽ آخرت ڪان خوف ڪائيندو هئو تنهن ڪري ئي وصيت ڪئي هئائين: منهنجون سڀ نمازون ۽ روزا قضا ڪجو ۽ منهنجي پاران حج بجا آڻجو.[260]

**قلمي ڪاوش**

ڏهين صدي هجري جي عظيم شيخ الاسلام وڏا علمي خزانا ۽ بي بها علمي ڪتاب اڳتي ايندڙ نسلن لاءِ هدئي طور ڇڏيا آهن. سندس قلمي آثار ڪي هيٺ ذڪر ڪري رهيا آهيون.

جامع المقاصد (قواعد الاحڪام جي شرح)، منهج السداد (علامہ حلي جي ڪتاب ارشاد الاذهان جي شرح)، علامہ حلي جي ڪتاب مختلف الشيعہ تي حاشيو، رسالہ جعفريہ، صيغہ هاي عقود و ايقاعات تي رسالو، نفحات اللاهوت در لعن جبت و طاغوت، آب ڪر بابت رسالو، تعقيبات نماز تي رسالو، رسالہ غيبت، رسالہ نجميہ، طهارت جي تعريف تي رسالو، ڪير پيارڻ جي احڪام تي رسالو، شهيد اول جي ڪتاب الفيہ ۽ نفليہ تي حاشيو، علامہ حلي جي ڪتاب تحرير تي حاشيو، شهيد اول جي ڪتاب دروس الشرعيہ تي حاشيو، الذڪرئ في الفقہ ڪتاب تي حاشيو، قبلي جي موضوع تي رسالو، تسبيح جي موضوع تي رسالو، تقيہ جي موضوع تي رسالو، مسافر جي نماز ۽ روزي تي رسالو، عدالت ۾ مدعي جي دعوا ٻڌڻ ۽ حڪم شرعي جي استنباط تي رسالو، ڪتاب مختصر النافع جي ميراث واري حصي تي حاشيو، رجعت جي اثبات تي رسالو، ميراث تي ڪتاب، قواعد الاحڪام ڪتاب تي حاشيو، حديث شناسي، المطاعن المحرميہ، خراسان جي قبلي تي رسالو، نيت تي رسالو ۽ ٻيا ڪتاب ۽ رسالا جن جي تعداد تقريبن ۷۱ جي لڳ ڀڳ آهي.[261]

**محقق جا شاگرد**

محقق بزرگوار علمي آثار ڪان علاوهہ شاگردن جي صورت ۾ ايندڙن نسلن لاءِ معرفت جو هڪ آبشار پنيان ڇڏيو. اهڙا شاگرد جن منجهان هر هڪ معاشري ۾ هڪ ذميواري پنهنجي ڪلهن تي کنئي ۽ سماج جي ڪوٺ جو پورائو ڪيو. محقق ثاني جي شاگردن منجهان ڪجهہ نامورن ڪي هيٺ ذڪر ڪري رهيا آهيون

شيخ علي منشار عاملي (شيخ بهائي جو سهرو)، شيخ محمد بن حسن عاملي نطنزي، سيد محمد بن ابي طالب استرآبادي، علي بن عبد الصمد عاملي، مير معز الدين اصفهاني، علي بن عبد العالي عاملي ميسي،

---

[258] ريحانة الادب، ميرزا محمد علي مدرس تبريزي، جلد ۵، صفحو ۲۴۷ ۽ ۲۴۸.

[259] ترجمہ روضات الجنات، محمد باقر ساعدي، اسلاميہ، جلد ۵، صفحو ۱۶۸

[260] رياض العلماءِ و حياز الفضلاءِ جلد ۳، صفحو۴۴۵

[261] الذريعہ الي تصانيف الشيعہ آقا بزرگ تهراني، چاپ اسماعيليان قم.

شيخ عبد العباس بن عمارة الجزائري، شيخ زين الدين فقعاني، احمد بن احمد بن ابي جامع جيڪو ابن ابي جامع جي نالي سان مشهور آهي، شيخ نعمت الله بن احمد بن خاتون عاملي، ابراهيم بن علي خوانساري، جمال الدين بن عبد الله حسيني جرجاني، سيد شرف الدين سماڪ عجمي، شهيد ثاني، شيخ احمد بن محمد بن خاتون عاملي، امير نعمت الله جزائري، ظهير الدين ابراهيم بن علي الميسي، حسين بن علي بن ابي السروال بحريني، شيخ بابا، قاضي صفي الدين عيسیٰ، حسين بن محمد بن مڪي.[٢٦٢]

**محقق جو خاندان**

محقق ثاني کي خدا ٻه پٽ ۽ ٻه نياڻيون عطا ڪيون. سندس پهرئين پٽ جو نالو شيخ عبد العالي هئو ۽ پنهنجي زماني جو عظيم عالم ۽ دانشور ليکيو ويندو هئو ۽ ڪاشان ۾ رهندو هئو. سندس ٻئي پٽ جو نالو شيخ حسن هئو. محقق پنهنجي هڪ نياڻي جي جبل عامل ۾ شادي ڪرائي. جنهن کي هڪ پٽ ڄائو جنهن جو نالو مير سيد حسين حسيني هئو جيڪو اردبيل ۾ تدريس ۾ مشغول هئو ۽ ماڻهن جون مشڪلات حل ڪندو هئو انهن جا فيصلا ڪندو هئو ايتري تائين جو ان شهر جي قاضي ۽ شيخ الاسلام جي حيثيت سان سڃاتو ويندو هئو. سندس ٻئي نياڻي ايران ۾ مير شمس الدين محمد استرآبادي سان شادي ڪئي جنهن مان ڪيس پٽ ڄائو جنهن جو نالو سيد محمد باقر رکيائون جيڪو ايران جي علم ۽ معرفت واري آسمان جو چمڪندڙ ستارو بڻيو ۽ مير داماد جي نالي سان مشهوري ماڻيائين. اهو ئي صدر المتالهين، حڪمت متعاليہ جي باني ۽ عظيم فلاسفر ملا صدرا جو استاد بڻيو.[٢٦٣]

**شهادت**

سال ٩٤٠ قمري اچي ويو. محقق ٻيهر نجف ڏانهن موٽي ويو. ان وقت سندس عمر لڳ ڀڳ ٧٥ سال هئي. مسلسل ڪم ڪار ۽ جاکوڙ ڪيس پوڙهو بڻائي ڇڏيو هئو. چهري منجهان سندس پوڙهائپ ظاهر هئي. سندس اڻ ڪٿ جاکوڙ ۽ مصروفيت سبب بڻي تہ گهڻا ماڻهو ڪانئس بس ظن ڻين ۽ دل ۾ ڪينو رکن. اهو ساڙ ۽ ڪينو اجا جاري هئو. جنهن سبب هر گهڙي حوزه نجف جي دانشور جي جان خطري ۾ هئي. ايستائين جو سال ٩٤٠ هجري عيد غدير يعني ١٨ ذي الحج واري نجف اشرف ۾ هڪ خبر ڦهلجي وئي تہ: شيخ الاسلام محقق ڪرڪي اهل سنت جي هڪ تعصبي ٽولي هٿان زهر وسيلي شهادت جو شربت نوش ڪيو آهي. جي ها سندس نالو فضيلت وارن شهيدن ۾ درج ٿي ويو. ان عظيم عالم جو جسد امير المومنين جي پاسي ۾ دفنايائون. سندس زندگي جو ڪتاب تہ بند ٿي ويو ليڪن سندس نالو ۽ ياد ۽ سندس علمي پورهيو هميشہ لاءِ زنده آهي. پروردگار جون اڻ ڳڻيون رحمتون سندس پاڪ روح مٿان.

---

[٢٦٢] امل الآمل في علماءِ جبل عامل، شيخ حر عاملي، جلد ٢، صفحو ١٤٩. فوائد الرضويہ، شيخ عباس قمي، صفحو ٤١٩. مفاخر الاسلام علي دواني، جلد ٤، صفحو ٤٣٤. مجموعہ رسائل محقق ڪرڪي ١ کان ٣. تحقيق شيخ محمد حسون، جلد ١، صفحو ٣٣.

[٢٦٣] شهيدان راه فضيلت، علامہ اميني، ترجمہ جلال الدين فارسي. فوائد الرضويہ، صفحو ١٣٣. مفاخر الاسلام، جلد ٤، صفحو ٤٤٩ ۽ ٤٥٠.

## سبق ٿيويهون (شرعي احڪام)

**نماز جا واجبات (حصو چوٿون)**

**سجدي جو وڌ گهٽ ٿيڻ.**

اهو جيڪڏهن : ڄاڻي واڻي ٿئي ته: نماز باطل آهي.

ڀل چڪ ۾ ٿئي:

(الف) جيڪڏهن ٻه سجده هڪ رڪعت ۾ ٿين ته نماز باطل آهي.

(ب) هڪ سجدو: اهو جيڪڏهن وڌيڪ ٿي وڃي ته نماز صحيح آهي

پر جيڪڏهن گهٽ ٿي پئي ته جيڪڏهن بعد واري رڪعت جي رڪوع کان پهريون ياد اچي ته واپس ٿي سجدو انجام ڏئي نماز صحيح آهي.

پر جيڪڏهن بعد واري رڪعت جي رڪوع کان بعد ياد اچي ته نماز صحيح آهي پر نماز جي سلام کان بعد ان جي قضا ڪري ۽ ٻه سجده سهو انجام ڏئي.[٢٦٤]

ان شخص متعلق ڪجھ احڪام جيڪو معمول مطابق سجده نٿو ڏئي سگهي.

(١) جيڪڏهن ڪوئي شخص سجده لاءِ پيشاني کي زمين تي نه رکي سگهي ته جيترو جهڪي سگهي تو جهڪي ۽ سجده گاه کي ڪنهن مٿاهين جڳه تي رکي ۽ ان تي اهڙي طرح سجده ڪري جو چون ته سجدو ڪيو آهي پر باقي عضوا جيئن هٿن جون تريون گوڏا ۽ پيرن جا آڱونا معمول مطابق زمين تي رکندو.[٢٦٥]

(٢) جيڪڏهن سجده لاءِجهڪي نه سگهي ته سجده لاءِ ويهي ۽ سر جي اشاره سان سجده انجام ڏئي ۽ احتياط واجب جي بنا تي سجده گاه کي مٿي کڻي ۽ ان تي سجده ڪري.[٢٦٦]

**قرآن مجيد جا واجب سجده**

١_ قرآن مجيد جي چئن سورتن ۾ آيتون آهن اگر انسان انهن کي پڙهي يا ڪوئي پڙهي رهيو هجي ان کي ٻڌي ته انهن جي پوري ٿيڻ کان بعد فورا سجده ڪرڻ گهرجي.[٢٦٧]

اهي سورتون هي آهن:

سوره سجده آيت ١٥ ﴿إِنَّمَا يُؤْمِنُ بِآيَاتِنَا الَّذِينَ...﴾

---

[٢٦٤] توضيح المسائل م ١٠٤٦ۓ ١٠٤٧ ۓ١٢٤٤ ۓ ١٢٤٥ . ڪجھ فقهاءَ جي فتوي مطابق جيڪڏهن بعد واري رڪعت ۾ رڪوع کان پهريون ياد اچيس ته واپس ٿي سجده انجام ڏئي ۽ نماز صحيح آهي پر نماز جي پوري ٿيڻ کان بعد بي جا قيام جي ڪري ٻه سجده سهو ڏيندو

[٢٦٥] ساڳيو م ١٠٦٧

[٢٦٦] ساڳيو ١٠٦٩

[٢٦٧]

سوره فصّلت آيت ٣٧ ﴿وَمِنْ آيَاتِهِ اللَّيْلُ وَالنَّهَارُ...﴾

سوره نجم  آخري  آيت ﴿فَاسْجُدُوا لِلَّهِ وَاعْبُدُوا..﴾

سوره علق آخري آيت ﴿كَلَّا لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ﴾

٢_ جيڪڏهن سجده ڪرڻ وسري وڃي ته پوءِ جنهن وقت به ياد اچي سجده ڪرڻ گهرجي.[٢٦٨]
٣_ جيڪڏهن انهن آيتن کي ڪنهن ڪيسٽ مان ٻڌي ته پوءِ سجده ڪرڻ لازم ناهي.[٢٦٩]
٤_ جيڪڏهن سجده واري آيت لائوڊ يا ريڊيو تان ٻڌي جيڪڏهن اها پريل(رڪارڊ) تيل نه هجي بلڪ سڌو سنئون هلندڙ هجي ته سجده واجب آهي ٻئي صورت ۾ واجب نه آهي.[٢٧٠]
٥_ سجده وارين آيتن لاءِ سجده ڪرڻ وقت ڪائڻ پيئڻ وارين شيئن تي سجدو جائز نه آهي البته باقي سيني سجدي جي شرطن جي رعايت ڪرڻ لازم ناهي.[٢٧١]
٦_هن سجده ۾ ذڪر واجب نه آهي پر مستحب آهي بلڪ بهتر آهي ته هي پڙهي:

لا الہ الاّ الله حقا حقا ..... هن ذڪر کي ڪتان ڊائون لوڊ ڪري مڪمل لکيو وڃي

## تشهد

١_ نمازيءَ کي گهرجي ته ٻئي رڪعت ۾ نماز جي پڇاڙي ۾ ٻئي سجده کان بعد ويهي ۽ بدن جي آرام واري حالت ۾ تشهد پڙهي:
(تشهد کي با اعراب سان لکو) ............................
٢_ جيڪڏهن تشهد وسري وڃي ۽ اٿي بيهي ۽ بعد واري رڪعت ۾ رڪوع کان پهريون ياد اچي ته واپس ويهي تشهد پڙهي ۽ نماز کي جاري رکي ۽ نماز کي پورو ڪري پر جيڪڏهن رڪوع کان بعد ياد اچي ته نماز کي پورو ڪري ۽ سلام پڙهڻ کان بعد تشهد جي قضا ڪري ۽ احتياط واجب جي بنا تي به سجده سهو انجام ڏئي.[٢٧٢]

## سلام

١_ نمازيءَ کي گهرجي ته هر نماز جي آخري رڪعت ۾ تشهد کان بعد سلام پڙهي نماز کي پورو ڪري.
٢_ سلام جو واجب مقدار هيٺين جملن مان ڪنهن به هڪ جملي کي پڙهڻ آهي.
(پويان ٻه سلام اعرابن سان لکيا وڃن)
٣_ مستحب آهي انهن ٽن سلامن کان پهريون هي سلام پڙهيو وڃي
(پهريون سلام لکيو وڃي)

---

[٢٦٨] ساگيو م ١٠٩٣
[٢٦٩] ساگيو م ١٠٩٦
[٢٧٠] ساگيو م ١٠٩٦ ڪجھ فقهاءَ جي فتوا مطابق جيڪڏهن ريڊيو يا لائوڊ تان سجدو واريون آيتون ٻڌي تڏهن به سجدو واجب آهي.
[٢٧١] ساگيو م ١٠٩٧
[٢٧٢] ساگيو م ١١٠٢ ڪجھ فقهاءَ جي فتوا مطابق ٻهرين صورت ۾ به نماز جي پوري ٿيڻ کان بعد به سجده سهو انجام ڏئي

**ترتيب**

١_ نماز کي هن ترتيب سان پڙهڻ گھرجي : تکبيره الاحرام، قرائت، رکوع،سجود، ۽ ٻئي رکعت ۾ سجدن کان بعد تشهد پڙهجي ۽ آخري رکعت ۾ تشهد کان بعد سلام ڏجي.
٢_ جيڪڏهن نماز جو رکن وسري وڃي ۽ بعد وارو رکن انجام ڏئي مثال رکوع وسري وڃي ۽ بعد ۾ ٻه سجده انجام ڏئي ڇڏي[٢٧٣] ته نماز باطل آهي.[٢٧٤]
٣_ جيڪڏهن کو رکن وسري وڃي ۽ ان کان بعد جيکا شيءِ رکن ناهي ان کي انجام ڏئي مثال ٻن سجدن کان پھريون تشهد پڙهي ته پھريان رکن انجام ڏئي پوءِ جيکا پل ۾ پڙهي ويو آهي وري ٻيھر پڙهي.[٢٧٥]
٤_ جيڪڏهن غير رکن وسري وڃي ۽ ان کان بعد رکن کي انجام ڏئي مثال الحمد وسري وڃي ۽ رکوع ۾ هليو وڃي ته ان جي نماز صحيح آهي.[٢٧٦]
موالات
١_ موالات يعني نماز جي اجزا کي هڪٻئي پنيان انجام ڏيڻ ۽ کو ٻه فاصلو نه اچڻ گھرجي.
٢_ جيڪڏهن نماز جي اجزا جي درميان ايترو فاصلو ڏئي جو ڏسڻ وارا چون ته نماز نه پڙهي رهيو آهي ته نماز باطل آهي.[٢٧٧]
٣_ رکوع ۽ سجود کي طول ڏيڻ ۽ وڏيون وڏيون سورتون پڙهڻ سان موالات تي کوبه اثرنتو پئي. يعني موالات باقي رهي ٿي [٢٧٨]

**قنوت**

١_ روزانه جي نمازون ۾ هر نماز جي ٻئي رکعت جي رکوع کان پھريون قنوت پڙهڻ مستحب آهي.

_ نماز جمعه ۾ هر رکعت ۾ هڪ قنوت هوندو آهي.[٢٧٩]

_ نماز آيات ۾ قنوت.

_ نماز عيد فطر ۽ عيد الاضحي جي پھرين رکعت پنج ۽ ٻئي ۾ چار قنوت آهن. ۽ نماز وتر جيکا هڪ رکعت آهي انهيءِ ۾ رکوع کان پھرين قنوت مستحب آهي.[٢٨٠]

٢_ قنوت ۾ کا به دعا يا ذکر پڙهڻ کافي آهي پلي هڪ دفعه سبحان الله چو نه هجي ۽ هن دعا کي به پڙهي سگھجي ٿو

دعا ربنا... کي تا ..وقنا عذاب النار. لکو

---

[٢٧٣] جيڪڏهن پھرين سجدي ۾ هجي ته احتياط واجب جي بنياد اٿي بيهي ۽ رکوع کي انجام ڏئي ۽ نماز کي پورو کري ۽ وري ٻيهر نماز کي پڙهي( توضيح المسائل، م ١٠٤٢)
[٢٧٤] توضيح المسائل ، م ١١٠٩
[٢٧٥] ساڳيو م ١١١٠
[٢٧٦] ساڳيو، م ١١١١ کجھ فقها جي فتوا مطابق هر واجب جي ڀلجڻ جي عيوض ۾ احتياط جي بنا تي ٻه سجده سهو انجام ڏيڻ گھرجن
[٢٧٧] ساڳيو م ١١١٤
[٢٧٨] ساڳيو م ١١١٦
[٢٧٩] ان جي تفصيل ٣٣ سبق ۾ ايندي.
[٢٨٠] توضيح المسائل م ١١١٧ ۽ ١٥١٢.

٣_ قنوت پڙهڻ وقت احتياط واجب جي بنا تي هٿن کي مٿي کڻڻ گهرجي ۽ مستحب آهي ته انهن کي ايترو مٿي ڪجي جو اهي منهن جي سامهون ٿين ۽ هٿن جون تريون آسمان طرف هجن.[٢٨١]

**نمازجي تعقيب**

مستحب آهي ته انسان نماز کان بعد تعقيبات ۾ مشغول ٿي وڃي يعني ذڪر، دعا ۽ قرآن پڙهي.

١_ بهتر آهي ته تعقيبات دوران قبلہ جي طرف منهن هجي

٢_ اهو لازم ناهي ته تعقيبات عربي ۾ پڙهجن پر سٺو اهو آهي ته جيڪو ڪجھ دعا جي ڪتابن ۾ حڪم ٿيل آهي اهي پڙهجن

٣_ حضرت فاطمہ زهرا جي تسبيح يعني ٣٤ دفعہ الله اڪبر ٣٣ دفعہ الحمد لله ۽ ٣٣ دفعہ سبحان الله پڙهڻ مستحب آهي.[٢٨٢]

---

[٢٨١] ساڳيو م ١١١٨.
[٢٨٢] ساڳيو. م ١١٢٢